شمارو ۲۱
سال ۲۰۱۸ع

# ڪينجهر

## (تحقيقي جرنل)

ISSN: 2077-902S

ايڊيٽر

ڊاڪٽر محمد انور نگار هَڪڙو

سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو
۲۰۱۸ع

شمارو ۲۱
سال ۲۰۱۸ع

# (تحقيقي جرنل)

ISSN: 2077-902S

ايڊيٽر

سنڌي شعبو
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو
۲۰۱۸ع

(هائير ايجوڪيشن طرفان منظور ٿيل)

شمارو: ٢١

سال: ٢٠١٨ع

ISSN: 2077-902S

# ڪينجهر

[ تحقيقي جرنل ]

ايڊيٽر

ڊاڪٽر محمد انور نگار هَڪڙو

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

# ڪينجهر

[ تحقيقي جرنل ]


ايڊيٽر: ڊاڪٽر محمد انور فگار هڪڙو

شمارو: 21

سال: 2018ع

تعداد: 500

قيمت: 200/-

ڇپائيندڙ: سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

ايڊريس: چيئرمين، سنڌي شعبو،سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.

اِي ميل: editor.keenjhar@usindh.edu.pk.

ٽيليفون نمبر: 022.9213181.9

ڪمپوزنگ: عبدالحڪيم سميجو

# ايڊيٽوريل بورڊ


**ڊاڪٽر فتح محمد برفت** — سرپرست
وائيس چانسلر، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

**ڊاڪٽر محمد انور نگار هَڪڙو** — ايڊيٽر
چيئرمين، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

**ڊاڪٽر قاضي خادم حسين** — ميمبر
ڊائريڪٽر، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر
سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

**ڊاڪٽر ادل سومرو** — ميمبر
سابق چيئرمين، سنڌي شعبو
شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

**ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ** — ميمبر
چيئرمين، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد

**ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي** — ميمبر
سابق چيئرمين، سنڌي شعبو
ممبئي يونيورسٽي، انڊيا

**ڊاڪٽر منوهر لال ٻي مٽلاڻي** — ميمبر
چيئرمين، سنڌي شعبو
ممبئي يونيورسٽي، انڊيا

**ڊاڪٽر جڳديش لڇاڻي** — ميمبر
پرنسيپال، ڊي. ٽي ڪاليج آف آرٽس، سائنس
اينڊ ڪامرس، الهاس نگر، انڊيا

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| • | پہ اکر | ڊاڪٽر انور نگار هَڪڙو | |
| 1. | شاھ لطيف جي سر ڪاموڏ جي پسمنظر ۾ ماڇر جي ٻولي ۽ ڪلچر | پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ | 01 |
| 2. | سنڌ ۾ پيداوار جا قدرتي وسيلا، آباديءَ جي واڌ ۽ معاشي عدم مساوات | ڊاڪٽر نور محمد شاھ | 11 |
| 3. | سنڌي ڪهاڻيءَ جو آڪاٽين کان سماجي حقيقت نگاري وارين ترجمو ٿيل ڪهاڻين تائين جو سفر: هڪ اڀياس | ڊاڪٽر نواب ڪاڪا | 21 |
| 4. | سنڌ ۾ قلندري سلسلي جو هڪ اهم جُز – ڌمال | ڊاڪٽر رشد الله 'مخمور بخاري | 36 |
| 5. | شاھ لطيف وٽ امن ۽ انسان دوستيءَ جو فڪر ۽ فلسفو | ڊاڪٽر فياض لطيف | 45 |
| 6. | ادب ۾ ترقي پسند نظريو | ڊاڪٽر ريحانہ نظير | 52 |
| 7. | منير احمد 'مانڪ' جي ادبي عظمت | مختيار احمد ملاح | 66 |
| 8. | آخوند عزيزالله مٽياريءَ پاران سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل قرآن مجيد ۾ سوره يوسف جي ترجمي جون خصوصيتون | حافظ حبيب الرحمن سيال | 78 |
| 9. | شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي شخصيت جو سندس خاندان تي علمي ۽ ادبي اثر | ڊاڪٽر انور نگار هَڪڙو<br>ڊاڪٽر حافظ عبدالغني شيخ | 86 |
| 10. | محمد رسول الله صہ (حضرت محمد صلعم جي حياتي جو احوال) سنڌي هندن جي سيرت نگاري | ڊاڪٽر جبين پنّو | 98 |
| 11 | سيد محي الدين شاھ "اعجاز راشديءَ" جي سُر سارنگ ۾ شاعري | سيد محمد اشرف شاھ<br>ڊاڪٽر نور محمد شاھ | 108 |
| 12 | ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ڪهاڻي | عائشہ حسين ڏاريجو | 122 |

# ٻه اکر

انتهائي خوشي، سان اظهار ڪجي ٿو تہ سنڌي شعبي، سنڌ يونيورسٽي پاران شايع ٿيندڙ تحقيقي جرنل 'ڪينجهر' جو ايڪيهون شمارو شايع ٿي، اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي. منهنجي ادارت ۾ سن 2012ع جي پندرهين نمبر شماري کان 'ڪينجهر' شايع پئي ٿيو آهي ۽ هي ستون شمارو آهي. ان کان اڳ ائون، نائون ۽ ڏهون شمارو بہ مون ئي ايڊٽ ڪيا هئا. انهن نمبر شماري جي اهميت ۽ افاديت اڄ بہ قائم آهي. بهرحال اها ڳالهہ اسانجي لاءِ وڏي اهميت واري آهي تہ موجوده ستن شمارن ۾ ٽيهترمفيد مقالا مختلف موضوعن تي شايع ٿي چڪا آهن. جي نہ فقط سنڌي شعبي جي اسڪالرن لاءِ اهميت جوڳا آهن پر سنڌ سموري جي لائبررين ۾ ۽ محققن وٽ مخزن طور سانديا پيا وڃن.

هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاڪستان وٽ منظور ٿيل هي ريسرچ جرنل اعليٰ تعليمي اداري سنڌ يونيورسٽي، جي ٻين جرنلن ۾ منفرد مقام حاصل ڪري چڪو آهي. هي جرنل ايچ اِي سي جي اصولن ۽ قاعدن موجب شايع ڪيو وڃي ٿو. هرهڪ مقالو جدا طور ٻن ماهرن ڏانهن تشخيصي راءِ لاءِ موڪلجي ٿو، جيڪڏهن ٻئي رايا مثبت اچن تا تہ مقالو اشاعت لاءِ منظور ڪيو وڃي ٿو، پر جيڪڏهن تشخيصي رايا مختلف اچن تا تہ پوءِ مقالو ٽئين ماهر ڏانهن پڻ موڪليو وڃي ٿو. تنهن کان پوءِ اڪثريت راءِ جي بنياد تي مقالو منظور يا خارج ڪجي ٿو. ان لاءِ تہ جيئن ڪنهن بہ غير معتدل راءِ جي آڌار نہ تہ ڪو بهتر مقالو اشاعت جي حق کان محروم ٿئي ۽ نہ ئي ڪو غير معياري مقالو اشاعت لاءِ منظور ٿي سگهي. ماهرن جي راين جو هر طرح احترام ڪيو وڃي ٿو، سندن تجويزن ۽ ڪيل درستين موجب مقالن کي سڌاريو پڻ وڃي ٿو. مقالن تي اسڪالرن جي محنت تحسين لائق آهي. ادارو مقالا نگارن جو مشڪور آهي ۽ گڏوگڏ ايڊيٽوريل بورڊ، ماهرن، استادن، ڊين آرٽس فئڪلٽي ۽ وائيس چانسلر جي همت افزائي لاءِ ٿورائتو آهي.

**ڊاڪٽر محمد انور نگار هڪڙو**

پروفيسر ڊاڪٽر غفور ميمڻ

# شاهه لطيف جي سر ڪاموڏ جي پس منظر ۾ ماڇر جي ٻولي ۽ ڪلچر

# LANGUAGE AND CULTURE OF 'MANJAR' IN BACKGROUND OF THE SUR KAMOOD OF SHAH ABDUL LATIF


## ABSTRACT:

Kamod word derived from the word "kam" devata, which is related to sexual phenomena. Sur kamod is one of thirty surs (chapters) of Shah jo Risalo these chapters describe the story of Noori Jam Tamachi. The story belongs with the 'kenjhar' lake which is situated at larr (the lower part of Sindh) almost the entire poetry of Shah Lateef Bhitai was influenced by accent of the larr.

In this research paper I have described the geography, culture and 'sur kamod' of larr (lower part of sindh). Noori Jam Tamachi is a famous tale of 'Samma' period when Jam Tamachi the ruler of sindh, falls in love with charming fisher woman 'Noori'. Research shows that sur kamod is divided in three parts. One is spontaneously love of Prince Jam Tamachi and humbleness of Noori second part is culture of the 'Manjor' (surrounding of Kenjhar Lake) shah expressed in his poetry all the mineral fruits of Larr and third part is syntax, phonetics and morphology of the lower part of Sindh.


لاڙ پٽ کي چئن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. مٿانهون، ميداني علائقو جنهن ۾ مٽياريون، هالا، ٽنڊومحمد خان، ماتلي ۽ بدين ضلعا اچي وڃن ٿا. هي علائقا، نهري پاڻيءَ تي آباد آهن. ٻيو ميداني-وچيون علائقو جيڪو ماڇر سڏجي ٿو جيڪو ڪينجهر جي آس پاس ،ساموئي بندر کان وٺي سجاول، ميرپوربٺورو دڙو ، ٻنون کان اهي ويندي جاتي تائين ڦهليل آهي، ڀر جاتي ڪڪرالي ۽ ماڇر جي سرحد آهي . تنهن ڪري چوندا آهن " جاتي ڪل جت , ماڇر ڪل ميهه " معنيٰ جاتي ۾ جت رهن ٿا ماڇر ۾ مهاڻا رهن ٿا . هن علائقي ۾ ڍنڍون، ڍورا ۽ سم ناليون موجود آهن.ڪنيجهر پاڪستان جي ٻيو نمبر وڏي ۾ وڏي ڍنڍ آهي جنهن جي ڊيگهه 24ڪلوميٽر آهي ۽ ڪل ايراضي 134.7 ڪلوميٽر آهي. ٽيون حصو ڪارو ڇاڙ يا ڪڪرالو آهي جيڪو جاتي جي سرحد کان سمنڊ جي پٽي جنهن ۾ ريڙهي مياڻ . سوڪي بندر ڪيٽي بندر سجڻ واري، ساڪرو چيچ جهان خان، کان چوهڙ جماليءَ تائين سرحدون

مثال:

تون سمو آهي گندري ، مون ۾ عيبن ڪوڙ
پسي ڪکين ڪوڙ. متان ماڳر مٽيين (ڪاموڏ)4

وري ٻئي طرف ڀٽائي صاحب 'مجر' جو لفظ استعمال ڪيو آهي

هيٺ جر مٿي مجر. ڪنڌيءَ ڪونر ٽڙن
وري واهوندن. ڪينجهر ڪتوري ڪِئو.(ڪاموڏ)5

هاڻي ماجر 'ماڳر' مان ڦري 'ماجر' ٿيو آهي. جيڪا ذات بہ آهي تہ علائقو بہ آهي پر مجر جي معنيٰ ساوڪ، سرسبز گاهہ ۽ وڻن جو ٻور ٻڌايو ويو آهي.

ماجر ۾ ننڍيون وڏيون تقريباً 50 کن ڍنڍيون آهن.جن ۾ ڪينجهر وڏي ۾ وڏي ڍنڍ آهي.

هن ڍنڍ جي شهرت نوري ڄام تماچي جي داستان جي ڪري بہ آهي جنهن کي شاهہ لطيف "سر ڪاموڏ" ۾ ڳايو آهي . چون ٿا ڪاموڏ اصل ۾ ڪامودا مان نڪتل لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڪام (sex) يا پريم وهيٺي ڪامودا ديپڪ راڳ جي پنجين زال آهي. 6 .هي راڳ. اڪثر ٻنپهرن کان ٽيهريءَ تائين ڳائبو آهي. هيءَ روايت مطابق هي راڳ رات جي پهرئين پهر کان ٻئي پهر تائين ڳائبو آهي. ديپڪ راڳ. اڪبر بادشاهہ جي دربار ۾ تانسين ڳائيندو هو جيڪو بادشاهي محل ۾ ماحول کي جوش، جنسي اڇل ( sexual excitement) پيدا ڪرائيندو هو. هاڻي سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ شاهہ انهيءَ داستان کي ڪاموڏ ڏانهن منسوب ڇو ڪيو. جنهن جو هڪ ئي سبب آهي تہ. ڪينجهر جي جن ڪنڌين يا ڀيٽن تي رات گذاري هوندي انهن محسوس ڪيو هوندو تہ. ڪينجهر تي چاندوڪي رات ۾ هڪ عجيب پراسرار لقاءُ ۽ سمان ٻنجي ويندو آهي. ڪينجهر جي پاڻي جي لهرن جو ساز . چاندوڪيءَ رات ۽ خاموشي هڪ ڪائناتي طاقت (Cosmos Energy) پيدا ڪري ٿي. توهان هن منظر کي محسوس ڪريو.

هيٺ جر مٿي مجر. پاسي ۾ وڻراهہ
اچي وڃي وچ ۾ . تماچي جي ساءُ
لڳي اتر واهہ. تہ ڪينجهر هندورو ٿئي.7

لاڙ ۾. ليار، گيدوڙا، ڏونئرا ۽ چار ٻ ٿئي ٿي. لاڙ جا اڪثر ماڻهو، گيدوڙن ۽ ڏونئرن جو ساڻاٿو وجهندا آهن جيڪو آچار کان مختلف هوندو آهي. چار کي عام طور سان ڪبڙ سمجهيو ويندو آهي پر اصل ۾ چار الڳ آهي ساڏوئي الڳ آهي ۽ ڪبڙ الڳ آهي. لاڙ ۾ صرف چار ٿيندي آهي. جنهن جا پن ننڍا ٿين منجهس مارچ جي مهيني ۾ "مڪ" ٿئي وري جولاءِ ۾ پيرون ٿين. پر ڪبڙ ۽ ساڏوهيءَ ۾ صرف پيرون ٿين.

لاڙ ۾ اڳ، پيرون گهر گهر ۾ تس ، ماٽي يا ڇپيءَ ۾ وجهي، مايون وڪڻنديون هيون. ڀٽائي تنهي جو الڳ الڳ ذڪر ڪيو آهي. مثال:

چارين نارين نيس ، آئون ڪيئن ويڙهه وساريان؟
ڏرڪن ٿيون ڏاتيليون، ڪلهن ڪارا ڪيس.
عمر ! ماري ميس، وِهان ڪيئن وطن ريءَ؟

(مارئي داستان 3 بيت 16)

وري ڪبڙ جو ذڪر هن ريت ڪيو اٿس.

ڪارا ڪبڙ ڏيهه ۾ ، ٻئا واريءَ منجهه وٿاڻ
ساٿين کي سيد چئي ، پريو ڏين پاڻ
عمر ايءَ اُماڻ، ثابت رکج سومرا.!

(مارئي داستان 3 . بيت 19)

وري ساڏوين جو ذڪر هن ريت ڪيو اٿس

تن ساڏوين سڌ مران، ڏنگا جنين ڏار
ڀٽي ساڻ پتارَ پائر پيرون چونديان.

(مارئي داستان 11. بيت 15) (14)

وري ڀٽائي 'مڪ' جو ذڪر الڳ ڪيو آهي.

عمر اسان جي ڏيهه ڏي ، ڦوڳن ڪيون ڦريون
مون جيڏيون ملير ۾ ميڙي مڪ وريون
پنوهارن پَريون، مونهان پوءِ مٿيون.15

لاڙ جي خطي ۾ مختلف ذاتيون، نسل، قبيلا رهن ٿا جيڪي ٿوري گهڻي فرق سان لاڙي لهجو ڳالهائن ٿا.

## صرفيات:

ماجر ۾ ڪيترائي لنظ اهڙا آهن جيڪي ٻين لهجن ۾ نہ آهن.

مثال طور: ولل. معنيٰ پنهنجي منهن بڪ ڪرڻ يا ٻي جي گلا پنهنجي منهن ڪرڻ.

ڏمر ڪتنيءَ ڏينهن، وينو وللين

مريون معنيٰ ڪارا مرچ

جاجڪ! تو جهان ڏهہ پيرا ڏياچ چٽي
جنهن ۾ مال نہ مريءَ جيترو. تنهن تون طمعدار
جي اچيتي ڪم ڪپار، تہ ويهہ پيرا وڍي ڏيئين.

(سورٺ)

سوئيرو معنيٰ سرمو.

پيندا معنيٰ پائيندا

جان تن ڪيو نہ تيئن .سوئيرياڻي سنهڙو
پرين پيندا ڪيئن توکي اکڙين ۾ (آسا)

آرڪٽين معنيٰ منهن مهاندي

هٿين پيرين آرڪٽين، منهن نہ مهاٽي
اصل هئي ان کي، اهل جاماٽي
سمي سجاٽي، بيڙو بڌس ٻانهن ۾.

(14/3 ڪاموڏ)

ڪينجهر کان سڄي لاڙ ۾ الف جو اچار اڪثر ڪري اتر ۾ حذف ٿيو وڃي مثال طور لوهار ڪنيار، پنهوار آچار وغيره. جيڪي اتر ۾ لوهر . ڪنير. پنهور. آچر اچاريا ويندا آهن شاهہ لطيف انهن کي لاڙي لهجي مطابق بيتن ۾ اچاريو آهي.

ڪاٽيءَ مَ ڪانئيو مُنيءَ مگر مَ ڏيو
هيڪر اجهايو ڏيئي ٻر لوهار جي.

(سسئي)

وري هي بيت ڏسو:

ڪي جو ڪنپارن مٿيءَ پائي منيو
تنين مان تر جيتريءِ جي پڻي خبر ڪرن
مي تان هوند مرن، اڱڻ اوراٿو ٿين.

(رپ)

نتيجو: شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ لاڙ پٽ جو نج لهجو استعمال ٿيل آهي، ساڳي وقت شاهه نوري ڄام تماچي جي داستان کي ڪينجهر ڍنڍ جي پس منظر ۾ ڳايو آهي جنهن ۾ ڄام تماچي نوري جي موهيندڙ حسن تي هر ڪجهي پوي ٿو. وري نوري جو نياز ۾ نوڙت ڄام تماچيءَ اچا وڏيڪ متاثر ڪري ٿي. سر ڪاموڏ ۾ شاهه نه صرف نوريءَ جي من موهيندڙ حسن جي ڳالهه ڪري ٿو پر اتي جي ڪاڏن، پاڻيءَ ۾ ٽيندڙ ميون جو به ذڪر ڪري ٿو جيڪي اتي جا ماڻهو عام ڄام ڪائين ٿا. اتي جي لهجي جي صوتياتي ۽ صرفياتي فرق کي شاهه هن سر ۾ بهترين طريقي سان شاعريءَ ۾ ڳايو آهي. هن سر پڙهڻ سان لاڙ جي لهجي خاص طور سان ماڇر جي علائقي جي لهجي کي سمجهي سگهجي ٿو.

حولا:


1. جعفراڻي عزيز، تاريخ سجاولي، محمد بن قاسم لائبرري سجاول. 1987ع ص 50.
2. آئين اڪبري جلد اول ابوالفضل مطبوعہ سنگ ميل پبليڪيشن لاهور 1990ع ص 1050
3. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، شاهه جو رسالو پٽ شاهه ثقافتي مرڪز 1977ع ص 197
4. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر ، شاهه جو رسالو سٽ وار سمجهاڻي استاد لغاري ، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد 2017ع ص 708.
5. ايضا ص 724
6.http://dic.sindhila.edu.pk/index.php?txtsrch=%DA%AA%D8%A7%D9%85%D9%88%DA%8F
7. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر ، شاهه جو رسالو سٽ وار سمجهاڻي استاد لغاري ، ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد 2017ع ص 724..
8. ايضا ص 720.

9. ايضا ص 720.
10. ايضا ص 716.
11. ايضا ص 712.
12. گنج (شاھ رسالو الف ب وار ترتيب سان) شاھ عبد الطيف ڀٽائي، ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي 2012 ص 712.
13. ايضا ص 713.
41. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر . شاھ جو رسالو سٽ وار سمجهاڻي استاد لغاري . ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد 2017ع
15. شيخ ٻانهون خان . شاھ جو رسالو شاھ عبد اللطيف ڀٽائي چيئر. يونيورسٽي آف ڪراچي. ڪراچي. اپريل 2002ع سر مارئي داستان تيرهون بيت 18. ص 470.
16. حافظ حبيب سنڌي ماجر . ڪڪرالي ۽ ڪاري جي ٻولي. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو 1992ع ص 42.
17. هي بيت شاھ جي ڪنهن به رسالي ۾ نٿو ملي پر سوڍي بگهياڙ جي پٽ شفيع بگهياڙ ذاتي ڪچهري ۾ ٻڌايو جيڪو تحقيق طلب آهي ته شاھ جو آهي يا نه؟ حوالو ذاتي ڪچهري اپريل 02 تاريخ 2019. گلشن حديد. ڪراچي.
18. هي بيت سر ڪاپائتيءَ جو آهي عام طور رسالن ۾ ڄَن لکيو ويجي ٿو پر لاڙي لهجي ۾ ڄن ڳالهايو ويجي ٿو. )ڄن ۽ تِن.(
19. نوٽ: باقي ٻيا بيت ٻانهي خان جي "شاھ جو رسالو" تان ورتا ويا آهن

ڊاڪٽر نور محمد شاھ

# سنڌ ۾ پيداوار جا قدرتي وسيلا، آباديءَ جي واڌ ۽ معاشي عدم مساوات

# NATURAL RESOURCES OF SINDH, GROWING POPULATION AND ECONOMIC INEQUALITY


## ABSTRACT:

In this paper I have discussed in principle on Natural Resources of Sindh, Growing Population, and Economic Inequality. I have stated that the Sindh has all the Basic Natural Resources which are sufficient to its natural population. Natural population of a nation cannot exceed to its natural resources because nature has fixed natural law of life and death to limit population as per resources. It is the unnatural population which grows with migrations creates population problems and causes shortage of resources.

Social and economical development of a nation is based on peace and stability in society, proper use of natural resources, having quality education with doingness power and a governing system of economic equality and social justice. It requires that Government should formulate and implement law to achieve all these targets. Government must stop migrations in Sindh and insure that natural resources are natural property of the Nation concerned and should be utilized to its people, so that each nation of the country could proceed to social and economical development and to the civilized life.


قدرت سنڌ کي رزق ۽ پيداوار جي سمورين نعمتن سان مالا مال ڪيو آهي. زرخيز ميدانن، سرسبز باغن، اوچن جبلن ۽ ريگستاني علائقن تي مشتمل هن سرزمين تي درياءَ، ڍنڍن، باراني نهرن، آبشارن ۽ سمنڊ جي صورت ۾ جيترا آبي وسيلا موجود آهن، اوترا ملڪ جي ٻئي ڪنهن به صوبي وٽ نه آهن. تيل، گئس، لوڻ، ڪوئلي ۽ اعليٰ معيار جي عمارت سازيءَ وارن پٿرن سميت هر ھڪ نعمت جا اڻ کٽ قدرتي ذخيرا هن ڌرتيءَ تي موجود آهن. وٽندڙ هوائون، خشڪ موسم، چيٽ ۽ ربيع جا هر جنس ۾ ڀرپور فصل، مال، کير، مکڻ، ماکيون، پلا، مڇيون، پکي ۽ هر قسم جون ڀاڄيون،

گل ۽ ميوا، اڻ ڪٿ تعداد ۾ سدا موجود آهن. ان کان سواءِ شهرن ۾ ٿورين گهڻين صنعتون بہ موجود آهن ۽ پرڏيهي واپار ذريعي شين جي آڻڻ ۽ نيڻ لاءِ سامونڊي بندر جون سهولتون موجود آهن. ملڪ جي ٻين صوبن کي سامونڊي بندر جي سهولت نہ هئڻ سبب اها سهولت ڪين سنڌ ميسر ڪري رهي آهي. ملڪ جو پرڏيهي واپار سڄو سنڌ جي معرفت ٿئي ٿو جنهن لاءِ سنڌ جا روڊ ۽ ريلوي مسلسل استعمال هيٺ انتهائي مصروف رهن ٿا. سنڌ جي پيداواري وسيلن جي مجموعي اپت جو اندازو ان حقيقت مان لڳائي سگهجي ٿو تہ چئن صوبن تي مشتمل ملڪ جي ڪل بجيٽ جو 65 سيڪڙو ادائگي هميشہ سنڌ ڪري ٿي.

سنڌ پنهنجي پيداواري ذريعن، آبي وسيلن، خوشگوار موسم ۽ سامونڊي ڪنارن سبب هميشہ اندروني ۽ بيروني آباديءَ جي ڪاهہ ۽ سياست جو شڪار رهي آهي. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ اقتصادي، سماجي ۽ سياسي مسئلن ۾ چڪناچور لڳي پئي آهي. مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪو بہ حقيقي قانون، حقيقي حڪمت عملي ۽ رٿابنديءَ صدين کان سنڌ ۾ نہ آهي. لاقانونيت ذريعي پاڙيسري ملڪن ۽ ملڪ جي ٻين صوبن منجهان ماڻهن جا ڪٽڪ هميشہ ايندا رهن ٿا. ملڪ جي قيام کان بہ اڳ ڪراچي کان لاهور پنڊي ۽ پوءِ پشاور تائين ريلوي لائين وڇائي وئي، جنهن سان افغانستان، ڪي.پي.ڪي ۽ پنجاب مان سنڌ ۾ ماڻهو ڊوڙڻ جو سلسلو شروع ٿيو جيڪو اڄ سوڌو بنا وقفي جاري آهي. حالت اها آهي تہ پنجاب ۽ پشاور کان روزانہ جيڪي نهايت ڊگهيو ٽرينون سنڌ ۾ اچن ٿيون، سي اهڙيون تہ مسافرن سان ڇڪار هونديون آهن جو سنڌ جي ڪنهن بہ ريلوي اسٽيشن لاءِ منجهن هڪ سيٽ بہ خالي نہ هوندي آهي. ساڳي حالت سنڌ جي روڊن تي چوويهہ ڪلاڪ هلندڙ اُنهن تيز رفتار بسن جي آهي، جيڪي پنجاب ۽ ڪي.پي.ڪي کان ماڻهو سنڌ ۾ ڊوئين ٿيون. اُنهن بسن ۾ بہ سنڌ جي ماڻهن لاءِ سفر جي تہ ڪا بہ گنجائش نہ هوندي اهي پر وڏي تعداد ۾ روڊ حادثا سنڌ ۾ اُنهن بسن جي رش ۽ تيز رفتاريءَ سبب ٿيندا رهن ٿا. سنڌ جي روڊن تي ٻي وڏي رش ملڪ جي ٻين صوبن ڏانهن تجارتي سامان ڊوئيندڙ اُنهن ڊگهين بار بردار گاڏين ۽ ٽڪن جي بہ آهي، جن جي بار ڀري کڻڻ جي ڪا حد مقرر نہ آهي، ايڏو وڏو بار ڀريو وڃي ٿو جو سنڌ جي ڌرتي ۽ پلون ڌڏنديون رهن ٿيون. نتيجي ۾ روڊ ۽ پلون هميشہ تباهہ آهن. ايتري قدر جو زمين ۾ لوهي سريا وجهي آرسيسي ڀري روڊ ٺاهيا وڃن ٿا، سي بہ ٿوري وقت ۾ ٽُٽي ويهي وڃن ٿا ۽ اکڙجي پون ٿا. ملڪ جي قيام کان اڳ ٻي ريلوي لائين ڪوٽڙي سنڌ کان ڪوئيٽيا بلوچستان تائين وڇائي وئي هئي، سا

پڻ تجارتي سامان جي رسائي ۽ بلوچستان جا ماڻهو سنڌ ۾ ڊوئي آڻڻ واري ڪم ۾ اڄ تائين مصروف آهي. ساڳي وقت ڪراچيءَ کان ڪوئيٽيا روڊ ذريعي مال جي رسائي ۽ ماڻهن جي آمدرفت پڻ جاري آهي. تنهن کان سواءِ جهازن وسيلي بنگلاديش، ڀارت، برما، ۽ دنيا جي ٻين ملڪن مان ماڻهواچ تائين سنڌ ۾ ايندا رهن ٿا. ورهاڱي وقت ۽ اُن کان پوءِ بہ بنگلاديش ۽ ڀارت جا ماڻهو سنڌ ۾ زمينون ۽ جائداد حاصل ڪرڻ خاطر ويڙها ۽ ڳوٺ لڏي سنڌ ۾ايندا رهيا آهن:

"1960ع جي جنوري مهيني ۾ بنگالي هارين جا 81 ڪٽنب سامونڊي جهاز وسيلي ڪراچي پهتا. هي ڪٽنب انهن 350 گهرانن ۾ شامل هئا، جن کي سنڌ منتقل ٿيڻو هو. هي ڪٽنب ورهاڱي وقت پاڪستان منتقل ٿيا هئا ۽ کين هتي اچا زمينون نہ مليون هيون. انهن پناهگير بنگالين رضاڪاراڻي طور اولهہ پاڪستان ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو هو. ان جي عيوض کين سنڌ جي مال غنيمت بڻايل زمين مان 10 هزار ايڪڙ ڪو ٽڙي بئراج جي علائقي ۾ ڏيڻا ڪيا ويا هئا. اهي ماڻهو جن جو سنڌ سان تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڪو واسطو نہ رهيو هو انهن کي اولهہ پاڪستان منتقل ٿيڻ جي عيوضي سنڌ جي زمين ڏني وئي."(1)

"پناهگيرن کي سنڌ ۾ 8 کان 12 ايڪڙ زمين بہ ڏني وئي. پناهگيرن کي هندستان ۾ ڇڏي آيل زمين (ڀهاني) عيوض، 250 کان 450 ايڪڙ زمين پڻ ڏني وئي".(2)

"ورهاڱي وقت سنڌي مسلمانن جي اٽڪل 25 لک ايڪڙ زمين هندو سيٺين وٽ گروي هئي. 1947ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ هڪ قانون پاس ڪيو جنهن موجب اهي گروي زمينون اصلوڪن مالڪن کي واپس ٿيڻيون هيون... ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي گورنر ان بل تي صحيح ڪرڻ کان نابري واري ڇڏي... ان جي نتيجي ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ هندن جي ڇڏيل 12 لک ايڪڙ زمين مان 4 لک 17 هزار ايڪڙ زمين پناهگيرن کي ڏني وئي."(3)

"سنڌ جي زمين انگريزن جي دور ۾ ۽ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪنهن کي ۽ ڪيئن ڏني وئي، ان جا وچور ملن ٿي نٿا. جڏهن تہ ون يونٽ لاڳو ٿيڻ کان پوءِ ٽن سالن دوران هڪ لک 53 هزار ايڪڙ زمين غير سنڌين کي ڏني وئي. 1958ع ۾ مارشل لا لڳڻ کان پوءِ ملڪ ۾ فوجي راڄ قائم ٿيڻ سان باقي زمين سڌي سئين غير سنڌين ۾ ورهائجڻ لڳي. 1958ع ۽ مارچ 1963ع وچ ۾ ورهايل زمين مان 2 لک13 هزار679 ايڪڙ زمين ٻاري آباديءَ کي ملي."(4)

اهڙيءَ طرح هڪ ته بي حساب ٻاهريان ماڻهو سنڌ ۾ آباد ٿيا آهن ۽ ٻيو ته ڪين سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين ڦوڪٽ ۾ ڏني وئي. ورهاڱي کان اڳ جيئن جاگيردارن کي وفادارين عيوض جاگيرون ڏنيون ٿي ويون، تيئن ورهاڱي بعد وري ملڪ جي سول ۽ نان سول شخصيتن کي سندن وفا دارين عيوض سنڌ جون زمينون ڏنيون ويون، جنهن سبب ملڪ جي ٻين صوبن منجهان ڪي ئي خاندان لڏي اچي سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ آباد ٿيا. ان کان سواءِ سنڌ جي وڏن شهرن جي ڪل جائداد جو مالڪ ڏارين کي بڻايو ويو ڪين مختلف شهرن ۾ نوان سيٽلائيٽ ٽائون ۽ ڪالونيون ناهي آباد ڪيو ويو. ائين آباد ڪاريءَ جو سلسلو اڄ سوڌو جاري آهي. اڄ سوڌو ڪي ئي بلڊر ڪمپنيون مسلسل طور رهائشي ڪالونيون، فليٽ ۽ گهر ناهڻ ۾ مستقل مصروف آهن. نتيجي ۾ سنڌ جا سڀ شهر چوطرف وڏي وڏي اري کان ئي ٻاهر نڪري ويا آهن. ڪراچيءَ جو شهر وڏي وڏي اچي هاڻ حيدر آباد سان لڳو آهي. سپرهاءِ وي جا ٻئي پاسا حيدرآباد تائين بلڊر ڪمپنين قبضي ۾ آڻي تعميراتي اسڪيمون تيار ڪري ڇڏيون آهن. پائنجي ائين ٿو ته ايندڙ 50 سالن ۾ ڪراچي ۽ حيدر آباد جا شهر جيڪي هڪ ٻئي کان 165 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي پري هئا سي ڳنڍجي هڪ ٿي ويندا. ساڳيءَ طرح ڪراچيءَ جو شهر، ٺٽي جي طرف ۽ بلوچستان واري پاسي وڌي رهيو آهي. سمنڊ واري طرف حد کان گهڻو اندر لنگهي ڊفينس ۽ ٻيا رهائشي علائقا تعمير ڪيا ويا آهن. هاڻي ته حڪومت، سنڌ جا ساموندي ٻيٽ به بلڊر ڪمپنين کي ڏئي ڇڏيا آهن، سو بلڊر ڪمپنيون سمنڊ ۾ به ڪاهجي پيون آهن. ٺٽي ۽ بدين واري ساموندي ڪنڌيءَ تي ذوالفقار آباد ۽ ٻين نالن سان سوين ايڪڙن جي ايراضيءَ تي جديد وڏن شهرن جي اڏاوت جون اسڪيمون تيار ٿي ويون آهن. ان کان سواءِ سنڌ جا سڀ وڏا ننڍا شهر آباديءَ جي دٻاءَ سبب پنهنجي حدن کان گهڻو ٻاهر نڪري ڦهلجي ويا آهن. هر شهر لاءِ باءِ پاس روڊ تعمير ڪيا ويا آهن پر هاڻي آبادي اُهي حدون به باءِ پاس ڪري وئي آهي. سنڌ جي ننڍين شهرن جي آباديءَ ۾ واڌ جو وڏو سبب ٻهراڙيءَ مان شهر ڏانهن لڏپلاڻ آهي، ڇوته ٻهراڙيءَ کي اڄ سوڌو تعليم، صحت، بجلي، گئس، روڊ رستن، امن امان ۽ ٻين بنيادي سهولتن کان محروم رکي، ماڻهن کي شهرن ڏانهن لڏڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي.

ورهاڱي کان به اڳ، ڪراچيءَ کان پشاور تائين ۽ ڪوئٽڙيءَ کان ڪوئيٽيا تائين ريلوي لائينون ۽ پوءِ روڊ. توڙي ورهاڱي کانپوءِ جو نقشو بين الاقوامي تجارت ۽ تهذيب جي ڳڏيل مقصد جي رٿا تحت وجود ۾ آيا ۽ اڄ سوڌو ان مقصد جي حڪمت عمليءَ

تحت استعمال هيٺ آهن. ڪراچيءَ جي بندرگاهه تي جيڪو تجارتي سامان پهچي ٿو تنهن کي هن ملڪ جي آخري حدن تائين پهچائڻ لاءِ اول ريلوي بار گاڏيون شروع ٿيون ۽ روڊن ٺهڻ کان پوءِ ٽرڪون ۽ ٻيون وڏيون بار بردار گاڏيون هلائڻ شروع ڪيون ويون. ساڳي وقت ماڻهن جي اچ وڃ لاءِ ريلوي ۽ روڊ جون سهولتون پيدا ڪيون ويون ته جيئن تجارتي ڪمن لاءِ ڪاروباري حضرات کي اچ وڃ جي سهولت به هجي ۽ ماڻهو ساموندي هوائن، روزگار ۽ تجارتي مفادن تي هرڪجي پاٽمرادو بندرگاهه واري شهر يا ان جي پر پاسي وارن ٻين شهرن ۾ اچي صارفين جي

حيثيت ۾ رهائش اختيار ڪن ته جيئن مال پري پهچائڻ واري گهل گهٽجي، خرچ گهٽجي ۽ فائدو وڌڪان وڌ حاصل ٿئي. ٻيو ته اهي ماڻهو جڏهن پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏيندا ته پنهنجي تهذيب کان به اُکڙجي ايندا، سو مخصوص شهري ڪالونين جي مصنوعي ماحول ۾ تيزيءَ سان بدلجندا رهندا ۽ ائين آسانيءَ سان گهربل مصنوعي رنگ اختيار ڪري ويندا. اِهوئي سبب آهي جو ملڪ جي ساموندي ڪنڌيءَ واري صوبي سنڌ جي مجموعي طور سڀني شهرن ۽ خاص طور بندر گاه واري شهر ڪراچيءَ جي آباديءَ ۾ گذريل هڪ صديءَ اندر ايڏي ته حيرت انگيز واڌ ٿي آهي جو پارهن پارهن ماڙ فليٽن جي اڏاوتن کان پوءِ به شهر وڌي وڃي هڪ طرف بلوچستان جي سرحدن کي لڳو آهي ته ٻئي طرف حيدرآباد، ٺٽي ۽ بدين کي ويجهو ٿيو آهي. اولهه کان وري سمنڊ ۾ ڪاهجي پيو آهي. ساموندي ڀيٽن تي جنهن نوعيت جا جديد شهر، رهائشي سوسائٽيون ۽ تفريحي مرڪز قائم ٿيندا، سي تجارتي مفادن سان گڏ مصنوعي ماحول قائم ڪرڻ واري مقصد کي به وڏي حد تائين پورو ڪندا.

آباديءَ جي ايڏي وڏي تعداد کي جيئڻ جا به اوڏائي وڏا جهنجهٽ ڏاج ۾ آهن. بي روزگاري، بدامني، بجليءَ جو بحران، گئس جو بحران، پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جو بحران، ڊرينيج نظام جو بحران، صحت ۽ تعليم جي نظامن جا بحران، روڊ رستن جا بحران، قانون ۽ انصاف جا بحران، حڪومت ۽ سياست جا بحران وغيره به اوتري ئي درجي جا آهن جيتري آباديءَ ۾ واڌ ٿي آهي. نتيجي ۾ ضمير فروشي، عصمت فروشي، جسم فروشي، ڪوڙ ڪرپشن، چور بازاري، ڌاڙا ۽ دهشتگردي به اوتروئي وڌي پيئي جيتري آباديءَ ۾ واڌ ٿئي پيئي. ذلت جي ان سفر ۾اصلوڪن وارثن جي وارثي ۽ وقار ختم ٿيندو پيو وڃي، شل انت ائين نه ٿئي ته وارثيءَ جي دعوا ڪنهن وٽ به نه رهي، مالڪي، وارثي ۽ مقصد عالمگير ٿي وڃي.

انساني آباديءَ جي واڌ جو سوال هڪ لحاظ کان ڏاڍو ڏکوئيندڙ بہ آهي. ان ڪري جو هي سوال اسان مان هر هڪ جي وجود جي اضافيت، سماج تي بار ۽ ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ جي رمز جو احساس جو لڪائي رهيو آهي. ماڻهو گهڻا پيدا ٿي ويا آهن، ڪنهن جي جمڻ جي ضرورت هئي ۽ ڪنهن جو ڪپ ڪونہ هو سو ٺہ برابر ڪوئي ڪونہ ٿو چوي پر هرڪوئي شريف ماڻهو پاڻ مرادو پنهنجي وجود جي اضافيت تي شرمائڻ لڳي ٿو تہ جتي اڳيئي ماڻهن جي گهڻائي هئي، ڪو ڪپ ئي ڪونہ هو مورڳو حياتي هڪ مسئلو ٿي، هڪ بار ٿي سماج تي، هو ڏک ڪرڻ لڳي ٿو تہ اُتي ڇو اماڻيو ويس. هيڪاري ڳُهري پوي ٿو جڏهن انساني آباديءَ جي علم جي هڪ ماهر مالٿس جو مهڻو ويچار ۾ پويس ٿو تہ:

"The table of nature is laid for a limited number of guests and those who came un_invited must starve."(5)

(يعني: قدرت جي ميز محدود مهمانن جي انگ تائين رکيل آهي ۽ جيڪي بنا دعوت جي ايندا، انهن کي ضرور بکيو رهڻ گهرجي.)

رب العالمين ارشاد فرمايو تہ:

"اهي تنهجي رب جي رحمت ورهائيندا آهن ڇا؟ دنيا جي حياتيءَ ۾ سندن روزي سندن وچ ۾ اسان ئي ورهائي آهي"(6)

قومن جي سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ جو آڌار سندن علمي لياقت، ڪم ڪرڻ جي صلاحيت، محنت جي جذبي، پيداواري وسيلن جي ڀرپور استعمال ۽ هڪ معتدل ۽ مساوي معيشت واري نظام تي هجي ٿو. جڏهن تہ انساني حياتي ۽ نسل جي واڌ ويجهہ فطرت جو مقدس حياتياتي دستور آهي، جنهن جو توازن، ڄمر ۽ موت جي فطري قانون تحت رهي ٿو. فطرت جي تخليق جو عمل، فطري طور ئي حساب ڪتاب ۾ پورو هجي ٿو ائين نہ آهي تہ فطرت وٽ ڏرتيءَ جي ٽيبل تي رزق جو بندوبست تہ محدود آهي، پر ان جا تخليقي قانون ڪوانڌو وياءُ وهن ٿا پيا. فطرت صحيح ترين توازن ۽ تناسب ۾ عمل ڪري ٿي. فطرت جو دسترخوان وسيع آهي ۽ قدرت اهڙو ڪوبہ جيءُ نٿي خلقي جنهن جي رزق جو سامان، هن پنهنجي ڌرتيءَ جي مهمان خاني تي ميسر نہ ڪيو آهي.

رب العالمين جو ارشاد آهي تہ:

"زمين تي اهڙو ڪوبہ ساهہ وارو نہ آهي جنهن جو رزق خدا جي ذمي نہ هجي" (7)

قدرت انسان کي ڌرتيءَ تي مختلف قومن جي برادريءَ ۾ آباد ڪيو ۽ هر هڪ قوم کي پنهنجي ڌرتي، جاگرافي ۽ رزق جي وسيلن جو وارث بڻايو. رزق جا اهي وسيلا هر هڪ

قوم جي پنهنجي پنهنجي ماڻهن لاءِ سدائين اڪٺ آهن. جن تي قوم اندر سڀني ماڻهن جو مساوي قدرتي حق هجي ٿو. جيڪڏهن قومون پنهنجي پنهنجي فطري رزق جي دائرن تائين پاڻ کي پابند ڪن ۽ فطري مساوات موجب پنهنجي پنهنجي قوم اندر ماڻهن لاءِ رزق جي برابريءَ وارو معيشت جو نظام جوڙي رکن ۽ غير فطري طور هڪ قوم ٻيءَ قوم جي رزق جي حدن ۾ لنگهي استحصال نہ ڪريءِ قوم اندر هڪڙو ماڻهو پنهنجي رزق جي مساوي حق کان وڌي ٻئي جي حصي مان هڙدو هٽي نہ اجايو پاڻ وٽ گڏ ڪري ۽ قوم جي وسيلن جي پيداوار پوريءَ قوم جا ماڻهو پاڻ ۾ عدل ۽ مساوات سان تقسيم ڪن تہ قدرت جوان حساب ۾ ڪين ڏنل رزق ڪنهن لاءِ بہ ڪڏهن ڪٽڻ وارو نہ آهي. افسوس جو اسان نہ قومي دائرن ۾ فطرت جي قانون جي حدن جو احترام رکيو آهي ۽ نہ قومن جي اندر ماڻهن ۾ قدرتي رزق جي وسيلن کي مساوي رکيو آهي. حالت اِها ٿي رهي تہ هڪڙيون قومون ٻين قومن جي وسيلن ڦٻائڻ ۽ تهذيب اکيڙڻ لاءِ حرفت ۽ ارهہ زورائين ۾ مستقل سرگرم رهنديون اچن ٿيون. هڪڙا فرد ٻين فردن جا حق ڦٻائڻ ۾ مستقل سرگرم رهندا اچن ٿا. نتيجي ۾ هڪڙيون قومون امير ترين تہ هڪڙيون سڃيون ۽ سڪٽيون. هڪڙو فرد ڪروڙ پتي تہ ٻئي وٽ پئسو نہ آهي. هڪڙو جاگيردار ٿيو وينو آهي تہ ٻئي وٽ ويسو نہ آهي. افسوس اهو آهي تہ اسان اهڙي بي عدليءَ، ناحق ۽ عدم مساوات کي، هڪڙي غير فطري معاشرتي نظام جي صورت ۾ قانوني طور جائز ۽ قائم رکيو ٿا هلون. قدرت جي فطري مساوات جا قانون ڦٽا ڪري ڇڏيا اٿون ۽ پوءِ گمراهي، قدرت جي رزق جي تنگيءَ جي ٿا ڦهلايون. جيڪي قومون توڙي فرد استحصال ڪن ٿا ۽ ناجائز ذخيره اندوزي ڪريو وينا آهن، سي اها گمراهي ڦهلائي رهيا آهن تہ قدرت جي رزق جا وسيلا اڻ پورا آهن. فطرت جو دستور خوان سوڙهو آهي، ماڻهو پاڻ مرادو بي دعوت دنيا ۾ پڳا ٿا اچن. تنهنڪري جيڪي اڳ اچي چڪا آهيو سي هاڻ ٻين لاءِ دربند ڪريو ۽ پنهنجي مرضيءَ ۽ ضرورت تي ڪا داخلا ڪريو. خبردار! توهان پنهنجي خالق کي نہ سڃاتو آهي، توهان ئي قدرتي وسيلن تي قبضا ڪري ۽ ذخيره اندوزي ڪري غير فطري قلت ۽ قحط پيدا ڪيو آهي. توهان اهو ئي ڪائي مرنڌؤ جيڪو هوئن بہ جائز حق طور توهان کي حاصل ٿي سگهي ها. ٻيو سڀ هتي ئي ڇڏي مرنڌؤ جيڪو توهان هيچ ۽ بي ايمانيءَ ۾ ٻين جو رزق سيڙائي گڏ ڪري رکيو آهي.

اهو هن نظام جو ڏوھ آهي تہ غريب وڌيڪ غريب ۽ شاهوڪار وڌيڪ شاهوڪارٿيندو ٿو رهي. ذخيره اندوزي قدرتي مساوات جي خلاف آهي، جنهن کي ختم ڪرڻ اقتصادي اخلاقيات جو بنيادي فرض آهي.

ملڪيتن جا قبضا ڇڏائي، دولت جا پري رکيل پاندا پچي، قدرتي مساوات جي بنياد تي معيشت جو نظام جوڙيو وڃي. فطرت جا پيداواري وسيلا ماڻهن جي گڏيل ملڪيت ۽ ورثو آهن. انهن تي ٺڳي ٺڳي ٺڙڪيءَ ۽ ڏاڍ وسيلي فردن ۽ گروهن جي ٽيل ولار ۽ قبضا، هاڻ ختم ٿيڻ گهرجن. جيڪڏهن اسين گهرون ٿا تہ ماڻهن جا اخلاق سڌرن، ماڻهو ديانتدار هجن، سچ ڳالهائين، حرام نہ کائين، بکيا نہ هجن، بيروزگار نہ رهن، اڻ پڙهيل ۽ بيمار نہ هجن تہ اهو سڀ ڪجھ معاشي نظام تبديل ڪرڻ کانسواءِ حاصل ٿي نہ سگهندو. موجوده استحصالي نظام جي گرفت ايتري سخت آهي، جو انفرادي سطح تي ڪير بہ اهم ڪردار ادا نٿو ڪري سگهي، سڪٽيون ڳالهيون ۽ نصيحتون بہ ڪو ڪارج نٿيون ڪن.

آباديءَ ۾ واڌ غير فطري طرح ٿئي ٿي، قوم جي فطري آبادي ڪڏهن بہ پنهنجي وسيلن کان وڌي نٿي، ڇو تہ قومي آباديءَ ۾ سوس ۽ ڦونڊ جو فطري نظام (ڄم ۽ موت جو قانون) ڪارفرما آهي، جنهن ذريعي آبادي هميشہ فطري طور توازن ۾ رهي ٿي. پر آباديءَ جي واڌ جيڪا وسيلن تي بار بڻجي ٿي ۽ حالت فاقہ ڪشي ۽ خودڪشين تي وڃي پهچي ٿي، سا هڪ قوم جي ڌرتيءَ تي ٻيءَ قوم جي استحصال ۽ ٻاهرين لڏ پلاڻ ٿيڻ جي غير فطري عمل سبب ٿئي ٿي. سنڌ اهو صوبو آهي، جنهن ۾ ملڪ جي ٻين ٽنهي صوبن مان مستقل طور ماڻهن جي آمد رهي ٿي. سنڌ، ورهاڱي سبب هندوستان مان آيل سموريءَ آباديءَ جو بار قبوليو سنڌ کي بنگلاديش جي ماڻهن جو بار ڳچيءَ ۾ پيو سنڌ افغان پناھ گيرن جو وڏو بار برداشت ڪيو ۽ اڃا تائين سلسلو جاري آهي. سنڌ جي پنهنجي حقيقي آبادي تہ آدمشماريءَ واري رپورٽ موجب اڳي جي نسبت ۾ گهٽي آهي، پر سنڌ جي مجموعي آبادي اڳي جي ڀيٽ ۾ گهڻو وڌي آهي، اها ڳالھ پڌرو ڪري ٿي ڀيئي تہ آباديءَ جي هيءَ واڌ، سنڌ ۾ ٻاهرين لڏ پلاڻ سبب ٿئي ٿي. پر الميو اِهو آهي تہ سنڌ ۾ آباديءَ جي واڌ کي روڪڻ ۽اُن جا مسئلا حل ڪرڻ وارو ڪو بہ موثر قانون ئي ڪونهي. ڇو تہ آباديءَ جي هيءَ واڌ ۽ ان جا مسئلا دراصل صارفين جو ڏڏي تي تعداد وڌائڻ ۽ سنڌن رنگ بدلائڻ جي مقصد سان ٿين پيا، سو جيتيري آبادي وڌندي اوترو شين جو کاپو وڌندو جيترا مسئلا ۽ مشڪلاتون وڌندا، اوترو ماڻهو بہ بگڙجندا ۽ بدلجندا رهندا.

قدرت سنڌ کي رزق جي اڻ کٽ وسيلن سان مالا مال ڪيو آهي، جن کي پوريءَ طرح استعمال ڪرڻ جا تہ اڃا اسين اهل نہ بڻيا آهيون پر پوءِ بہ سنڌ پاڪستان جي ڪل آباديءَ جي بجيٽ ۾ 65 سيڪڙو هر سال ڏئي ٿي پيئي. سنڌ جي لڳ ڀڳ سموري ڌرتي، زرخيز ۽ آباديءَ جي لائق آهي، پر اسان اڃا تائين اُن کي پوريءَ طرح آباد نہ ڪري سگهيا آهيون. هڪ تہ پاڻيءَ جي غير فطري ڪوٽ سنڌ لاءِ پيدا ڪئي وئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هاڻي تہ آباد زمين بہ غيرآباد رهجيو ٿي وڃي. ٻيو تہ اسان اڃا تائين جديد زرعي ٽيڪنالاجيءَ ذريعي، سنڌ جي زمين لاءِ جوڳي رٿا بندي نہ ڪري سگهيا آهيون. ڪاڇي ۾ هزارين ايڪڙ زمين، غيرآباد رهجيو ٿي وڃي. ساڳيءَ طرح ڪوهستان ۾ هزارين ايڪڙ زمين، غيرآباد پيئي آهي، ٿر تہ برسات کان سواءِ ٻر رهي ٿو ۽ ڪڇي ۾ هاڻي ٻوڏ نہ ٿيڻ سبب هڪ فصل بہ پوريءَ ريت پوکي نٿو سگهجي. الائي ڪڏهن اسين پنهنجا قدرتي پيداواري وسيلا پوريءَ ريت استعمال ڪرڻ جي اهل بڻباسين؟! سنڌ ۾ تيل وڏي تعداد ۾ ملي ٿو پر اُن جي رڳو رائلٽيءَ جي حق کان بہ سنڌ محروم آهي، تيل ڪمپنيون مقامي مزدورن کي مزدوريءَ جو حق بہ نٿيون ڏين. سنڌ ۾ گئس وڏي تعداد ۾ ملي ٿو قيمتي پٿر ۽ ڪوئلو وغيره بہ ملي ٿو پر افسوس تہ اُهي رڳو نالي ۾ سنڌ جا وسيلا آهن.

سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ واسطي سڀ کان اهم، تعليم هوندي آهي. قوم وٽ ڀلي ڪيترا بہ وسيلا هجن پر سائنسي ۽ فني تعليم جي سچي سگهہ نہ آهي تہ ڪجهہ بہ نہ آهي. معاشي ۽ اقتصادي وسيلا ڪيترا بہ هجن، پر جي هڪڙا آزاد نہ آهن ۽ جيڪي آزاد آهن انهن جي استعمال ڪرڻ جي سگهہ، قابليت ۽ فن موجود نہ آهي تہ سڀ بيڪار ٿيا. وسيلا هجن پر ساڳئي وقت علم، فن ۽ محنت بہ هجي. هي ڏوڙ،

سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو آهي. دنيا جي قومن، سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ ذريعي تمدن ۽ معيشت ۾ وڏي ترقي ڪئي آهي، پر اسان جو حال اڃا تائين هٽن تي آهي. سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ تحقيق ۾ اسان جو حال هيٺو آهي. محنت جو جذبو اسان ۾ مانو آهي. پيداواري وسيلن کي پوريءَ ريت ڪتب آڻڻ لائق نہ بڻيا آهيون. معتدل ۽ مساوي معاشرتي نظام تہ سچي دنيا ۾ ئي ڪٿي نہ آهي. مطلب تہ اڃا تائين اسان جي سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ جا سيئي بنياد ڪمزور پيا آهن. مثال وري سنڌ ۾ غير فطري آباديءَ جي ٻوڏ، سنڌ جي سماجي ۽ اقتصادي ترقي جا سڀ رستا ٻوڙي ڦِٽا ڪيا آهن. سنڌ ۾ هاڻي عام ماڻهوءَ جي جياپي لاءِ وڏيون مشڪلاتون پيدا ٿي پيون آهن، ماڻهو جيئڻ تان آهو ڪٽي پاڻ کي جيئري ساڙي، ٻاري ۽ ڦاهي ماري رهيا آهن. جتي تعليم جو معيار

ڪريل هجي، صحت جي حالت خراب هجي، امن ۽ اخلاق جو نالو ئي نہ هجي- معاشري ۾ حسد گهٽو هجي، نفرتون وڌي ويون هجن، بي اطميناني ۽ بدگماني چوٽ هجي، بيروزگاريءَ مهانگائي، ڦرون ۽ بم ڌماڪا هجن تہ اُتي اهڙي جيئڻ جي جهنجهٽ کي زندگي نٿو چئي سگهجي.

سنڌ جي اِنهن بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ قانون ۽ انصاف واري نظام جي ضرورت آهي. هڪ اهڙو نظام جيڪو سنڌ جي تهذيب جي ترقي ۽ سلامتيءَ واري مقصد سان ڪم ڪريءَ جيڪو سماج ۽ معيشت جي مسئلن کي حق ۽ انصاف جي بنياد تي مستقل طور نبيرڻ جي صلاحيت رکي، جيڪو پنهنجي پيداواري وسيلن جي مالڪيءَ جو فطري حق پاڻ وٽ محفوظ رکي سگهي، جنّهن وٽ آباديءَ[7] جي حساب سان معتدل بجيٽ جي ضمانت هجي، جيڪو مصيبتن کي دور ڪرڻ ۽ ضرورتن جي پورائي لاءِ خود مختياريءَ سان عمل ڪري سگهي.

## حوالا


1. ميمڻ، نصير، "ڏاري آبا د ڪاري ۽ سنڌ جو مستقبل"، سنڌ رائيٽرس اينڊ ٿنڪرس فورم www.sindhsalamat.com، ص 23
2. ايضا، ص 18
3. ايضا، ص 20
4. ايضا، ص 21
5. باريجو مشتاق، مسرور "آباديءَ جو اپياس" حيدر آباد، نسيم بڪ ڊپو سال 2008، ص62
6. قرآن مجيد، سنڌي ترجمو: تاج محمد امروٽي،حيدر آباد، اسرا قرآن اڪيڊمي، ڇاپو پهريون،سال 2013ع، سورت: الزخرف: 32/43 ص 786.
7. قرآن مجيد، اردو ترجمو: سيد ابوالاعليٰ مودوديءَ لاهور، ادارو ترجمان القرآن، ڇاپو ٽيون، 2009ع، سورت: هود 6/11 ص 417.

ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

# سنڌي ڪهاڻيءَ جو آکاڻين کان سماجي حقيقت نگاري وارين ترجمو ٿيل ڪهاڻين تائين جو سفر: هڪ اڀياس

**Abstract.**

Translations are the major source for transformation of knowledge and information ,thoughts and forms are transferred from one language to another .through this different nations can understand eachother,translations can increase the literal knowledge within the Nation.Birtish period is known as foundation for modern Sindhi literature, during British period the prose got developed, the short story which are the important component of the literature .Earlier the fables were translated and then after the modern short stories were being translated, Translations were made from English,Urdu,Persian and Hindi languages, then Sindhi short story writers represented their surroundings and social conditions in their short stories.

In this research paper a careful analysis has been made through the fables to modern short story during British period which helps to understand the history of short story translation.

جديدسنڌي نثري ادب جي باقاعده شروعات انگريزن جي دور (1843ع کان 1947ع) کان ٿي. جديد نثري صنفون فڪري نواڻ سان پڌريون ٿيون. هي دور غلاميءَ ۾ سخت چڪتاڻ وارو رهيو . مقامي ماحول کي سمجهڻ ۾ ان تي مڪمل قبضو ڪرڻ لاءِ انگريزن پاران اختيار ڪيل پاليسين سنڌ کي ڪافي فائدو ڏنو. علمي ادبي ترقيءَ سان گڏ روڊ رستا پليون. ريلوي جو نظام ۾ بيون تبديليون آيون. برطانوي دور ۾ خاص طور چيف ڪمشنر سر بارٽل فريئر( 1851 ع کان 1859ع ) جو دؤر سنڌ جي ترقي ۽ سڌاري جي حوالي سان اهم دؤر ثابت ٿيو.هن جي دؤر جو سڀ کان وڏو ڪارنامو سنڌي ٻولي لاءِ باقاعده رسم الخط (1853ع) جي تياري ۽ ان کان علاوه ٻوليءَ جي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ ترجما ڪرائڻ آهي. اهي ترجما بـ بارٽل فريئر جي چوڻ تي ٿيا. ترجمي ۾ اهڙيون اخلاقي ۽ سماجي نصيحتن تي مشتمل آکاڻيون. قصا ۽ ڳالهيون شامل هيون.

جن ۾ وقت جي حڪومت سان وفاداري ڪرڻ، اخلاق سڌارڻ، فتنو يا مزاحمت نہ ڪرڻ، صبر ۽ سهپ ڪرڻ جهڙا موضوع آهن. بارٽل فريئر اهڙن قصن کي ترجمو ڪرڻ جو حڪم ڏنو جيڪي هن پنهنجي برطانوي راڄ جي مضبوطي لاءِ بہ بهتر سمجهيا ۽ ساڻن وفادار طبقي جي لاءِ بہ انهن جي ضرورت محسوس ڪئي. ترجمي ڪرڻ لاءِ بہ اهڙا ماڻهو چونڊيا ويا جيڪي سرڪار جي ماتحت ڪم ڪندا هئا. جيئن سنڌيءَ ۾ پهرين آڪاڻي يا قصي کي ترجمو ڪندڙ غلام حسين قريشي آهي. "انگريزن جي صاحبيءَ جي شروعات ۾ ميان غلام حسين گورنمينٽ جي پاران ڏيهي رياستن مان پارسيءَ ۾ لکپڙهہ ڪندو هو." (1)

ترجمو هڪ اهڙو فن آهي جنهن ذريعي مترجم هڪ ٻوليءَ جي ثقافت ريتن رسمن کي ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ٿو جنهن ڪري سندس ڄاڻ ۽ مشاهدي جو دائرو وسيع هئڻ گهرجي. سنڌي ٻوليءَ جو اهم مترجم ولي رام ولڀ لکي ٿو: "مترجم نہ رڳو مختلف ٻولين جي ادب کي هڪٻئي جي ويجهو آڻي ٿو ۽ هڪ قوم جي ثقافت جي حاصلات کي ٻي قوم جي ثقافتي خزاني سان شناسائي ڪرائي ٿو ۽ پڙهندڙ تائين ادب جي رسائي ڪرائي ٿو بلڪ انسان جي خاطر جدوجهد ۾ انساني اخلاقيات کي نئون موڙ ڏيڻ ۾ حصو وٺي ٿو." (2) انگريز سرڪار جي حڪم مطابق سڀ کان پهرين ميان غلام حسين قريشيءَ 1854ع ۾ هڪ زميندار جي ڳالهہ، نالي سان پنڊت بنسي ڌر جي قصي تان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڪئي. هن ۾ زميندار جي زندگيءَ جي مختلف نيڪين، سچائي، اصول پرستي ۽ قاعدي جي پوري پابندي کي ڏيکاريو ويو آهي.

پنڊت بنسيڌر جي هنن آڪاڻين کي ترجمو ڪرڻ جو خاص مقصد هڪ زميندار کي ڏنل زمينداريون ايمانداريءَ سان هلائڻ ۽ حڪومت سان وفادار ٿي رهڻ نظر اچي ٿو. هنن آڪاڻين ۾ ڳوٺن ۽ علائقن ماڻهن جا نالا سنڌي ماحول مطابق رکيا ويا آهن. هنن جي ڪردار مان بلاشڪ ايمانداري ظاهر ٿئي ٿي. پر حڪومت ۽ ان جي وفادارن سان سهڻي هلت جون نصيحتون بہ منجهس نظر اچن ٿيون.

هي پهرين ڳالهہ/ آڪاڻي هئي جيڪا سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي هئي. هن آڪاڻيءَ بابت لعل سنگهہ آجواڻي لکي ٿو: "ترجمان سنڌي ماحول ۽ ڪردارن کي شامل ڪري پنهنجي ترجمي کي اصليت جو رنگ بخشڻ جي ڪوشش ڪئي. هن کي ايماندار صلح

پسند. چتر ۽ سچارڏيکاريو ويو آهي. يتيم ٻارن جي پلي خاطر پنهنجي اولاد جيان سندن پالنا ڪنديءَ هن پنهنجي نيڪ نيتي ثابت ڪئي."(3) بارٽل فريئر پاڻ هڪ سلجهيل ڏاهو هيو جنهن ماڻهن جي بغاوت ۽ ڪاوڙ کي ختم ڪرڻ لاءِ اهڙيون تحريرون ترجمو ڪرايون جنهن ۾ صلح پسنديءَ حڪومت سان سچائي ڏيکاريندڙن جي واکاڻ هئي. پنيي جي ڪردار جون ڳالهيون سنڌيءَ ۾ آڻڻ بہ اهڙي فڪر جي ڪڙي نظر اچي ٿي.

1854ع ۾ پکين ۽ ٻين جانورن جي آکاڻين تي مشتمل ٻيو ڪتاب "ايسپ جون آکاڻيون" ديوان ننديرام اسسٽنٽ ڪمشنر سر ايلس بٽرو سان گڏجي سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. ننديرام تاريخ معصومي جي ڪامياب ترجمي ڪان پوءِ سرڪاري طرح ٽرانسليٽر جي عهدي تي مقرر ٿيو.

سنڌي ٻوليءَ لاءِ لهندڙ الف ب واري ڪاميٽيءَ جو بہ ميمبر هو پنهنجو ذاتي اسڪول بہ هلائيندو هو ماڻهن تي سندس علم ۽ دانش جو اثر هو. سندس عبارت بہ نهايت وڻندڙ آهي. ان صاحب دنيا جي مشهور ڪتاب Esopes Fable جو سنڌيءَ ۾ ترجمو انگريز عملدار سان گڏجي ڪيو. ڪتاب جي شروع ۾ ايسپ جو تعارف ڏنو ويو آهي. ظاهر ۾ ڳالهيون پکين، جانورن ۽ جيتن جي زباني آهن، مگر سڀ نصيحت جا نڪتا آهن جن جو سڌو سنئون واسطو انساني سماج سان آهي. هن ڪتاب ۾ ٻہ سئو ستر هن آکاڻيون آهن. هر آکاڻيءَ جي آخر ۾ آکاڻيءَ مان نڪرندڙ نصيحت ۽ پيغام ڏنل آهي، ايسپ جيئن تہ هڪ غلام هو جنهن ڪري، اميرن، طاقتور سياستدانن ۽ ظالمن ۽ لالچين جو سڌو بيان ڪرڻ بجاءِ جانورن جي آکاڻين ذريعي زماني جا حقيقي تجربا بيان ڪيا آهن. مختلف جانور، شينهن، گدڙ لومڙ، بگهڙ وغيره جيڪي بہ پنهنجي پنهنجي مختلف حيواني جبلتن جي ڪري پنهنجي سڃاڻپ رکن ٿا. ائين مختلف انساني سماج جا چڱائي ۽ برائي عقل ۽ دانائيءَ جا قصا انهيءَ مناسبت سان جانورن جي ڪردار سان ملائي پيش ڪيا ويا آهن.

1855ع ۾ سيد ميران محمد شاهہ( اول )پنڊت بنسي ڌر جي قصي "ڪيڏي ۽ سيڏي" تان سنڌيءَ ۾ "سڌا توري ڪڌا توري جي ڳالهہ" ترجمو ڪئي. غلام حسين قريشيءَ جي پنيي واري ڳالهہ سان گڏ هن جو تذڪرو ڪيو ويندو آهي. چا ڪاڻ تہ ساڳئي نيڪ جي اصلي آکاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ عام رواجي ڪردار آ هن. ڪردار

پنهنجي نالن مان ئي پڌرا آهن. سڌا ترو سُپت ڪندڙ ۽ ڪڏا تورو ڪُپت ڪندڙ آهن. هن آڪاڻيءَ ۾ ٻن ماڻهن سمهابي ۽ امهابي جي پٽن سڌاتوري ۽ ڪڌاتوري جي ننڍپڻ کان تعليم تربيت کان ويندي نوڪري تائين جو قصو آهن.

ڪردار فرض شناس ۽ چيو مجيندڙ کي عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ويو آهي. ان جي ڪاميابين کي بيان ڪيو ويو آهي. ٻيو ڪردار ڪاغذن ۾ هيرا ڦيري سان گڏ سماجي طرح بہ برائين ۾ ڦاٿل ڏيکاريو ويو آهي. جنهن جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو وجي قيد ۾ ٿو پوي. لعل سنگهہ آجواڻي هن بابت لکي ٿو: "ان ۾ ٻن ٻالڪن جي مشابهت ڪيل آهي. سُڌاتورو وڏو ٿي ڪري نيڪ ۽ وڏو ماڻهن بڻجي ٿو ۽ ڪُڌاتورو بداعمالن ۾ ڦاسي ٿو ۽ جيل ٿو پوڳي."(5) هنن ابتدائي آڪاڻين ۽ قصن جي ترجمن کي جديد ڪهاڻي توڙي ناول جي شروعاتي پس منظر ۾ ڇاڻايو ويو آهي. پر انهن جديد صنفن جو فن ۽ ٽيڪنڪ بلڪل مختلف آهي. صرف ڳالهہ واري انداز سبب ناول يا ڪهاڻيءَ واري پس منظر ۾ هنن کي نٿو آڻي سگهجي. هنن جي اهميت صرف شروعاتي قصن ۽ آڪاڻين جي ترجمي جي ڪري ۽ ان پويان مقصد جي ڪري آهي.

هن دؤر جو ٻيو وڏو اهم ترجمو مرزا قليچ بيگ جو آهي. "1890ع ۾ مرزا قليچ بيگ مشهور Lambs tales from Shakespeare جو ترجمو "دلپسند قصا" نالي سان ٻن ڀاڱن ۾ ڇپايو."(6) هن ترجمي ۾ مرزا صاحب شيڪسپيئر جي مشهور قصن کي ٻن ڀاڱن ۾ ترجمو ڪيو. پهرئين ڀاڱي ۾ اٺ قصا آهن. ٻئي ڀاڱي ۾ بہ اٺ آهن. ڪُل 16 آڪاڻيون آهن: سيني قصن جو موضوع سماجي، اخلاقي ۽ نصيحت وارو آهي. ڪردارن جو عمل نيڪي ۽ بديءَ جي عمل ۽ نتيجي تي مشتمل آهي. جيئن انگريزن جو هن سڄي دؤر جي تحريرن طبعزاد توڙي ترجمن ۾ سڄو زور سماجي اخلاقي سڌارو رهيو. اهڙن قصن ۽ آڪاڻين جي ڪردارن کي ترجمو ڪري پيش ڪيو ويو جن جو جهڙو عمل تهڙو آخر ۾ نتيجو ڏنو ويو آهي. نيڪ ۽ ايماندار هر حال ۾ آخر ڪامياب ۽ سرخرو – بدڪار ۽ ڪوڙو آخر ۾ رُسوا، خوار ۽ شرمسار ٿئي ٿو. هنن قصن ۾ ڪٿي مافوق الفطرت ڪردار بہ آهن. جن ۾ ڏائڻيون وغيره جيئن طوفان قصي ۽ مئڪبيٿ وغيره ۾ اهڙا ڪردار موجود آهن. هنن ڪهاڻين جي ڪردارن لاءِ ڊاڪٽر تهمينہ مفتي لکي ٿي: "ڪهاڻين جا ڪردار پنهنجي سڀاءَ ۽ فطرت ۾ سچا ۽ تصوراتي آهن. سماجي ۽ طبقاتي جوڙجڪ جي تاريخ کي بيان ڪيو ويو آهي. وليم شيڪسپيئر

گذريل صدين جي تاريخ ۽ سماج جي خوبين ۽ خامين تي قلم کنيو آهي."(مفتي 2009ع)(7) شيڪسپيئر جي هنن ڪردارن ۾ هئمليٽ مئڪبيٿ, روميو جوليٽ وغيره نيڪي ۽ بديءَ جي علامت آهن. هر ڪردار پنهنجي عمل مطابق نتيجي تي پهچي ٿو. مرزا قليچ بيگ جي بين آکاڻين جي ترجمن ۾ عربي قصن تان لبا خان درزي ۽ خليفو ڪهنگ اهم آهن. 1894ع ۾ سوپراج هاسارام جو سيا جو سينگار شايع ٿيو جيڪو سنسڪرت جي مشور ڪتاب پنج تنتر تان ورتل هو جيڪو عربيءَ ۾ ڪليلہ ودمنہ جي نالي سان ترجمو شايع ٿيل هو. هن ڪتاب جا ٽي ڇاپا ادبي بورڊ شايع ڪرايا آهن. آخري ڇاپو 1992ع ۾ شايع ٿيو آهي. دنيا جي هرسڌريل ٻوليءَ ۾ هن ڪتاب جو ترجمو شايع ٿيل آهي. هندستان جي مشهور فيلسوف بيدبا جو جوڙيل آهي. هن ڪتاب جي فارسي ترجمي انوار سهيلي تان انوار چنبيلي نالي سان محمد بخش واصف بہ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. سوپراج جو ترجمو سليس ۽ وڻندڙ آهي. ڪتاب جي ديباچي ۾ سوپراج ڪتاب جي مقصد کي بيان ڪندي لکي ٿو: "منهنجو هن لکڻ مان خاص مطلب نہ رڳو فهمائش ڏيکارڻ جو آهي, پر هي بہ ڏيکارڻو اٿم تہ آکاڻيون مڙئي آکاڻيون آهن. پر هنن آکاڻين جي سرسائي هن ڳالهہ ۾ آهي, تہ تواريخ وانگر هلندڙ آهن ۽ وچ ۾ طرحين طرحين پنگتي خواهہ راج نيتي جا اتفاق ۽ ڳالهيون اچن ٿيون, جي آکاڻين کي مزو ٿيون وٺائين. بعضي بعضي تہ نهايت چڱو تات پرج ڏيکارين ٿيون." (آڏواڻي,21/1992ع) (8) ڪتاب ۾ ڪُل چار باب آهن.جن ۾ ڪل 31 اکاڻيون شامل آهن. جاٺايل سمورين آکاڻين ۾ سماجي, اصلاحي, اخلاقي, حڪمت ۽ دانائي ۽ ڏاهپ جي ڳالهين وارو پهلو نمايان آهي. آکاڻين ۾ شامل ڪردار انسان, جانور, پکي ۽ جيت وغيره آهن. نيڪي بديءِ ڪوڙ نگي, سياڻپ, وسيع سوچ ۽ دانائي جي نڪتن کي مدنظر رکيو ويو آهي. شروع ۾ انسان زرعي زندگيءَ ۾ حيوانن سان تمام ويجهو رهيو آهي. انهن جي عادتن ۽ اطوارن کي محسوس ڪيو آهي. انهن کي علامت بڻائي اصل ۾ سڀ حقيقتون ۽ ڪردار صرف انسانيت جي ڀلائي ۽ ان جي اصل روپ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ خلقيا ويا آهن. اصل ڪتاب جيان ڳالهہ مان ڳالهہ نڪري ٿي. ترجمي ۾ زبان جي سلاست جو خيال رکيو ويو آهي. هنن آکاڻين جو جديد ڪهاڻيءَ سان ڪو تعلق نٿو جُڙي, مگر ترجمي ۾ آکاڻين سان ئي شروعات ٿي ۽ شروعاتي ڪهاڻي ان طرز تي لکڻ جو رواج پيو. هر ڪهاڻيءَ ۾ اصلاحي نتيجي کي

ڪهاڻيءَ جا ڪردار گهريلو سماجي مسئلن کي پيش ڪيو ويو آهي. پسند جي شادي ۽ ماءُ پيءُ جي طرفان طئي ڪيل شاديءَ وارو مسئلو اچ بہ آهي ڪهاڻيڪار بد ڪردار انسان کي انجام تي پهچايو آهي. بيگناهہ کي سوڀ ڏني آهي. ڪردارن ذريعي سماجي حقيقت نگاريءَ جا مختلف پهلو روشن ڪيا ويا آهن . ڪردار پوڳين ٿا. اصول نٿا ڇڏين. سماج جي لاهين چاڙهين ۾ پاڻ سنڀالي هلن ٿا. آخر ۾ منزل تي پهچن ٿا. ڪردار فطري اصولن بجاءِ ليکڪ جي اصولن جو بوجھ ڪٽي هلن ٿا.
تنهي ڪهاڻين ۾ عورتن جا آدرشي ۽ خوددار ڪردار نظر اچن ٿا. گهرو ۽ سماجي مسئلن ۾ ورتل آهن. پر جدوجهد. حق سچ ۽ ايمانداري. عزت ۽ غيرت کي ڪنهن بہ حال ۾ نٿا ڇڏين. بدڪردار بہ آهن. هين جا حق کائيندڙ پر آخر انصاف ٿئي ٿو. هنن ڪهاڻين مان سماج جي چڱن توڙي بُرن ڪردارن جي عمل ۽ نتيجي کي ظاهر ڪيو ويو. هي ڪهاڻين جي ترجمي وارو اهڙو دؤر هو جنهن ۾ اهڙيون سماجي حقيقت نگاريءَ تي لکيل ڪهاڻيون اجان شايع نہ ٿيون هيون.

ڪتاب جي مهاڳ ۾ جڳتراءِ ايسرداس هين سماج سڌارڪن سان ديوان صاحب جي زندگي جي مقصد کي بيان ڪندي لکي ٿو "ديوان ڪوڙيمل ۽ متين ست پرشن جي اهائي ڪوششءَ چاهنا هئي تہ ديس جون پنگتي اوٽايون دور ٿين. گهرن مان گهپي ڪلڪل نڪري وڃي گهرو جيوني سک سمپتي واري ٿئي. ننڍن گلڙن ۾ سنا سنسڪار وجهجن. جو هو وڏي هوندي ديس جا گهڙا پريندڙ ٿين ۽ آدرشي جيون گذارين." (جڳتراءِ 1946ع) (11)ڪوڙومل جي اهڙين ڪوشش جي ان وقت توڙي بعد ۾ نقادن ۽ پڙهندڙ طرفان مجتا ڏني وئي. ترجمي جي هن لهر ۾ دنيا جي ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ شروع ٿيون. 1914 ۾ تهلرام نارائڻيءَ "نل دمينتي" ڪهاڻي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪئي سنڌي ساهت سوسائٽي ماهوار رسالي ۾ شايع ٿي. هن آکاڻيءَ جي ترجمي واري مقصد کي بيان ڪندي تهلرام لکي ٿو: "اڄ ڪالهہ جيڪي پستڪ نڪرن ٿا سي گهڻو ڪري طلسم ۽ عياريءَ سان ڀريل نظر اچن ٿا. ڏرمي پستڪ خير ڪو نڪري ٿو انهيءَ نظر سان مان هي ننڍڙو پستڪ پرش چا استري ٻڍي جا ٻالڪ جي پڙهڻ لاءِ پيٽ رکان ٿو اميد تہ پڙهندڙ گڻ گراهي ٿي منهنجي طوطلي ٻوليءَ کي نہ ڏسي، رڳو پستڪ جو لاڀ وٺي لکندڙ جو اتساهہ وڌائيندا.(12)

هن آکاڻيءَ ۾ مذهبي خيالن جو اظهار ڪيو ويو آهي. هيءَ آکاڻي راجا نل ۽ دمينتي جي ڪردار جي خوبين ۽ وچوڙيءَ شيطاني طاقتن جو مقابلو وغيره کي ظاهر ڪري ٿي، چاڻ هنر ۽ فن کي بہ ڪهاڻيءَ ۾ آندو ويو آهي.
هندستاني حالتن جي پس منظر ۾ لکيل شريمتي گهوشال جي ڪهاڻي "بلور" 1920ع ۾ آسانند ماموراءِ ترجمو ڪئي. گِرڌاري ڪرپالاڻي اهو پهريون هندستاني آهي جنهن ٽئگور جي قائم ڪيل اداري شانتي نڪيتن ۾ تعليم حاصل ڪئي. مٿس ٽئگور جي فڪر ۽ فسلفي جو اثر نظر اچي ٿو. 1927ع ۾ هن رابيندر ناٿ ٽئگور جي ڪهاڻين جو مجموعو ترجمو ڪيو هي ترجمو نئين سنڌي لائبريري جو ڪتاب نمبر 37 آهي ۽ بلئو تسڪي پريس حيدرآباد جو ڇپايل آهي. هن مجموعي ۾ چار ڪهاڻيون آهن. (1) گُپت ڌن (2) گهر جي چڪ (3) ڪڪو ديوان (4) ماستر صاحب. گِرڌاري ديباچي ۾ پنهنجي ٽئگور سان واقفيت جو احوال هن طرح لکي ٿو "سن 1913ع ۾ مان ڏهن ورهين جو هئس، ماڻتن سري رويندر ناٿ ٺاڪور جي سڪول شانتينڪيتن ۾ ودِيا پراپت ڪرڻ لاءِ موڪليو اهڙي ننڍي اوسٽا ۾ شاعر جي شان وڏائي جو تہ خيال ڪونہ پيو دنيا ليکي زماني جو اوليا ۽ قوي پر اسان وديارٿين واسطي مربي ۽ ماستر."(13) ٽئگور جون ان زماني ۾ بيون پڻ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ترجمي ذريعي سنڌي ۾ آيون. ٽئگور جون بيون مشهور ڪهاڻيون هن مجموعي کان علاوه جيڪي سنڌي ۾ ترجمو ٿيون انهن ۾ گونگي ڪنوار مترجم منگهارام ملڪاڻي 1924ع، ڪابوليوالا مترجم گِرڌاري ڪرپالاڻي ۽ پِڪارڻ مترجم هري آشا اهم ۽ ڪرداري ڪهاڻيون آهن.
گونگي ڪنوار ۾ ٽئگور هڪ پيدائشي گونگي نياڻيءَ جي ڪردار جا درد بيان ڪيا آهن. ڪابوليوالا ڪهاڻي گِرڌاري ڪرپالاڻي بين ڪهاڻين جيان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪئي آهي. هڪ گهورڙئي پڻاڻ جا احساس آهن. ان کان علاوه پِڪارڻ ڪهاڻي جيڪا هري آشا ترجمو ڪئي، هڪ پنندڙ عورت جيڪا عام طور لالچي ۽ خودغرض ٿيندي آهي، پر هيءَ انڌي پِڪارڻ مختلف ڪردار جي مالڪ آهي. ٽئگور زندگي جي مختلف ۽ انفرادي رنگن روپن کان واقف هو. انسان جي من جي نازڪ خيالن ۽ اپرندڙ درد جي سيسراٽن کي محسوس ڪرڻ جي منجهس سگهہ هئي. ڪيترائي اهڙا منفرد ڪردار پنهنجي تحرير هيٺ آندائين، ڪردار نگاري جي فن ۽ اصولن مطابق سماج جا منفرد ڪردار بہ سندس تحرير هيٺ رهيا.

جيئن ٽئگور جون ڪهاڻيون گِرڌاري ترجمو ڪيون آهن، تيئن ٽالسٽاءِ جي جي ڪهاڻين جي مجموعي کي شيوارام ياڳچند لالا سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي.

1937ع ۾ شيوارام لالا روسي ڪهاڻيڪار ليوٽالسٽاءِ جي ڪهاڻين جي ٽي ڀاڱا ترجمو ڪيا جيڪي سنڌو ساهت منڊل طرفان شايع ٿيا. شيوارام لالا پاڻ بہ هڪ قابل استاد ۽ مذهبي خيالن وارو هو "شيوارام ورهاڱي کان اڳ، جيڪب آباد جي ميونسپل هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر هو ۽ اصل روهڙي جو ويٺل هو" (ميمڻ 1966/37ع) (14) شيوارام لالا سنڌي رسالي ۾ اڳ بہ ٽالسٽاءِ جا افسانا ترجمو ڪري شايع ڪرائي چڪو هو. هينئر سندس ڪجھ وڏيڪ ڪهاڻيون گڏ ڪري مجموعي جي صورت ۾ شايع ڪرايائين جن کي سنڌ سرڪار درسي ڪتابن طور منظور ڪيو.

آخري ٽن گڏيل ڀاڱن کي سنڌو ساهت منڊل طرفان شايع ڪيو ويو. ٽالسٽاءِ کان لالا گهڻو متاثر هو ڪهاڻين جي مقصد ۽ ترجمي جي حوالي سان لکي ٿو: "مهاتما ٽالسٽاءِ جي مغربي جسم اندر مشرقي روح موجود هو. مون ڪوشش ڪري سندس مشرقي خيالن کي قدري هندستاني لباس پهرائي وقتي سنڌي صورت پئي ڏني آهي. جن اصولن تي هن ڪتاب اندر آيل آکاڻين جو تاڃي پيٽو مڙهيل آهي، سي ڪنهن بہ خاص ملڪ يا خاص ڌرم جي دائري کان مٿي وسون ڌرم (سڀني ڌرمن جي روح) سان واسطو رکن ٿا."(15)

پهرئين ڀاڱي ۾ ٽالسٽاءِ جي جيون ڪهاڻي ۽ اٺ ڪهاڻيون شامل آهن. جيون چرتر ۾ ٽالسٽاءِ جي زندگي ۽ فڪر جو مجموعي احوال ڏنل آهي. سندس شروعاتي ڪتابن ۾ "ڪوسڪ" جنهن ۾ هن پنهنجي ئي حياتيءَ جا مختلف پهلو چٽيا هئا. چاليهن سالن جي عمر ۾ سندس مشهور ڪتاب War and Peace (جنگ ۽ صلح) ڇپيا، جنهن کيس ادب جي دنيا ۾ مشهور ڪيو. ان کان علاوه "اينا ڪرينا" بہ سندس مشهور تصنيف آهي.

ٽالسٽاءِ اهو ڪهاڻيڪار آهي جنهن جي ڪهاڻين جي ڪردار ۾ گهٽين جاين تي هو پاڻ آهي. پنهنجي تحريرن ۾ عمل ۽ مقصديت تي زور ڏئي ٿو تن کي تسيا ڏيڻ سان گڏ سزائون بہ ڏنائين ائين ڪردار کي ٿاهيندي فنا بقا جوسفر پورو ڪيائين. پهرين ڀاڱي ۾ جنهن ۾ پهريون مضمون سندس جيون چرتر هو ان کان علاوه ان ۾ 8 آکاڻيون شامل آهن.

1928ع ۾ ميلها رام منگترام "قومي آڪاڻيون" نالي ترجمو ٿيل ڪهاڻين جو مجموعو شايع ڪرايو. پرٽ پريس حيدرآباد سنڌ طرفان سندر ساهتيہ پستڪ جي سري هيٺ شايع ٿيو. هن مجموعي ۾ مختلف ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون ميلهارام ترجمو ڪري شايع ڪيون آهن. مجموعي ۾ ڪُل 10 ڪهاڻيون شامل آهن. پهرين ڪهاڻي "راڻي سارنڌا" منشي پريمچند جي آهي. هي دؤر قومي سجاڳي ۽ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جو هيو. آزاديءَ جي جنگ، بلوں ڪئٽ انڊيا تحريڪون هڪ ئي سلسلي جون ڪڙيون هيون. ديس سان وفا ۽ محبت ڏارين جي قبضي مان جان آزاد ڪرڻ جا جتن هلي رهيا هئا. مجموعي ۾ اهڙا ئي منظر، مقصد ۽ ڪردار نظر اچن ٿا. هن ڪهاڻيءَ ۾ پريمچند مغلن جي دؤر ۾ هڪ آزاد پرڳڻي جي راجا چمپت راءِ ۽ راڻي سارنڌا جي ڪردار کي پيش ڪيو آهي.

ان بعد "لڪل لعل" ڪهاڻي 1920ع ۾ هلندڙ قطع تعلقات جي تحريڪ جي پس منظر ۾ لکيل آهي. "گناهہ جو اگن ڪنڊ" ڪهاڻي ۾ معمولي ڳالهہ تان ٿيل قتل ۽ ان تان ٻن خاندانن جي اجڙڻ جو قصو آهي. پنهنجي قولن کي پورو ڪندڙ راجپوت ڪردار آهن. سندس گهر وارين پڻ ستيءَ جي رسم ادا ڪندي باهہ جي مچ ۾ داخل ٿين ٿيون. گناهہ جو نتيجو ڏاڍو خطرناڪ نڪتو ٻن بهادر جوانن جون حياتيون ضايع ٿيون.

"پاءِ پيڻ" ڪهاڻيءَ ۾ پاءِ شيام پيڻ سروجني، خاطر قرباني ڏئي ٿو جو سندس گهروارو مدن ڦُر جي ڪيس ۾ گرفتار ٿيو هو هڪ انگريز ميڊم ڪان ان جا زيور ڦرڻ ۽ ان تي چاقو اُلارڻ اهو ڏوهہ مدن ڪيو هو مگر پنهنجي پيڻ جو سهاڳ بچائڻ خاطر ڏوهہ پنهنجي سِر تي کنيائين. انگريز سرڪار ڪيس چوڏهن سال ڪاري پاڻيءَ جي سزا ڏني هئي. اها اهڙي ۽ ايتري سخت هئي جو هاڻي شيام جو موٽڻ محال هو. سروجني پاءِ جي اهڙي قربانيءَ جو ٻڌي بيهوش ٿي ويئي.

"لوڻ جو داروغو" ڪهاڻي پريمچند جي آهي، ميلهارام سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪئي آهي. ڪردار نگاريءَ جو خوبيون منجهس نظر اچن ٿيون. بنسيڌر هڪ ايماندار لوڻ جو داروغو آهي، ٻئي پاسي محمد دين هڪ وڏي هلندي پڄندي وارو رئيس ، ڪورٽون، ٺاڻا، وڪيل آفيسر سڀني تائين سندس رسائي آهي. سڀ سندس جي حُضوريءَ ۾ پورا آهن. اتي بسنيڌر اصولن ۽ ايمانداريءَ کان ڪم وٺي محمد دين کي لوڻ جون ٻوريون

آڌيءَ رات جو چوري ڪٺائيندي گرفتار ڪرائي ٿو. ڪردار غير معمولي عمل ڪندي پنهنجي انفراديت ظاهر ڪن ٿا.

"قوم جي قدمن ۾" سُدرشن جو افسانو آهي. پنجاب جي راجا رنجيت سنگهه جي اعليٰ ڪرداري خوبين تي مشتمل افسانو آهي.

"باري گناهه" ڪهاڻي بہ سُدرشن جي ئي لکيل آهي. مهتاب راءِ ظاهر ۾ هڪ عزتدار آهي پر راتيون بازارِ حسن ۾ گذاري ٿو ايڪسيڊنٽ ۾ تارا نالي بازارِ حسن جي عورت سندس جان بچائي ٿي. هوءَ چاهي ٿي تہ سيٺ سندس لاءِ ڪو روزگار جو پلو ڪري تہ پاڻ هي پاپ جي زندگي ڇڏي ڏئي. پر سيٺ ائين نٿو ڪري، وري ساڳي طرح بازار حسن ۾ راتيون گذارڻ شروع ٿو ڪري . ٻئي طرف تارا بہ شريف نظر ايندڙ ڪردارن جي اصليت ڏسي واپس بازارِ حُسن ۾ اچي ساڳيو ڌنڌو ڪري ٿي.

"راءِ بهادر" ڪهاڻي اصل رابيندر ناٿ ٽئگور جي آهي. لالچي ڪردار انگريزن کان ظاهر لقب حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجي قومي غيرت ۽ ديس واسين کي وساري ٿا ڇڏين. ڪندن لعل جو بہ اهڙو ئي ڪردار آهي. سندس گهرواريءَ جون پيڙون کيس سجاڳ ڪري قومي فرض ياد ڏياري سندس سُتل ضمير کي سجاڳ ڪن ٿيون. هن مجموعي جي آخري ڪهاڻي "تاريخي آڪاڻي انارڪلي" آهي جيڪا سميدر ناٿ گپتا جي لکيل آهي. هن مجموعي کان علاوه آشا ساهت منڊل طرفان ڪيترائي طبعزاد ۽ ترجمو ٿيل مجموعا شايع ٿيا.

"پنج ڪهاڻيون" نالي سان مجموعو ساڳئي منڊل طرفان 1943ع ۾ شايع ٿيو هن مجموعي ۾ پنج ڪهاڻيون شامل آهن. جن ۾ هڪ ڪهاڻي "لکيو ڪينَ ٽريو" طبعزاد آهي. جيڪا امر لعل هنگوراڻي جي آهي . باقي چار ترجمو آهن. پهرين ڪهاڻي "اهو پٽر" نالي سان شايع ٿيل آهي. اصل هنديءَ ۾ رويندر ڪمار جي لکيل آهي. سنڌيءَ ۾ نانڪ هنگوراڻي ترجمو ڪئي آهي. ڪهاڻي ۾ هڪ بيواهہ جي ڪردار جو چٽ چٽيل آهي. دبيل محبت. دک جي ماري عورت جي ڪردار جي هڪ تصوير هن ڪهاڻيءَ ۾ سمايل آهي.

ٻي ڪهاڻي "سمنڊ جو سنان" نالي سان آهي. مني ماٽڪيمر نرسنهراءِ جي لکيل آهي. سنڌيءَ ۾ ديو سيائيءَ آندي آهي. گهر ۾ ٻارن کي سنڀاليندڙ ماءُ جي ڪردار جي اهميت تي لکيل آهي. ٻيءَ گهڻي ڪوشش باوجود ٻار سنڀالي نٿو سگهي. ماءُ سمنڊ

جي سنان تان جيسين واپس اچي ٻار روئي پنهنجو حال ٻه وڃائن ٿا تہ پيءُ جو ٻه حال وڃائن ٿا.

"بيک" ڪهاڻي اصل فرانس جي مشهور ڪهاڻيڪار موپاسان جي لکيل آهي، سنڌيءَ ۾ نانک هنگوراڻيءَ ترجمو ڪئي آهي. هڪ جهوني فقير کي پنج فرنٽک بيک ڏيڻ تان هي ڪهاڻي شروع ٿئي ٿي.ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار سماجي لاهن چاڙهن ۾ ورتل ڏيکاريا ويا آهن. ٻي ايل هنگوراڻي، آشا ساهت منڊل طرفان ٻيو ترجمو ٿيل مجموعو 1942ع ۾ ٻيون "آکاڻيون" نالي سان 1946ع ۾ ترجمو ٿيو. هن مجموعي ۾ پنج آکاڻيون آهن . جن ۾ ٻه اردو تان ۽ ٽي هندي تان ترجمو ٿيل آهن. هي اهو ئي سخت ڪشمڪش قومي سجاڳي ۽ آزاديءَ واري هلچل جو دؤر آهي، جنهن وقت هي ڪهاڻيون لکيون ان بعد ترجمو ٿيون آهن. ڪهاڻين ۾ اهڙي جهلڪ موجود آهي، ٻهرين ڪهاڻي "شمشان ڀومي" نالي سان آهي، اردو ڪهاڻيڪار اختر حسين رائيپوري جي لکيل آهي، نانک هنگوراڻيءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪئي آهي، شمشان ۾ هڪ غريب قومي ڪارڪن جنهن انگريز فوج ۽ سنڌس همدردن جي سامهون مقابلو ڪيو هو ديس جو جهنڊو هٿ ۾ هوس، پنتي نہ هٽيو حملي وقت ڪيترائي ميدان ڇڏي ڀڄي ويا، هن سيني ۾ گولي کاڌي اڄ شمشان ڀوميءَ تي سندس لاش کي چتا ۾ جلايو ويو. پيءُ کي پٽ تي فخر آهي، ٻئي پاس سرڪار هن جي آخري رسمن ۾ شرڪت ڪندڙ کي ٻه غدار سمجهي ٿي. گولي ٻه سرڪار جي لڳي ٿي پر ڏوهہ گولي هڻڻ واري جو نہ پر کائڻ واري جو. پيءُ کي اهو جهنڊي جو ٽڪر ملي ٿو جيڪو هينئر رت ۾ رڱيل آهي، اهڙين حالتن ۾ ڀومي ديس واسين لاءِ جڻ شمشان گهاٽ بڻيل آهي.

ٽي ڪهاڻي "انڌي" جي نالي سان آهي، هي ڪهاڻي ٻه اردو مان ترجمو ٿيل آهي. ڪهاڻيڪار جو نالو ڄاڻايل ناهي، ترجمو ڪندڙ ڏيال ٽي دودواڻي آهي، هن ۾ هڪ جائي ڄمر کان انڌي ڇوڪري جي درد ڪٿا کي پيش ڪيو ويو آهي."سڌانت" ڪهاڻي ٻن مختلف فڪرن ۽ تحريڪن سان وابستہ نوجوان ناري ۽ جوان جي ڪردارن جي ڪهاڻي آهي، مارٿا سوشلسٽ ساميواد تحريڪ جي اڳواڻ آهي، ڪارل ساميواد جي ڪٽر دشمن تحريڪ جو اڳواڻ پر پوءِ ٻہ ٻنهي جي دوستي، محبت ۽ همدردي ذاتي حيثيت ۾ آخري دم تائين برقرار آهي.خوني جهيڙي ۾ ٻئي پنهنجي پنهنجي ٽولي جي اڳواڻي ڪري رهيا هئا. مارٿا کي گولي لڳي، ڪارل ڊوڙي وڃي

مارٿا کي ڪنيو ڪيس بچائڻ چاهيو پر مارٿا ڪيس ائين ڪرڻ کان روڪي ٿي ڇو تہ متان ڪارل کي سندس ساٿي مون سان همدردي ڪرڻ جي ڪري غدار نہ سمجهن. پر ڪارل کي ان ڳالهہ جي پرواهہ ناهي. مارٿا وهندڙ خون تي ڪارل جي هٿل پٽي ڇوڙي ڇڏي ٿي ۽ گهڻي رت وهڻ سبب بچي نہ سگهي. هيءَ ڪهاڻي ڊاڪٽر ڏنيرام پريم جي لکيل آهي. سنڌيءَ ۾ ترجمو نانڪ هنگوراڻيءَ ڪيو آهي. ڪهاڻيءَ جا ڪردار فڪري طور مختلف هوندي بہ انسانيت وارو انس محبت ۽ همدردي برقرار رکن ٿا. ٻئي ڪردار نہ هڪ ٻئي کي پنهنجي فڪر يا تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ زور ڀرين ٿا نہ ئي ڪو ڪنهن کي گهٽ ڄاڻي ٿو. سندن دوستي ۽ محبت آخر تائين برقرار رهي ٿي.

عام طور تي ائين ناهي ٿيندو. ماٿهو الڳ تڏهن ٿيندو آهي جڏهن سامهون وارو سندس فڪر جو مخالف هجي. پر هتي ان جي ابتڙ ڪين هڪ ٻئي جو وفادار ۽ سچو دوست ثابت ڪيو ويو آهي. "صلح" ڪهاڻي هندي ڪهاڻيڪار شري رنبير پرڪاش سڪسينا جي لکيل آهي. سنڌي ترجمو ڪندڙ ڪرشن چينانند هيمراجاڻي آهي. زال ۽ مڙس جي وچ ۾ ان ڳالهہ تي اختلاف آهي جو مڙس آفيس ۽ سماجي ڪمن ۾ مصروف رهي ٿو ۽ گهرواريءَ کي وقت نٿو ڏئي. هڪ ٻئي کان دوري ڪين شديد احساس ڏياري ٿي. گهڻين پوئگنائن کان پوءِ پاڻ ۾ صلح سان رهن ٿا.

"هوءَ جيئري آهي" هندي جي ڪهاڻيڪاره شريمتي ستيوتي شرما جي اصل لکيل آهي. سنڌي ترجمو ديو سياڻي ڪيو آهي. غربت سبب پنهنجي ننڍڙي نياڻي پرتيپا جي لاءِ ڊاڪٽر پاران لکيل مهانگيون سيون خريد ڪري نہ سگهڻ سبب سندس موت واقع ٿئي ٿو. ان ڏينهن کان وٺي پيءُ بابا ڏيءَ جي تصوير ۽ ڪجهہ رپين جي ڳنڍ هٿ ۾ ديوانن جيان دربدر ڀٽڪندو رهي ٿو. اهي لفظ چوندو وتي ٿو تہ هوءَ جيئري آهي. ڪهاڻيءَ ۾ غربت ۽ مهانگائي جو سبب هلندڙ عالمي جنگ آهي. جنهن ڪري ملڪ ۾ هر شيءِ جي کوٽ پيدا ٿي آهي. شين جا اگهہ وڌي ويا. جنهن سبب زندگيون بک ۽ بيماريءَ جي ور چڙهي ويون. ڪهاڻي "1942ع" هنديءَ ۾ شريمتي ڪملا ترويڻي شنڪر جي لکيل آهي. سنڌي ترجمو ديوسياڻي ڪيو آهي. ڪهاڻيءَ جو موضوع آزاديءَ جي هلچل ۾ حصو وٺندڙ ڪردار جي حوصلا افزائي آهي. مالتيءَ جو ڪردار هڪ ديش سان محبت ۽ قومي تحريڪ ۾ حصو وٺندڙ هڪ اهم ناريءَ جو آهي. اهڙي ناريءَ جي شادي پوليس انسپيڪٽر اپيہ پال سان ٿئي ٿي. مگر پوءِ بہ هن جي اندر ۾

ديس سان محبت وارو جذبو برقرار رهي ٿو. آخر ڪار سندس گهروارو بہ مجبور ٿي پوليس جي نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏيئي قومي ڪم ۾ حصو وٺي ٿو.

هنن ڪهاڻين جي ترجمي جو زمانو سياسي ۽ تاريخي شعور جي اوسر وارو دؤر آهي. ديس سان محبت، انسان کي غلام بنائڻ يا ٻڌجڻ کان نفرت جو احساس ڏيارڻ، پنهنجي حقن ۽ آزاديءَ لاءِ عملي جدوجهد ڪرڻ باشعور طبقي جو مقصد ٻڻجي ويو.ادب جي محاذ تان اهڙين تحريڪن کي زور وٺايو ويو هو.عالمي سطح تي هلندڙ فڪري تحريڪن توڙي لاڙن جو اثر دنيا جي ادب تي ٿي چڪو هو. جديديت، ترقي پسند تحريڪ رومانوي تحريڪ، وجوديت، قوم پرستيءَ وارو لاڙو مقاميت نگاري وغيره جي اوسر ۽ اثر ادب تي نمايان طور رهيو اهڙي طرح سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ترجمي جي جيڪا شروعات هندي قصي پنيي زميندار جي ڳالهہ ۽ سُڌا توري ۽ ڪُڌا توري جي آکاڻين کان ٿي. وقت سان گڏ وگڏ عالمي ادب جون شاهڪار ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ اچڻ شروع ٿيون. مشرق توڙي مغرب جي نامور ڪهاڻيڪارن جو سماجي موضوعن تي لکيل ڪهاڻيون ترجمي جي ذريعي ادب ۾ آيون. گهڻي ڀاڱي ليکڪن آزاد ترجمو ڪيو آهي، ڪردارن، شهرن ۽ ملڪن جا نالا ساڳيا آهن. ٻوليءَ ۾ آزادي سان پنهنجي ٻوليءَ جي محاورن، چوڻين وغيره جو استعمال آهي.

1914ع کان سنڌي ساهت سوسائٽي جي رسالي آشا ساهت منڊل، نئين سنڌي لائبريري ۽ ٻين رسالن ۽ اشاعتي ادارن ترجمي جي ذريعي سنڌيءَ ۾ عالمي ادب مان ڪيترين ئي شاهڪارڪهاڻين ۽ ڪهاڻيڪارن جا مجموعا شايع ڪيا.اهڙي طرح عالمي فڪري نظريا ۽ لاڙا بہ متعارف ٿيا تہ طبعزاد تحريرن جي فن ۽ فڪر ۾ بہ تبديلي آئي.

### حوالا


1. ميمڻ خانبهادر محمد صديق ,2005ع سنڌ جي ادبي تاريخ بہ ڀاڱا.مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور.
2. ولي رام ولڀ، 2009ع سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل(شمارو چوٿون)سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد.ص51
3. آجواڻي لعل سنگهہ ,2007ع، سنڌي ادب جي تاريخ، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد.ص240

ڊاڪٽر رشد الله 'مخمور' بخاري

# سنڌ ۾ قلندري سلسلي جو هڪ اهم جُز - ڌمال

## DHAMAL- MAIN PART OF QALANDARI ORDER IN SINDH

**ABSTRACT:**

Hazarat Usman Mardwandi is called Qalandar in Sindh. Qalandari Order is also called Malamati (Curse-seeker) order. Person attached with this order remains aloof from worldly affairs. To control one's base wishes or longings, the beggary or curse-seeking way is adopted. At the mausoleum of Hazarat Usman Marwandi,Dhamal is performed as a custom. Dhamal is a kind of dance in this order, wherein, who perfom.s damal, wants to get into state of trance, which is like a practice to regulate negative thoughts and conditions. Through this the seeker gets intoxication (masti). State of intoxication, basically helps to unearth latent talents of human, because Masti kindles positive attitudes in the humans. Some constraints are incorporated in Damal, such as seeking, aloofness, Divine love, Love for Prophet PBUH, Tauheed and faith are essential. Under these restrictions the seeker through dance or Dhamal, searches his innate super capabilities and divine conditions.

انسان کي جڏهن خلقيو ويو تہ ان کان پهرين هيءَ سموري ڪائنات خلقي وئي هئي، جنهن جو مقصد هو تہ هن جهان ۾ سير ڪجي، ۽ ان لاءِ هي هڪ پورو جهان جوڙيو ويو. سُونهن، سچ ۽ سُرهاڻ جو سنسار قائم ڪرڻ جو بہ هڪ اهم مقصد هو ۽ جڏهن کان انسان هن ڌرتي تي آيو تڏهن کان هر لمحي هو ان کي پيو ڳولي، جيڪو ڪٿي بہ نہ هوندي بہ هر هنڌ موجود آهي، جيڪو ظاهر بہ آهي تہ باطن بہ! جيڪو غائب بہ آهي تہ حاضر بہ! معنيٰ تہ هو آهي بہ ناهي بہ، هو ناهي بہ، آهي بہ!! هاڻ اُن هجڻ ۽ نہ هجڻ جي فلسفي ۾ ئي 'هو' موجود آهي! انسان جڏهن کان هن ڌرتي تي آيو آهي، اُن لمحي کان ئي اُن هجڻ ۽ نہ هجڻ واري دليل کي ڳولي رهيو آهي. مثال طور: هوا جو وجود آهي پر اُن کي ڏسي نہ ٿو سگهجي، پر هو آهي. عقل جي ڪا بہ ساخت نہ آهي پر اُن جي باوجود اهو عقل ئي انسان کي سڀني مخلوقات ۾ افضل، اعليٰ، اُتم ۽ عزت وارو

ٻڌايو آهي. خوشبوءِ کي فقط محسوس ڪري سگھجي ٿو اُن کي ڏسي نہ ٿو سگھجي.
اهڙيءَ طرح 'خدا پاڪ' کي بہ محسوس ڪري سگھجي ٿو ڏسي نہ ٿو سگھجي!!
انسان شروع کان ئي ڳولا جي سفر ۾ آهي، پوءِ اُن سفر جا ڪيترائي انداز ۽ نمونا طالبن هٿ ڪيا آهن. پر سڀني جو بنياد هڪ آهي 1 :

اِک نقطي وچ گل مُکدي اي!

(بلھے شاہ)

سو اُن حالت ۾ طلب ڪندڙن جيڪي واٽون جوڙيون آهن. انهن جا بہ مکيہ رستا: هڪ صوفيت (2) ۽ ٻيو قلندري سلسلو (3) چوائين ٿا. انهن واٽن تي هلندڙن کي صوفي ۽ قلندر چئجي ٿو. هي ٻئي واٽون پاڻ ۾ ايتريون تہ ويجهو ويجهو هلن ٿيون جو انهن کي هڪ ئي واٽ سمجهيو وڃي ٿو پر جڏهن تہ ٻنهي جي منزل هڪ هجڻ جي باوجود ٻئي جدا جدا آهن.! ائين ڪٿي چئجي تہ صوفي جماليت پسند آهي ۽ قلندر جلاليت جو قائل!! يعني ٻھريون جمالي ۽ ٻيو جلالي!

**قلندري طريقو:**

قلندري طريقو بنيادي طرح جلالي طريقو آهي، جنهن ۾ نفس (خواهش) سان جهاد ڪيو وڃي ٿو. هن کي ملامتي طريقو بہ چئجي ٿو. جلاليءَ مان مراد، ظاهري ڪاوڙ نہ آهي بلڪ اندر ۾ ڪجھہ جهڙو نرم ۽ هر اُن عمل جي خلاف جيڪو عمل انسان ۽ خدا جي وچ ۾ وٿي وجهي ٿو (4). هيءَ ڪائنات، ڪنهن مقصد لاءِ تخليق ڪئي وئي آهي. قدرتي منظر، رنگ، خوشبو محبت، حُسن ۽ خود انسان، خدا جا بهترين تحفا آهن. اُن کان انڪار يا اُن جي نفي ڪنهن بہ صورت ۾ ڪري نہ ٿي سگھجي. اهو انڪار (نعوذ بالله) خدا جي مظهرن جو انڪار آهي. ڪائنات ۾ موجود سمورن مظهرن سان پيار ڪرڻ انسان جو فرض آهي. جيستائين اوهان انهن مظهرن سان محبت نہ ڪندا، اُن وقت تائين اوهان خدا سان محبت ڪري نہ سگھندا! هاڻ هتي سوال ٿو اُٿي تہ آخر دنيا کي عارضي چئي اُن سان دل نہ لڳائڻ جو چو چيو ٿو وڃي؟

انسان، روح (قُلِ الرّوحُ مِنَ اَمرِ رَبِّي) (5) ۽ جسم (مادي) (6) جي گڏيل صورت آهي(7) حقيقت ۾ روح ئي سڀ ڪجھہ آهي، روح واپس وڃي اُن ڪل ۾ جذب ٿيڻو آهي، جتان هو آيو آهي. يعني روح جڏهن ڪُل مان نڪتو تہ اُن کي ڪا صورت

ضرور ملڻي آهي ۽ اُها صورت انساني جسم آهي ۽ جڏهن اُن جو وقت يا مقصد ختم ٿئي ٿو تہ واپس پنهنجي اصل صورت ڏانهن موٽي ٿو. هن جو اهو مقصد نہ هجڻ گهرجي تہ مادي جي اُن محدود وقت لاءِ قائم ڪيل صورت ۽ اُن سان لاڳاپيل عنصرن سان انسان محبت نہ ڪري!

انسان ۾ جڏهن الله پاڻ مان روح ڦوڪيو تہ سمورن ملائڪن کي اُن جي آڏو جُهڪڻ جو حُڪم ڪيائين جن مان عزازيل انڪاري ٿيو (8) ۽ اهڙيءَ ريت، اقرار ۽ انڪار جي، نيڪيءَ ۽ بديءَ جي جنگ شروع ٿي. عزازيل انسان جي سرشت ۾ سمايل ڪمزورين کي خدا جي خلاف استعمال ڪرڻ جا جتن شروع ڪيا. اُهي ڪمزوريون جن کي اسين انسان جا ڪي مخالف عنصر ڪُٺي سگهون ٿا، جن کان بچڻ يا جن کي پنهنجي ضبط ۾ رکڻ لاءِ، انسان تي ڪي پابنديون بہ عائد ڪيون ويون آهن. انسان جا اُهي مخالف عنصر، ظاهر ۾ هي آهن: 1. حوس، 2. دولت (زر)، 3. ڪاوڙ 4. حسد، 5. لالچ.

حوس: خواهش، آرزو (جنهن جي پورائيءَ لاءِ انسان هر حد ٽپي وڃڻ بہ چاهيندو آهي. هي خواهشن جي حاصلات جي شيطاني ڪيفيت آهي، جيڪا هر طرح انسان لاءِ خطرناڪ آهي.

دولت: دنيا جو ڌن، مايا، زر زمين، پيسو جائداد ۽ ملڪيت.

ڪاوڙ: غصو اندر جي باهہ (خود غرضي يا پنهنجيءَ انا جي تسڪين خاطر انسان گهڻي ڪاوڙ غصي جو اظهار.

حسد: ڪينو ساڙ (ٻئي کي مليل / حاصل ٿيل ڪنهن بہ شيءِ کي برداشت نہ ڪرڻ واري حالت / ڪيفيت.

لالچ: حوس، گهڻي خواهش، گهڻي/جهجهي مال هٿ ڪرڻ جي سڌ (هن حالت ۾ بہ انسان پنهنجي پاڻ کي باطن ۾ نقصان ۾ وجهندو آهي.

انسان کي کائڻ، پيئڻ، پيار ڪرڻ، پنهنجو پاڻ وڻائڻ ۽ فطري خواهشن جون جبلتون عطا ڪيون ويون آهن. هاڻ اُن کي پورو ڪرڻ لاءِ انسان کي طريقا بہ ٻڌايا ۽ سمجهايا ويا آهن. هاڻ جيڪڏهن انسان اُن مقرر ڪيل معيار ۽ مقدار کان اڳتي ٽپندو / وڌندو تہ اُن حالت ۾ انسان نقصان کائيندو اُن ۾ وڏائي، تڪبر، غرور ۽ حسد جهڙا ناڪاري جذبا پيدا ٿيندا ۽ اُهي اهڙا عنصر آهن، جيڪي نہ فقط هڪ انسان کي

نقصان ڏيندا بلڪ اهڙو فرد پاڻ سان لاڳاپيل ٻين انسانن کي بہ نقصان پهچائيندو. تنهن ڪري انسان لاءِ ڪي پابنديون عائد ڪيون ويون آهن تہ هو توازن قائم رکي. ڪو بہ فرد ذاتي طرح اڪيلو ناهي، هڪ فرد ٻئي فرد سان جڙيل آهي، منجهن پاڻ ۾ تعلق آهي، رشتو آهي. اُن تعلق/ رشتي کان انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي.

قلندري طريقو اُن لاءِ جلالي طريقو چوائي ٿو تہ اُن فڪر سان وابستہ ماڻهو سخت جدوجهد سان انهن انسان دشمن عناصرن کي مات ڪري فتح حاصل ڪري ٿو. هن جي اها جدوجهد هن کان دنيا نہ تياڳي ٿي، سيني کان علحدو رهڻ تي مجبور بہ ڪري ٿي، پر فتح حاصل ڪرڻ وارو وقت محدود آهي، ان کان پوءِ اُن کي واپس مخلوق ۾ موٽي اچڻو آهي.

قلندر شهباز جي حياتي سير سفر ۾ گذري، هن جي شاعريءَ ۽ تصنيفن جو بہ پتو پوي ٿو جنهن مان ثابت آهي تہ قلندر دنيا تياڳي اڪيلو نہ رهيو. هن جي تعليم اندر کي صاف ڪرڻ جو درس ڏئي ٿي. هن طريقي جو بنياد مستي ۽ ان جي نتيجي ۾ پاتل ڌمال تي آهي. ٻهريون هڪ علمي اصطلاح آهي جنهن کي سمجهڻ ضروري آهي، جنهن کان پوءِ ئي ڌمال جي حالت کي سمجهي سگهجي ٿو.

مستي:

مستيءَ جا ٻہ قسم آهن. هڪ بيروني، ظاهري جسم جي مستي، جنهن ۾ جسم جون حرڪتون شامل آهن. ٻي اندروني مستي، روح جي مستي، جيڪا قرباني گهري ٿي:

هستي، صفاتي معاملي سان لاڳو آهي.

مستي، ذاتي معاملي سان لاڳو آهي.

هستيءَ ۾ انسان پاڻ کي ڏسي ٿو.

مستيءَ ۾ پاڻ کي نٿو ڏسي.

هستي، خودي آهي.

مستي، خودي آهي. (9)

سچل سرمست چئي ٿو:

مستم شدم زياده سرمست
دل ماڪہ ز ڪفر ودين برگشت
رندي و قلندري بما داد
از ماؤ مني خيال بربست

[آئون پهرئين ئي مست هيس، ۽ هاڻ سرمست ٿي ويو آهيان، ۽ آئون ڪفر ۽ دين کان اڳتي ٽپي ويو آهيان. اسان کي رندي ۽ قلندري عطا ٿي آهي، جنهن باقي سمورين ڳالهين تان ڏيان ختم ڪرائي ڇڏيو آهي]

مستي جو بنياد عشق تي آهي، عشق سُپردگي جو نالو آهي، پنهنجي هستي ۾ ٻئي کي سمائڻ کي عشق چئجي ٿو. پوءِ اهو عشق ڪنهن فرد جو فرد سان هجي يا فرد جو الله سان هجي، ان جون ڪيفيتون ساڳيون آهن، تنهن ڪري مجازي عشق ۽ حقيقي عشق جهڙا اصطلاح جڙيا آهن.

حقيقت مان ڪابہ شيءِ فنا ٿيندڙ نہ آهي. هڪ وقت ۽ حد کان پوءِ ان کي تبديل ٿيڻو آهي. هڪ نُطفي مان انسان پئدا ٿئي ٿو پهريون ٻار پوءِ جوان پوءِ پوڙهو ۽ پوءِ واپس ڳُل ۾ جذب ٿيڻ. هن سموري مرحلي ۾ فنا ٿيڻ وارو ڇا آهي. ٻج زمين ۾ پوکيو سلو اپري ٿو وڏي ٻوٽو پوءِ وڻ ٿئي ٿو وري ٻج/ ميوو ڏئي ٿو. اُن حالت ۾ ڇا ٻج کي اسان ختم ٿيندڙ چئي سگهون ٿا؟

تہ ائين ممڪن ناهي. تبديلي آهي، اهڙي ريت دنيا جي مقرر ٿيل وقت کان پوءِ هڪ ٻيو جهان ظاهر ٿيڻو آهي.

سچل سائين چيو(11)

حدين وڃي هرڪو لاحد وڃي ڀير،
سچو سو فقير، جو حد لاحد لنگهي وڃي.

اها منزل آهي. واٽ ڪليل آهي، ڏس ڏسيل آهي. سڀ ڪجهہ آسان ۽ سمجهہ ۾ ايندڙ آهي. ضرورت پنهنجي سوچ، سمجهہ سان ان تي غور فڪر ڪرڻ جي آهي.

**ڌمال:**

هڪ قسم جو رقص آهي. جيڪو انسان ۾ اشتعال انگيز جذبا نہ ٿو پيڙڪائي، عام رقص ۾ جسم جي هينئين حصي کي علحده حرڪت ڏني وڃي ٿي ۽ مٿئين حصي کي جدا ۽ ان ۾ جسم جي نمائش کي اوليت ڏني وڃي ٿي. اهڙو رقص، رقص ڪندڙ ۽ ڏسندڙ ۾ بيروني مستي پئدا ڪري ٿو جڏهن تہ ڌمال واري رقص ۾ سمورو جسم هڪ ئي حالت ۾ حرڪت ڪري ٿو جنهن ۾ نقط گول ڦرجي ٿو. پنهنجيءَ مقرر ڪيل جاءِ کان ٻاهر نہ ٿو نڪرجي. ڌمال وجهندڙ شخص، پنهنجي

رقص جي لاءِ هڪ محدود جاءِ مقرر ڪري ٿو جنهن کان هو ٻاهر نہ ٿو وڃي. ڪعبي کي طواف ڪرڻ واري حالت بہ ڌمال کي تقويت بخشي ٿي. ڌمال وجهندڙ شخص، وحدانيت جي نقطي تي قائم رهي جيڪو رقص ڪري ٿو اهو ان تيْ هڪ اهڙي ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي ٿو جنهن ۾ اهو فرد بي خودي جي حالت ۾ اچي وڃي ٿو ۽ پوءِ هو انسان دشمن عناصرن کان پنهنجو پاند آجو ڪرائي ٿو. اهو عمل، بار بار ڪرڻ جي صورت ۾ نيٺ هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿئي ٿو(12)

ڌمال وجهندڙ شخص لاءِ ڪي اصول بہ قائم ڪرڻ لازم آهن. جن کان سواءِ هي عمل فائديمند نٿو بڻجي سگهي:

(1)طلب، (2) لا تعلقي، (3) عشقِ الاهي، (4) عشقِ رسول ﷺ، (5) يقين، (6) توحيد.

(1) طلب: حق جي ياد، حق جو خيال (هتان سفر شروع ٿئي ٿو.

(2) لاتعلقي: دنيا جي ضرورتن کان نجات، انساني خواهشن کي تياڳي ڇڏڻ، خواهشن جي حاصلات لاءِ زنده رهڻ جي بجاءِ، زنده رهڻ لاءِ فطري ضرورتن جو پورائو.

(3) عشقِ الاهي: (عشق = ٻاهہ، محبت جو آخري درجو مستي ۽ مدهوشي، ڪشش ازلي، ڪماليت جي جميعت، جو هڪ ذات ۾ جمع هجن ۽ هي حق کان سواءِ ٻئي ڪنهن ۾ بہ ڪين آهن. ذات احديت مطلق، رحمت الاهي، حقيقي خيال ۽ محويت جو مڪان، مجازي وڻ ويڙهي). الله سان بي پناهہ محبت، جنهن ۾ مبتلا بندو خاص قسم جي مستي ۽ مدهوشي جي حالت ۾ رهي ٿو(13.)

(4) عشقِ رسول: حضرت محمد ﷺ سان عشق، ان جي قائم ڪيل واٽ تي قائم رهڻ، مستقل مزاج، سڪر (غفلت) جي حالت کان بچيل.

(5) يقين: غيب جي چيزن جو صفاتي قلب سان ڏسڻ جو نتيجو تصديق باالقلب جي تحقيق ٿيڻ ۽ سيني شڪلين جو متجي وڃڻ جو نالو يقين آهي، غيب جي شين مان شڪ نڪري وڃڻ، اها چيز جا شڪ کان پوءِ حاصل ٿئي، عاشق جو ايمان.

يقين جا ٽي قسم آهن: (1) علم اليقين: معرفت جي علم جو يقين (2) عين اليقين: اکين سان ڏسي يقين ڪرڻ (3) حق اليقين: پاڻ کي حق سمجهڻ (14).

(6) توحيد: هيڪڙائي، فرق، جمع جي احديت (15) (هن جي مقصد کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ طالب، سالڪ بڻجيو وڃي ۽ مٿس اُسي راز ظاهر ٿيڻ شروع ٿين ٿا، جن جي ڳولا هو ڪري رهيو آهي.

هنن اصولن تي جيڪو شخص قائم رهندو ان کي اصل ۾ ڏمال يا وجد جي اجازت حاصل ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ جو هي اصول بنياد آهن اُن واٽ تي هلڻ جا جن کي ڇڏي، وساري ڏمال تہ وجهي سگهجي مگر اُن جو مقصد حاصل نہ ٿو ٿي سگهي.

حقيقت ۾ هن طريقي جي پوئلڳن جو ڏمال وجهڻ جو اصل مقصد پنهنجين خواهشن کي پاڻ تي حاوي ٿيڻ جي بجاءِ، خواهشن کي پنهنجي ضبط ۾ آڻڻ آهي ۽ پنهنجي اخلاق کي مٿانهين مقام تي پهچائڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ صوفي يا قلندر اهو آهي جنهن جا اخلاق سڀني ۾ اعليٰ هجن. ڇاڪاڻ تہ تصوف ڪو نظريو يا ڪنهن مذهب جو فرقو ناهي اهو تہ فرد جو فرد سان حُسنِ اخلاق آهي.

حوالا:

1. جي – آر پوري ۽ ٽي – آر- شنگاري، سائين بلهي شاه (اردو)، ص 419، فکشن هائوس لاهور، 1999ع.
2. تصوف جو اصل (بنياد) بلڪ خلاصو لقاء رب (الله جو ديدار) جي آرزو آهي. سالڪ اهو سمورا مجاهدا، رياضتون، مراقبا، ان ڪري برداشت ڪري ٿو تہ هو پنهنجي محبوب جو ديدار ڪري سگهي. ان جو سبب اهو آهي تہ هو اهو يقين رکي ٿو تہ حياتي جو مقصد "يار جو ديدار آهي" هي بنياد هن آيت مان ورتل آهي.

"فمن كان يرجة لقاء ربه فليعمل عملا صالحا ولا يشرک بعباده ربه احدا" (18_110)

ترجمو: پوءِ جيڪو شخص پنهنجي رب سان ملاقات جو خواهشمند هجي ان تي لازم آهي تہ صالح عمل ڪري ۽ پنهنجي رب جي اطاعت ۾ ڪنهن کي شريڪ نہ (ڪري)" پروفيسر يوسف سليم چشتي، تصوف جي تاريخ، ص109، ترجمو: عبدالجبار جوڻيجو سنڌيڪا اڪيڊمي 2005ع).

3. تحقيقات الصوفيہ ۾ اچي ٿو تہ: "قلندر ان کي چيو وڃي ٿو جيڪو تارڪ الدنيا هجي، مجرد هجي ۽ نفساني لذتن کان پري هجي". ڪشف الغات ۾ اچي ٿو تہ: "قلندر ان کي چيو وڃي ٿو جيڪو ٻنهي جهانن کان آزاد هجي ۽ صرف معبود ۾ محو هجي. غرض تہ معرفت نفس، رضا جي راز ۾ راضي رهڻ، مقصد تہ پنهنجي

جذبات، خواهشات ۽ ارادن کي ترڪ ڪرڻ، دنيا جي بي فڪري، وڏي همٿ، مسلسل جدوجهد قلندري طريقي جا بنيادي پهلو آهن". (ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، پاڪستان مين صوفيانہ تحريڪين، ص 327، سنگِ ميل پبليڪيشن لاهور 1994ع).

4. سنڌي، ميمڻ عبدالمجيد، ڊاڪٽر، تذڪراءِ شهباز، ص 44، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع، ٻيو ڇاپو.
5. قرآن پاڪ: سوره بني اسرائيل: آيت نمبر 85.
6. قرآن پاڪ: سوره الحج: آيت نمبر 5.
7. امام ابوالقاسم عبدالڪريم بن هوزان القشيري، الرسالة، للقشرية، ترجمہ بنام: تصوف ڪا انسائيڪلوپيڊيا، مترجم: محمد عبدالنصير بن عبدالبصير اللعلوي، ص 166، مڪتبہ رحمانيا لاهور.
8. قرآن پاڪ: سوره بني اسرائيل: آيت نمبر 65 ـ 61.
9. صوفي، غلام نبي، آغا، سچل سرمست، ص 508، ايڊٽ ۽ مقدمو: ڊاڪٽر مخمور بخاري، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2015، ٻيو ڇاپو.
10. درازي، علي اڪبر، قاضي، (مترجم)، ديوان آشڪار جلد اول، ص 71، اوقاف کاتو حڪومت سنڌ، 1981ع.
11. سچل سرمست، ص 206 (حوالو اڳ آيل آهي.)
12. سنڌ ۾ ڌمال جي روايت قلندر شهباز کان شروع ٿيل ڏسجي ٿي. تاريخي حوالن موجب قلندر شهباز پاڻ بہ شيخ صدر الدين سان گڏ وجد ۾ اچي رقص ڪندا هئا (تاريخ فرشتہ). سندس هممصر عالم ۽ فضيلت جي صاحب حضرت مولانا جلال الدين جي مزار تي تيرهين صدي ۾ سندس پيروڪارن رقص جي صورت متعارف ڪرائي جنهن کي "سيما" چيو ويو. عام ۾ ان رقص کي "رقصِ درويشان" يا "رقصِ رومي" بہ سڏيو وڃي ٿوforum.mohaddis.com .
13. سچل سرمست، ص 391 (حوالو اڳ آيل آهي.)
14. سچل سرمست، ص 414 (حوالو اڳ آيل آهي.)

يقين جي سمجهڻ لاءِ هيٺيون مثال ڪافي آهي. جيئن تہ ڪنهن شخص کي يقيني طرح سُڌ آهي تہ زهر ماريندڙ چيز آهي. اهو ان لاءِ 'علم اليقين' آهي. مگر زهر

ڪي هوبهو اکين سان ڏسڻ 'عين اليقين' (انڀاڙ) آهي، زهر جي کائڻ سان ان جي تاثير هيٺ اچڻ 'حق اليقين' آهي. گرو نانڪ صاحب به يقين کي ٽن قسمن ۾ ورهايو آهي:

1. سروڻ = ٻڌڻ يعني ٻڌڻ سان يقين ڪرڻ.

2. منن = ميڄڻ = ڏسڻ سان ميڄڻ ۽ يقين ڪرڻ.

3. نڌياسن = پاڻ سڃاڻڻ يعني خود پاڻ سڃاڻي يقين ڪرڻ.

(سچل سرمست، ص 414)

15. سچل سرمست، ص 388 (حوالو اڳ آيل آهي) _ الرساله للقشريه، ترجمه بنام: تصوف ڪا انسائيڪلوپيڊيا، ص 46، 47 (حوالو اڳ آيل آهي).

ڊاڪٽر بشير احمد چانڊيو (فياض لطيف)

# شاهہ لطيف وٽ آمن ۽ انسان دوستيءَ جو فڪر ۽ فلسفو

## PHIOSOPY OF PEACE AND BROTHERHOOD IN THE POETRY OF SHAH ABDUL LATIF BHITTAI

**ABSTRACT:**

Philosophy of peace and brotherhood aims to bring mankind together in peace and harmony under human values in order to realise global solidarity. Shah Abdul Latif has composed his poetry for peace and brotherhood, his philosophy has no boundaries, his message is not limited to one region, he has preached about greater harmony of the human world. We need to follow his message in order to fix all the conflicts of human society to live a peaceful life on the Earth. In this paper, I have traced out some basic values of peace and brotherhood from the poetry of Shah Abdul Latif and have described the philosophical importance for the practical benefit of the Sindhi Society and humanity atlarge

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري 'فڪر ۽ فن' جو اهڙو مها ساگر آهي، جنهن مان ڪيترن غواصن نہ فقط غوطا هڻي ڪيئي ئي هيرا ۽ جواهر هٿ ڪيا آهن، پر انهن کي ٻين سان ونڊيو ۽ ورهايو بہ آهي.

هن وقت تائين شاهہ تي ڪيترن ئي عالمن ۽ محققن مختلف رُخن کان پنهنجي نقطہ نظر سان ڪم ڪيو ۽ نتيجا اخذ پڻ ڪيا آهن، پر اڪثريتي پارکن جي سوچ، سُرت ۽ پرک جا پيمانہ پنهنجا ۽ انفرادي نوع جا رهيا آهن. ڪن شارحن مروج ۽ روايتي تشريح جي اصولن کي اپنائيندي، لطيف کي فقط مذهبي مبلغ ۽ روحاني رازن ۽ رمزن جو شاعر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي، تہ ڪن وري اڪين تي مختلف نظرين جون عينڪون پائي، ڀٽائي کي پنهنجي نظر سان ڏسڻ ۽ ان جي شاعريءَ جون پنهنجي مسلڪ ۽ سوچ موافق تشريحون ۽ تاويلون ڪيون آهن. لطيف تي تخليقي ۽ شاعراڻي زاويي کان تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي. اڪثر

عالمن ڪيس بزرگ، ولي الله ۽ ڪرامتن جو ڏٺي ثابت ڪرڻ تي پنهنجون صلاحيتون صرف ڪيون آهن، تڏهن ئي تہ ڀٽائي چيو آهي:

ٿا صراف سُڃن، پارکُ ڪوئائن جوهري،
ماڻڪ ڪري مُٺ ۾، وانءُ ونئي وَتِ ٿِن،
سَنڌُسِ ئي سيد چئي، کهڙو قدرُ ڪِنِ،
پاٽيٺُ ئي پرکن، ڪِ ڪُئنچَلُ گَڏنِ ڪَڇَ سين.

(سر سريراڳ، د ـ 4، ب ـ 17)

يقينن ڪجهہ مدبرن ۽ عالمن تجزئي، تحقيقي ڇنڊڇاڻ ۽ تنقيد جي جديد معيارن جي روشنيءَ ۾ مدلل نموني، ڀٽائي جي فڪر ۽ فلسفي جي اوک ڊوک ڪري، سندس شاعريءَ جي پيغام کي پرکڻ ۽ پروڙڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي، پر ان جي باوجود، ڀٽائيءَ جو ڪلام ايترو تہ همہ گير، فڪري نُدرتون ۽ فلسفياڻيون گهرائيون رکندڙ آهي، جو ائين ٿو لڳي تہ سندس شاعريءَ جي عميق ۽ بي انت بحر مان گهڻو ڪري فقط سِپون ئي سوجهيون ويون آهن، حقيقت جي هيرن ۽ جواهرن جي مڪمل حاصلات اڃان ممڪن ٿي نہ سگهي آهي. اها حاصلات تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن لطيف کي شاعراڻي بصيرت سان سمجهڻ ۽ فلسفياڻي شعور ۽ ادراڪ سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

سيوا ڪر سمونڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سهسين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لعل،
جي ماسو جُڙئي مال، تہ پوڇارا پُر ٿئين.

حقيقت ۾ "لطيف جي شاعري سنڌي ادب، تاريخ، ڪلچر ۽ انساني امنگن جو اهو سرمايو آهي، جيڪو هر دؤر لاءِ سونهين جو ڪم ڏئي ٿو. سندن شاعري گهڻ پاسائين ۽ گهڻ رخي هئڻ سبب پرزم نما حيثيت رکي ٿي، جنهن جي هر پاسي جي وَنَڪ اهڙي تہ آبدار ۽ منور آهي، جيڪا اکين کي موهي وجهي ٿي. جيئن هر زماني جي ڏاهي ۽ باڪمال ماڻهوءَ جو فڪر ۽ شعور انهيءَ زماني جي حالات، واقعات، تاريخي محرڪات، عصري تقاضائن ۽ فڪري روين جو نچوڙ هوندو آهي، تئين لطيف جي شاعري ۽ فڪر بہ تاريخ جي هڪ دؤر جو نچوڙ آهي، جنهن کي هر دؤر جي 'روح عصر' جي حيثيت سان تعبير ڪري سگهجي ٿو." (1)

لطيف جو فڪري ۽ فلسفياڻو ڪئنواس ايترو تہ وسيع ۽ ڪشادو آهي، جو انهيءَ جو احاطو ڪنهن هڪ مضمون يا مقالي ۾ ممڪن نہ آهي. ان جي بيان ۽ اظهار لاءِ ڪي ئي دفتر درڪار آهن. ڇو تہ لطيف جو فڪر ۽ فلسفو نہ رڳو زندگيءَ جي گوناگون رنگينين، رعنائين، معاشرتي قدرن، انساني ڪيفيتن، فڪر، فلسفي، احساسن، جذبن، حُسن ۽ حقيقتن جو عڪاس آهي، پر اهو مجموعي طرح ڪائنات جي مِڙني مظهرن، اسرارن ۽ انسان جي داخلي ڪرب ۽ قرار جي آڇوتي ۽ انوکي جهان جو عڪس ۽ آئينو بہ پيش ڪري ٿو.

پاڻ هن مقالي ۾ لطيف جي 'امن ۽ انسان دوستيءَ جي فڪر تي ڌيان مرڪوز ڪندي، سندس شاعريءَ جي زندگيءَ سان ڀرپور احساساتي پيغام کي مختصر طور پيش ڪرڻ ۽ پسائڻ جي ڪوشش ڪنداسين. ڇو تہ جيستائين اسان سندس شاعريءَ جي بنيادي ۽ اهم رُخن کي جُزيات ۾ سمجهڻ ۽ ساڃاهڻ جي ڪوشش نہ ڪنداسين، تيستائين ڪيس پرکي ۽ پُرجهي نہ سگهنداسين.

ڀٽائي جي شاعريءَ جو جڏهن گهرائيءَ سان اڀياس ڪجي ٿو تہ تڏهن معلوم ٿئي ٿو تہ سندس شاعريءَ جو تاڃي پيٽو يا مکيہ موضوع تصوف آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي ان حوالي سان لکي ٿو "جيتوڻيڪ سندس شعر جا مضمون علحدا علحدا آهن، تڏهن بہ تصوف هڪ سَرَ وانگر آهي، جنهن تي اهي مضمون موتين وانگر ڙهيل آهن. اهڙيءَ صنعت ۽ جدت سان، شعر جي پلٽ ڪئي اٿائين، جو ظاهري طرح مضمون جي ڪثرت معلوم پئي ٿئي، مگر اندروني طرح، مڙئي وحدت آهي. اها وحدت ۾ ڪثرت ۽ ڪثرت ۾ وحدت، سندس صوفياڻي خيال جو نتيجو آهي". (2)

تصوف هون تہ فڪر ۽ احساس جو هڪ اهڙو نرمل رويو ۽ دل جي دنيا جي مسافت آهي، جنهن ذريعي انسان پنهنجي اندر کي اُجاريہ پاڻ کي سچ جي رَند ۽ پنڌ تي گامزن ڪري سگهي ٿو. صوفي بنيادي طور تي اهنسا، امن، ۽ سچائي جو پيروڪار هوندو آهي. محبت هن جو مذهب، امن سندس آس ۽ انسانيت سندس آڇپي ۽ زندگيءَ جو آدرش هوندي آهي. هو هٺ غرور ۽ ڏيکاءَ پسنديءَ کان ڏور هوندو آهي، تڏهن ئي لطيف کيس صوفي لاڪوفي ڪوٺيندي چيو آهي:

صوفي لاڪوفي، ڪونہ پائينس ڪير،
منجهان ئي منجهہ وڙهي، پڌر ناهيس پير،
جنين ساڻس وير، تيئي تنين جو واهرو.

(سُر يمن ڪلياڻ، د ـ 5، ب ـ 4)

يقينن لطيف تصوف جي دل جي دنيا واري واٽ اپنائي، خودشناسيءَ جو سفر بہ ڪيو آهي، تہ وحدت الوجودي رمزن ۽ رازن کي پروڙڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي. پر سنڌ ۾ تصوف جي هڪ ٻي شناخت بہ رهي آهي، جيڪا امن، محبت، ڀائيچاري، انسان دوستي ۽ مساوات جو درس ڏئي ٿي. خاص طرح سان ڪلاسيڪل شاعرن تصوف ذريعي، "نفرتن جي بنياد تي ورهايل معاشري جي انسانن وچ ۾ تعصب ۽ ڪدورتن جي بنياد تي پيدا ٿيل ويڇن کي ختم ڪري، انساني ڀائپيءَ جو درس ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان ۾ عالمي امن جو تصور ۽ پيار جو پيغام سمايو آهي" (3).

صوفي پيار، امن، اهنسا ۽ ايڪتا جو قائل ٿئي ٿو. ان وٽ هَٺُ، وڏائي، غرور ۽ تڪبر بدران نئڙت، نياز ۽ جهُڪاءُ هوندو آهي. هو نہ رڳو پنهنجي سڀاءَ ۾ امن پسند ۽ انسان دوست هوندو آهي، پر هن جو آچپو ئي عجز انڪساريءَ ۽ نئڙت هوندو آهي. ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ پڻ ان نيان نئڙت ۽ جهُڪاءَ کي تمام گهڻو پسند ڪيو ۽ صبر مان سِڪڻ جي تلقين ڪئي آهي.

نَمي ڪَمي نهار تون، ڏمرُ وڏو ڏکُ،
منجهان صبر سِڪُ، جي سنواريا سمجهين.

(سُر يمن ڪلياڻ)

ڪَمُرا ڪَمندن ڪَتيون هارايو هوڙن،
چکيو نہ چوندن، هو جو ساءُ صبر جو.

(يمن ڪلياڻ، د۔ 8، ب۔ 15)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي رسالي ۾ صبر ۽ سهپ جو پيغام ڏئي، هڪ اعليٰ سماجي فڪر کي ڀرپور نموني اپاريو آهي. هن پنهنجي ڪلام ۾ درگذر، سهپ ۽ برداشت کي وڏي اهميت ڏني آهي. ننڍڙن ۽ سطحي معاملن تي انتشار جو شڪار ٿي، پاڻ کي وڃائڻ ۽ وکيرڻ بدران انسان کي صابر ۽ ثابت قدم رهڻ جي هدايت ڪئي آهي، ڇو تہ لطيف جي نظر ۾ صبر ۽ ثابت قدمي ئي اهڙا آملهہ گڻ آهن، جن کي اپنائي، ماڻهو نہ رڳو پنهنجي منزل ماڻي سگهي ٿو پر اندر جو اطمينان ۽ آنند بہ حاصل ڪري سگهي ٿو انهيءَ ڪري ئي ڀٽ ڌڻي انهن ماڻهن جي صحبت ۾ رهڻ ۽ ساڻن روح رهاڻيون ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو جن سماج مان مذهبن ۽ ڌرمن، ذاتين ۽ نسلن جي

بنياد تي پيدا ٿيل اوچ نيچ جي ويڇن کي نہ رڳو متائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر نفرت، ڪُلفت ۽ ڪدورت جي وِهہ کي وِهائي محبت جي ماکي بڻايو آهي.

قاتل ڪمائي ڪري، وِهہُ ماکي جي ڪن،
وٺان ويهي تن، پيچ ڪي پيالين.

(يمن ڪلياڻ، د ـ 4، ب ـ 6)

اَجائي هوڏ ۽ اُبهرائي ماٺهوءَ کان هميشہ غلط فيصلا ڪرايا آهن. سوچ، سمجھ، عقل، شعور، تفڪر، تحمل، صبر ۽ بردباريءَ سان ڪيل فيصلا ديرپا هوندا آهن. اهڙا فيصلا ئي قومن جي تقدير تبديل ڪري، سماج ۾ امن، انصاف ۽ اعتدال جي فضا قائم ڪندا آهن. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ امن ۽ انسان دوستيءَ جو سنيهو پنهنجي پوري فڪري سُرت ۽ لطيفي سِپاءَ سان مليو ٿو. ٻڌائي ٿو ته ظلم ۽ ڏاڍ، جنگ ۽ جدل، مذهبي مت ڀيد، نفرت ۽ ڪدورت، ذات پات جا ويڇا ۽ رنگ نسل جون وڏايون اجائي آهن، ۽ ان جي بنياد تي فخر، هٺ ۽ غرور ڪنهن بہ مهذب سماج کي نہ ٿو سونهين. اهي سڀ تخريب ۽ اختراع جا عمل آهن. جڏهن تہ ٻڌائي پنهنجي فڪر، شعور، فلسفي ۽ تخيل آڌار هڪ نئون سماج اڏڻ پئي چاهيو. محبت، امن ۽ انسانيت جي قدرن تي مبني سماج. ان ڪري ئي پاڻ مِڙني منفي قدرن کي ننديِ ۽ امن، محبت ۽ انسانيت جي قدرن کي اوليت ڏني ٿو.

هو چوَنئي، تون مَ چئہ واتان ورائي،
اڳ اڱرائي جو ڪري خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي ويو ڪيني وارو ڪينکي.

(يمن ڪلياڻ، د ـ 8، ب ـ 17)

شاهہ لطيف وٽ پورهيت ۽ پيڙيل طبقي جي پڻ وڏي وقعت آهي. هن جا اڪثر سورما ۽ سورميون بہ پورهيت طبقي مان آهن. جيڪڏهن ڪو مٿين طبقي مان آهي، تہ بہ ان ۾ اوصاف ۽ گڻ انساني ۽ پورهيت طبقي وارا آهن. تڏهن ئي لطيف ان کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني آهي. پنهون، سسئي سان گڏ ڌوٻي گهاٽ تي ڪپڙا ٿو ڌوئي، ڄام تماچي، نوري ۽ سندس مڇيري ماڻهن سان گڏ ڏينهن ۽ راتيون ٿو گذاري، مطلب تہ ٻڌائي انهن کي ئي پنهنجي شاعريءَ جو ڪردار بڻايو آهي، جن طبقاتي اوچ

نيچ جي تڪبر کي ترڪ ڪري انساني محبت ۽ مساوات کي اپنايو آهي. لطيف جو پورهيتن سان روح جو رشتو آهي. هو انهن سان سُکن کان وڌيڪ ڏُکن جي تند ۽ تعلق ۾ سلهاڙيل آهي. هن جو ساڻن ايترو اُنس ۽ عشق آهي، جو هو ڪين فقط شڪل ۽ صورت مان ئي نہ پر پري کان عمل، ڪردار وڙ ۽ لوڏ مان ئي سڃاڻي ۽ پرکي وٺي ٿو تڏهن ئي تہ چوي ٿو.

مٿن ٻُبڪ ٻُبڪڙا، ڇڪندڙا اڇن،
ڪُڙيون ڪِهَ پِڪليون، پگهر سر پيرن،
ايءَ وَڙ ويڙهيچن، مون لوڏان ئي لِيکيا.

لطيف جو ميٺ، محبت، امن ۽ انسان دوستيءَ جو پيغام ڪن مخصوص جاگرافيائي حدن ۽ حالتن جو محتاج نہ آهي، پر اهو سڀني انسانن ۽ سموري سنسار لاءِ آهي. پاڻ جڏهن پنهنجي ڌرتي ۽ ماڻهن جي سُک، سڪون ۽ سُڪار لاءِ دعا گهري ٿو تڏهن ان ۾ سڄي عالم جي آباد هجڻ جو احساس پڻ شامل آهي.

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪار
دوست مٺا دلدار، عالمَ سڀُ آباد ڪرين.

(سُر سارنگ)

شاهہ لطيف، "پنهنجي شاعريءَ ذريعي انسانن جي وچ ۾ منافرت، نفاق، منافقي ۽ ڪم ظرفيءَ بدران محبت، اتفاق، سچائي ۽ اعليٰ ظرف کي فروغ ڏنو آهي. انسان دوستي، روشن خيالي، سيڪيولر سوچ واري مٽي سان، امن ۽ آشتيءَ جي تبليغ ڪئي ۽ مختلف مذهبن ۽ مسلڪن جي ماڻهن کي پاڻ ۾ امن ۽ رواداريءَ سان رهڻ جو درس ڏنو ۽ صحيح معنيٰ ۾ 'جيئو ۽ جيئڻ ڏيو' جو مٽو سمجهايو آهي" (4).

شاهہ لطيف جي سموري شاعري هڪ اهڙو پيغام آهي، جنهن ۾ هن انسان دوستي کي اوليت ڏني آهي. ٻٽائي کي اها سُڌ هئي تہ انسان دوستي ۽ امن جي پرچار سان ئي هيءَ ڪائنات حسين بڻجي سگهي ٿي. ڪالهہ جيان اڄ بہ دنيا کي ڀٽائي جي انهيءَ فڪر جي ضرورت آهي. حقيقت اها آهي تہ "لطيف جي پيغام کي پڙهڻ ۽ ان جي اُپٽار ڪرڻ سان ايڪويهين صديءَ جي سماج ۾ ڇڪتاڻ کي گهٽائي ۽ هڪ منطقي سهپ جو سماج جوڙي سگهجي ٿو جنهن ۾ انسان امن ۽ محبت سان رهي سگهي ٿو." (5)

نئين دنيا ۾ جيڪا مادي ترقي ٿي آهي، ان سان جتي انسان شڪ جو ساهه کنيو آهي، اتي پنهنجي ئي بربادي جو سامان به خلقيو آهي. ايٿمي هٿيارن جي تخليق دنيا ۾ جنگ ۽ جدل جو جهان سامهون ڪٺي آڻي آهي ۽ ساري سنسار جي بربادي جو اهو سامان امن ۽ انسانيت کي تاراج ڪرڻ لاءِ آهي. اهي انساني ويڇن کي وڌائڻ، نفرت ۽ ڪدورت کي هوا ڏيڻ جا حَربا آهن. انهن سان تباهيءَ کان سواءِ ڪجهه به حاصل ٿي نه ٿو سگهي. اهي سڀ چنڊ جون ريتون آهن. پر اسان جو ڀٽائي پوٽا ٽي سو سال اڳي دنيا کي ماٺيپي، امن، محبت، مساوات ۽ ڳنڍڻ جو ڪهڙو نه حسين پيغام ڏئي ويو آهي.

هلو هلو ڪوريئين، نازڪ جنين نيهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نه سِکيا.

لطيف جي محبت، امن ۽ انسان دوستيءَ جي سنيهي تي عمل ڪري، اسان نه رڳو پنهنجو پاڻ کي داخلي طرح پُرسڪون رکي سگهون ٿا، پر انهيءَ لطيفي رمز کي دنيا تائين رَسائي، ٻين کي پڻ آنند، امن ۽ آجپي جي حقيقي احساس کان آشنا ڪري سگهون ٿا.

## حوالا


1. ابڙو آفتاب، مرتب: 'شاهه لطيف هڪ عظيم مفڪر'، (مضمون: شاهه جي ڪلام جا فڪري ماخذ ـ محمد حسين ڪاشف) سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٻيو ڇاپو 2005ع، ص125
2. گربخشاڻي، هوتچند مولچند، 'شاهه جو رسالو جلد ـ 1'، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڇاپو ٻيو 2018ع، ص84.
3. فهميده حسين، ڊاڪٽر، 'اديون آءٌ آڇاڻ'، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي، 2012ع، ص184.
4. ميمڻ، محمد سليم، پروفيسر، مرتب: 'شاهه جي پيغام جو موجوده حالتن تي اطلاق (مضمون: ڊاڪٽر فهميده حسين)، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2012ع، ص40
5. لغاري، اڪبر، مرتب: 'ڀٽائي هڪ آدرشي انسان'، (مضمون: سليمان شيخ)، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، 2017ع، ص154.

ڊاڪٽر ريحانہ نظير

# ادب ۾ ترقي پسند نظريو

# Progressive Ideology in Literature

**ABSTRACT**

Progressive literature not only serves to raise awareness about socio-economic realities of its time but has also kindled social and political consciousness of the people. Progressive literature is thus geared towards creating an egalitarian and just society. The seed of modern progressive thought in literature can be traced to 1936. Inspired by the rapidly changing economic and political landscape globally in the 20th century, progressive writers took it upon themselves to express the novel and often disruptive ways in which these changes affected people, through poetry and prose. While Sindhi fiction writers soon caught up with progressive trend of their South Asian counterparts, progressive Sindhi literature really came into own following the 1947 Partition and is expressed in its various literary forms. This article provides a short overview of these various literary forms and analyses the progressive thought embossed in them.

ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ صحيح معنيٰ ۾ 1936ع ۾ هڪ تنظيم جي صورت ۾ رجسٽرڊ ٿي وجود ۾ آئي. جيتوڻيڪ ان جا اثر نظم توڙي نثر ۾ اڳ ئي ظاهر ٿي چڪا هئا. هن تحريڪ ادب لاءِ هڪ منشور ترتيب ڏنو جنهن ۾ هر اديب تي ڪجهه ذميواريون رکيون ويون. هن ادب جو مقصد هو تہ ملڪ جي سياسي، معاشي، معاشرتي ۽ سماجي اڻ برابريءَ جو نہ صرف اظهار ڪرڻ، پر ان جي خاتمي لاءِ گڏجي ڪوششون پڻ وٺڻ. يعني نہ صرف مسئلن جو پرچار ڪجي، پر انهن کي فنا ڪرڻ جا حيلا ۽ وسيلا بہ ٻڌايا وڃن. بقول غلام نبي مغل جي تہ "گڏيل هندستان ۾ جديد ادب جي تحريڪ پهرين جنگ عظيم جي خاتمي، ۽ ڪميونزم جي ٻاهرين دنيا ۾ ڦهلجڻ ڪري وجود ۾ آئي، جنهن کي ترقي پسند تحريڪ سڏيو ويو ۽ اهي ليکڪ، جن عام ماڻهن جي بدتر حالت محسوس ڪئي، ۽ انگريزن جي غلاميءَ خلاف ذهنن ۾ زهر پرجڻ لڳو. سڄي دنيا ۾ ترقي پسندي ۽ روشن خياليءَ جون تحريڪون ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ڦهلجڻ لڳيون. انهن جو اثر هندستان سان گڏ سنڌ ۾ بہ پهچڻ شروع ٿيو تہ اسان وٽ بہ جديد ادب جي شروعات ٿي."(107)

ترقي پسند ادب ڇو وجود ۾ آيو؟ ان جو واضح مقصد ڇا هو؟ ان بابت فيض احمد فيض لکي ٿو ته "ترقي پسند ادب مان مراد اهڙيون لکتون آهن. جيڪي: (1) سماجي ترقيءَ ۾ مدد ڏين. (2) ادب جي فني معيار تي پوريون لهن. جن سان سماج جي سياسي ۽ اقتصادي ماحول ۾ اهڙيون ترغيبون پيدا ٿين. جن سان ڪلچر ترقي ڪري" (108)

ڇا اهو ادب سچ ۾ 1936ع ڪانپور لکيو ۽ پڙهيو ويو؟ ڇا ان کان اڳ ترقي پسند تصوّر ادب ۾ موجود ڪونه هو ان جي وضاحت ڪندي سردار جعفري لکي ٿو ته ''ترقی پسند کی داغ بیل ۱۹۳۵ع میں نہیں ڈالی گئی بلکہ یہ تو اتنی ہی قدیم ہے جتنی کہ بنی نوع انسان کی تاریخ۔ ان نے جب اس کرہ ارض پر قدم رکھا تب سے وہ ظلم و جبر بدی اور شر کی قوتوں سے نبرد آزما ہے۔ تاریکی اور جہالت کے خلاف اس کی اس جنگ نے اسے عرفان ذات حیات کی دولت سے مالا مال کر کے عظمت آدم کا احساس دلایا ہے۔'' (109)

- ان ڪري جي تحقيق ڪبي. ته هيءَ نقطو سامهون ايندو ته شروع کان وٺي هيءَ ادب عام ماڻهن ۾ سماجي حقيقتن ۽ طبقاتي شعور کي جاڳائڻ سان گڏ. انهن ۾ سياسي ۽ سماجي جاڳرتا پيدا ڪرڻ جو سنڌس سڀ کان اهم وسيلو رهيو. جمال ابڙو جو ان بابت هيءَ چوڻ آهي ته. "سڌو سنئون معلوماتي ادب. جو سوچڻ تي مجبور ڪري بهتريءَ جي چاهنا پيدا ڪري ۽ ان لاءِ راهون کولي ڏيئي. ته اسان جهڙي ملڪ ۾ ان کان وڌ ترقي پسند ادب ڪهڙو ٿيندو."(110)

مٿي اهو بيان ڪري آيا آهيون ته. ترقي پسند ادب جي باقاعده هڪ جماعت جي حيثيت ۾ شروعات انگريزن جي دؤر ۾ ٿي. ۽ جيئن ته اهو سڄو دؤر هنگامن. آزاديءَ جي تحريڪن ۽ انساني شعور جي بيداريءَ جو دؤر هو جنهن ۾ بين الاقوامي سطح تي رونما ٿيندڙ واقعا. انساني ذهن توڙي ضمير کي جنجهوڙي رهيا هئا. انهن سياسي. سماجي ۽ اقتصادي تبديلين ادب کي بہ تحرڪ ۾ آندو ۽ زندگيءَ جا نوان قدر نوان موضوع ۽ مسئلا ادب جو حصو بنيا. ليڪڪن طبقاتي سماج. معاشي ناهمواري. پراڻن دقيانوسي مذي خارج سماجي قدرن. ۽ توهم پرستيءَ خلاف هڪ مهم جو اعلان ڪيو جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ انهن هڪ پليٽ فارم تي متحد ٿي. ادب کي هڪ شعوري هٿيار طور متعارف ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. ڊاڪٽرانور فگار هڪڙو ان دؤر جي لکيل ادب جو تذڪرو هن ريت ڪيو آهي ته اديبن سوچيو ته. "ادب کي زندگيءَ جو آئينو هئڻ گهرجي. اديبن کي متفق ۽ متحد ٿي فسطائيت جي وڌندڙ سيلاب کي بند ڏيڻو پوندو. ادب جي ذريعي دنيا جي سڀني مزدورن. غريبن ۽

مفلوڪ الحال انسانن ڪي آجپي جي جدوجهد ۾ مصروف ۽ مگن هئڻ گهرجي. اهڙا احساس ۽ خيال ڪجهه نامور اديبن جي دل ۽ دماغ ۾ ولوڙ پيدا ڪري رهيا هئا. ان سلسلي ۾ ڪجهه عملي ۽ باضابطه ڪوششون پڻ عمل ۾ آيون."(111)

سندن ان شعوري ڪوشش اڳتي هلي، ادب ۾ هڪ منظم ۽ مضبوط جدوجهد جي صورت اختيار ڪئي. ان تحريڪ عام ماڻهن ۾ سياسي ۽ سماجي شعور بيدار ڪرڻ سان گڏ، انهن کي استحصالي قوتن خلاف جنگ جوٽڻ جون واٽون ۽ گس پڻ ٻڌايا، جنهن ۾ هنن مظلوم ماڻهن جي حقن لاءِ ظالم طبقي، يعني جاگيردارانه ۽ سرمائيدارانه نظام جي خلاف جنگ جوٽي، ۽ ان جي مخالفت ۾ اهڙو ادب تخليق ڪيو جيڪو مظلوم قوم جو آواز ثابت ٿيو ۽ تاريخ ۾ انساني حقن جي آزاديءَ جو علمبردار بڻجي هميشه لاءِ امر ٿي ويو. محمد علي صديقي لکي ٿو ته "ترقی پسند ادب انسانی آزادی کا ادب ہے۔ انسانی مقدر پر استحصالی قوتوں کے عمل کے خلاف ادب ہے غیر جانبدارانہ ادب نہیں کہ اپنا رخ زندگی گریز رجحانات کے جانب منعطف کر کے یہ دعوا کرے کہ ادیب اجتماعیت پسندی پر یقین نہیں رکھ سکتا کہ اس طرح فنکار کی انفرادیت مجروح ہو جاتی ہے۔" (112)

ترقي پسند ادب جو بنياد، جديد تعليم يافته نوجوان سجاد ظهير، جيڪو لنڊن مان تعليم حاصل ڪري موٽيو هو ان هن تحريڪ جو باقاعده بنياد وڌو. جنهن ۾ صدارتي خطبو ان وقت جي مشهور ۽ معروف اردو افسانه نگار منشي پريم چند پڙهيو جنهن ۾ هن واضح لفظن ۾ ادب جو هيءُ مفهوم ڏنو ته، "جب تک ادب کا کام تفریح کا سامان پیدا کرنا محض لوریاں گا گا کر سلانہ، محض آنسو بہا کر غم غلط کرنا تھا اس وقت تک کے لیے عمل کی ضرورت نہ تھی مگر ہم ادب کو محض تفریح اور تعیش کی چیز نہیں سمجھتے ہماری کسوٹی پر وہ ادب کھرا اترے گا جس میں تفکر ہو آزادی کا جذبہ ہو حسن کا جوہر ہو تعمیر کی روح ہو زندگی کی حقیقتوں کی روشنی ہو جو ہم میں حرکت، ہنگامہ اور بے چینی پیدا کرے سلائے نہیں کیوں کے اب اور زیادہ سونا موت کی علامت ہوگی۔" (113)

هيءُ تحريڪ سڄي برِصغير ۾ هڪ ولوله انگيز تحريڪ طور نمايان ٿي. ادب جي هر هڪ صنف ان کي ڀرپور انداز سان اپنايو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي هيءَ ادب جي مقبول ترين تحريڪ بڻجي ويئي. هن تحريڪ جي تحت جيڪو ادب تخليق ڪيو ويو ان جو زندگيءَ جي حقيقتن کي بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ واضح مقصد پڻ رکيو ويو. هاڻي ادب صرف تفريح جو ذريعو نه رهيو پر ملڪي ۽ بين الاقوامي سطح تي رونما ٿيندڙ سياسي ۽ سماجي تبديلين جو مظهر بڻجي ويو ۽ جيئن ته ان وقت جو هندستان، آزادي حاصل ڪرڻ وارين تحريڪن سان ڀريل هو ان ڪري ادب جي هن

نظريي ان وقت مؤثر هٿيار بنجي انقلابي ادب جو روپ اختيار ڪيو جنهن ۾ گهڻو ڪري ڪهاڻين جا موضوع آزاديءَ هڙتالون، احتجاج، جلسن ۽ جلوسن جي پس منظر ۾ لکيل نظر اچن ٿا. ان ڪانسواءِ هن ادب جي خاص خوبي اها هئي، ته هن عام ماڻهو هاريءَ پورهيت ۽ مزور جي ڪردار کي پنهنجي ڪهاڻين جو هيرو بنائي، اهڙا موضوع چونڊ ڪيا، جن انهن جي زندگيءَ سان وابسته خوشين، خوابن ۽ خواهشن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، منجهن جستجو ۽ جدوجهد جو حوصلو جاڳايو ويو.

پروفيسر نامور سنگهه ان جي باري ۾ لکي ٿو ته 1936"ع میں سجاد ظہیر نے مٹھی بھر ادیبوں کے ساتھ ترقی پسند ادب کی شروعات کی تھی اس کا جائزہ لیں تو سارے ہندستان میں ادب کی جو صورت تھی وہ بدل گئی تھی لوگ پہلے کسانوں، مزدوروں اور غریب عوام کے بارے میں نہیں لکھتے تھے نہ صرف اردو بلکہ ہندی، بنگلہ، تامل اور مراٹھی میں ادب کے یہ موضوعات پہلے نہیں تھے۔" (114)

ادب ۾ ادب براءِ ادب ۽ ادب براءِ زندگيءَ جو فرق به ان دؤر کان شروع ٿيو ۽ جنهن ۾ هيءَ واضع نقطه نظر رکيو ويو ته ادب جو مقصد صرف تفريح نه، پر زندگي هئڻ گهرجي ۽ زندگيءَ ۾ جيڪي مسئلا، مشڪلاتون ۽ پيچيدگيون ماڻهن کي درپيش اچن ٿيون، ان جو ادب ذريعي نه صرف اظهار ڪرڻ گهرجي، پر انهن انسان دشمن قوتن خلاف مزاحمت ڪريءَ انهن کان هميشه جي لاءِ ڇوٽڪارو پڻ حاصل ڪجي. يعني ادب جي زندگيءَ سان وابستگي هئڻ ادب جو لازمي حصو آهي.

جيئن ته مٿي بيان ڪري آيا آهيون، اهو وقت برصغير ۾ ملڪي توڙي بين الاقوامي سطح تي سياسي بيداريءَ جو هو جنهن ۾ هر طرف سياسي تحريڪون عروج تي هيون چؤطرف انقلاب ۽ آزاديءَ جا نعرا گونجي رهيا هئا. ان ڪري ان وقت جي ادب جا خاص موضوع سماجي برائين جي نشاندهيءَ سان گڏ، سياسي اندولن، انقلابي تحريڪن ۽ جدوجهد آزاديءَ سان گڏ غلامي ۽ سرمائيداريءَ خلاف بغاوت ڪندي نظر اچن ٿا. بقول سجاد ظهير جي ته "1936ع سے لیکر 1939ع کے اختتام تک کا زمانہ (جب دوسری جنگ عظیم کا آغاز ہوا) ہمارے ملک میں نئے خیالات، انقلابی تحریکوں بلند عزائم اور جھلملائی امیدوں کا زمانا تھا." (115)

سنڌ ۾ ترقي پسند نظريو 1940ع کان سنڌي ادب جي زينت بڻيو. هيءَ ادب تفريح کان وڌيڪ مقصد جو حامي ادب هو جنهن عام ماڻهن کي سندن بنيادي حقن، جن ۾ معاشي، سماجي ۽ اقتصادي حق شامل هئا. نه صرف انهن کان آگاهي ڏني، بلڪ صدين کان قائم توهم پرستي ۽ انڌن عقيدن ۾ پيڙهيل جاهل، مظلوم ۽ لاچار ماڻهن

ڪي عقليت جي بنياد تي زندگيءَ جي نون قدرن طرف مائل ڪري، ڪين نئين آئيندي لاءِ هلچل جو پڻ پيغام ڏنو. ترقي پسند ادب جو مقصد بيان ڪندي اي جي اتم لکي ٿو ته. "سنڌ ۾ هيءَ ڌارا مهاڀاري جنگ جي وقت 1940ع ۾ نمودار ٿي. هيءَ ڌارا اڳتي وڌندڙ زندگيءَ جي ڌارا آهي، اها آزادي، برابري، امن ۽ آشتي، انسانيت ۽ عقليت، پيار ۽ پرشارٿ جي زبردست حامي آهي، ۽ هر قسم جي پيد ياق وهم پرم، انڌ شرڌا ۽ انڌ وشواس، غلط رسم رواج، تنگدلي ۽ تعصب، بي انصافي ۽ بدنظميءَ جي مخالف آهي. ان جو آديش سماج واد آهي." (116)

سنڌ جي نوجوان ليکڪن، ادب جي هن نئين نظريي کي پنهنجي ڪهاڻين، توڙي بين صنفن جو موضوع بنايو جنهن ۾ هنن سنڌي سماج جي لڪل عيبن کي وائکو ڪري، سنڌين سان ٿيندڙ سياسي، سماجي ۽ معاشي نا انصافين کي پنهنجي سوچ ۽ فڪر جو موضوع بنايو. ترقي پسند تحريڪ ادب جي روايتي رنگ کي رد ڪري نون قدرن کي جيئاريو. شيخ اياز ان دؤر ۾ "اڳتي قدم" نالي رسالو ڪڍيو جيڪو انقلابي ترقي پسند فڪر جو پيغام کڻي آيو جنهن ۾ شيخ اياز جي لکيل ايڊيٽوريل، ڪهاڻين ۽ شاعري ترقي پسند ادب کي فروغ ڏيڻ ۾ سنڌ اندر اهو ڪردار ادا ڪيو جيڪو بيحد قابلِ تعريف آهي. مثلاً هو پنهنجي هڪ ايڊيٽوريل ۾ لکي ٿو ته "اڄ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ انقلاب جو آواز بلند ٿي رهيو آهي. حڪومت، سماج، تهذيب، مذهب، رسم رواج ۾ ڦير گهير اچي رهيو آهي، صديون ستم سهي سهي، غلاميءَ جا زنجير گهلي گهلي عمريون لٽائي، ٿڪا ڪائي، هيسجي هارائي، اڄ آدمي مڪمل بغاوت جو اعلان ڪيو آهي. جاگيرداري ۽ سرمائيداري نظام سان پنجو لڙايو آهي، جنهن ۾ ترقي پسند ادب جو مڪمل ساٿ رهيو آهي. ترقي پسند ادب اونچي طبقي جا ظلم ۽ بي انصافي چٽيءَ طرح چٽي عوام جون مصيبتون، مجبوريون، ڏک درد ڏيکاري، اسان ۾ انقلابي روح ڦوڪي رهيو آهي. ترقي پسند ادب حقيقت نگاريءَ تي ٻڌل آهي."(117)

ان سلسلي ۾ گوبند پنجابيءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو "سرد آهون" پڻ نمايان آهي. سنڌي ادب ۾ ان وقت جن ليکڪن هن ادب کي زور وٺائڻ لاءِ جيڪا جدوجهد ڪئي، ان ۾ گوبند ماليءَ جون خدمتون وسارڻ جوڳيون ڪين آهن. بقول منظور علي ويسريو جي ته. "ترقی پسند تحریک کو پروان چڑھانے کے سلسلے میں صوبے سندھ میں گوبند مالی نے باغی کے نام سے اپنا ایک ادبی رسالا جاری کیا تھا جس نے سندھ کی ادبی فضا ہی بدل دی۔ افسانا نگاروں نے رومانوی شیش محل

سے نکل کر حصہ زمین بر سرزمین کہنے کا وتیرا اپنایا اور اس کثرت سے ایسے افسانے مذکورہ رسالے کے لیے لکھے جن میں طبقہ واریت، غربت، ظلم تشدد اور استحصال جیسے موضوعات کو عنوان بنایا۔" (118)

ترقي پسند ادب جو مقصد ئي اهو هو تہ هو قوم ۾ آزاديءَ انسانيت ۽ اتحاد پيدا ڪرڻ سان گڏ ظلم جي مخالفت ڪرڻ ۽ محنت ڪش عوام جي صلاحيتن کي مٿيرو درجو ڏيڻ ۽ اهو جهالت، توهم پرستي ۽ قديم دقيانوسي رسم و رواجن کي عقلي بنيادن سان مسترد ڪرڻ وغيره تي مشتمل هو. انور جي لفظن ۾ تہ "ترقي پسند لاڙي جا ليکڪ اديب ۽ پارکو سماج جو ترقي پسند حقيقت نگاريءَ سان جائزو وٺندا آهن. هو وهم، وسوسن، جذباتيت، نعري بازيءَ ۽ سستي شهرت حاصل ڪرڻ وارن گرن کان اُٽجاڻ، اهڙا سچ ۽ حق جا پانڌيئڙا هوندا آهن. هو ادبي محاذ جا سچا انقلابي آهن. هو صحتمند انسان دوست ۽ عوامي ادب پيدا ڪندا آهن. ۽ انسان ۾ موجود بن فطري جبلتن نيڪي ۽ بديءَ واري عنصر مان. نيڪيءَ جا پوئلڳ ٿيندا آهن." (119)

ان ڪري 1940ع کان آزاديءَ تائين سنڌي ادب ۾ خاص ڪري ڪهاڻين جو مطالعو ڪبو تہ اتي اسان کي گهڻي ڀاڱي ان جا موضوع مارڪسوادي سوچ جي اردگرد نظر ايندا. مثلاً شيخ اياز جي ڪهاڻي "سفيد وحشي" (جنهن ۾ آزاديءَ جي تحريڪ جي پس منظر هيٺ برطانوي سامراج خلاف عوام جي جذبن احساسن جي نمائندگي نظراچي ٿي) گوبند مالهيءَ جي ڪهاڻي "هاري حقدار"، ليکو تلسياڻيءَ جي "منجري ڪولهڻ" اتم چنداڻيءَ جي ڪهاڻي "شڪست" ۽ "آخر ڪيستائين" انهي سلسلي ۾ خاص اهميت رکن ٿيون. ان تحريڪ ٻين زبانن جيئان سنڌي ادب ۾ پڻ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي. جنهن ۾ ٻين ٻولين جي ترجمن سان گڏ طبعزاد ڪهاڻيون پڻ ڪثير تعداد ۾ لکيل نظراچن ٿيون. جن ۾ اديبن پراڻن مدي خارج نظرين ۽ خيالن کي ٽوڙي، حقيقت پسند ادب کي پنهنجي قلم جو موضوع بنائي. ان وقت جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي پهلوئن کي مدنظر رکي، عام ماڻهن ۾ نئين جدوجهد ۽ جستجوءَ جو روح ڦوڪيو. ان کانپوءِ انگريزن جنهن طريقي سان هندستان جو ورهاڱو ڪيو ان تمام وڏي تهذيبي، ثقافتي، لساني ۽ مذهبي ڇڪتاڻ کي جنم ڏنو جنهن سبب وڏي پئماني تي فرقيوارانہ فسادن کي هٿي ملي. ڊاڪٽر محمد رضا ڪاظميءَ جي مطابق تہ "دوسری جنگ عظیم کے اختتام پر انگریزوں نے اس وسیع و عریض برصغیر کو اس حالت میں چھوڑا تھا کہ اس کے مذہبی، لسانی، تہذیبی اور طبقاتی تنوع میں شدید ٹکراؤ کے پوری امکانات موجود تھے"۔ (120)

- جنھن پڻ سنڌي ماڻھن جي زندگيءَ تي ٽرٽلو مچائي ڇڏيو. ان جا مهلڪ اثر بہ ان وقت جي سنڌي ادب مان نمايان نظر اچن ٿا. ڇو جو لکن جي تعداد ۾ ماڻھو نہ صرف بي گهر ٿيا، پر فرقيواراڻہ فسادن سبب ڪيترائي انسان انسانيت سوز ظلمن جو نشانو بنيا. مذهب جي بنياد تي رٿيل هيءُ ورهاڱو انساني لاشن جي ڍير تي ختم ٿيو جتي ڪيترائي ٻار يتيم ۽ عورتون نہ صرف بيواهيون ٿيون، پر سنڌن عصــمتون پڻ لٽيون ويون. اهڙين حالتن باشعور ۽ دردمند اديبن جي دلين کي ٽڙپائي وڌو ۽ انهن رت جي قلم سان انهن دردناڪ ۽ دل آزاريندڙ واقعن جي پڌرائي، پنهنجين لکڻين جي وسيلي ڪئي. پروفيسر غفور ميمڻ انهن حالتن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ "ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جا معاشي، سياسي، سماجي ۽ فڪري طور تي اثر، ننڍي کنڊ جي سڀني ماڻهن تي پيا. خاص طور تي هندو مسلم نفاق ۽ لڏپلاڻ جا اثر ادب تي گهڻا پيا. جنھن جو اظهار هنديء اردو بنگلہ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو ٿيو. اردوءَ ۾ ڪرشن چندر "غدار"، سعادت حسين منٽو "ٽوبہ ٽيڪ سنگهہ" ۽ "کول دو" وغيرہ شامل آهي. اديبن ورهاڱي جي هاڃيڪار اثرن تي ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا. هتان سنڌي هندن کي لڏ پلاڻ ڪانپوءِ اتي پهچي، جن تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو ان جو اظهار موهن ڪلپنا جي ناول 'جلاوطن' ۽ 'تاريخ مان موڪل' مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو."(121)

- انهن حالتن سنڌي ماڻهن توڙي ادب تي جيڪي مهلڪ اثر ڇڏيا، ان جو اظهار پڻ ترقي پسند ادب جو حصو رهيو. ورهاڱي ڪانپوءِ پيش دردناڪ واقعن کان علاوہ سنڌ کي جيڪو سياسي، معاشي بحران سنڌي هندن جي هتان هندستان لڏي وڃڻ سان ٿيو ان جو ازالو ڪرڻ لاءِ پڻ سنڌين کي سخت جدوجهد جي ضرورت هئي. ڇو تہ ڪيترائي تجارتي ۽ ڪاروباري مرڪز جيڪي هندو برادريءَ جي بدولت هلندا هئا، اهي پڻ هندن پڳڙن مٽ تي وڪڻي، پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي وڃي پرديس وسايو. نہ صرف علمي ادبي دنيا ۾ پر اقتصادي ۽ معاشي حالتن ۾ پڻ سنڌ هڪ صدي پوئتي ڌڪجي ويئي. مهاجرن انهن حالتن جو فائدو ورتو، انهن سڀني اقتصادي ۽ معاشي وسيلن تي قبضو ڄمائي، سنڌ اندر پنهنجي پوزيشن کي مستحڪم ڪري ڇڏيو. بقول احمد سليم جي تہ، ''سندھ میں صوبے سے ہجرت کرنے والے تاجروں اور ہندوں صنعتکاروں جن کی بھاری اکثریت سندھی تھی ان کی جگہ مہاجر کاروباریوں نے سنبھالی اندرونی تجارت اور صنعتی پیداوار کے بنیادی حصہ پر کنٹرول ان کے ہاتھوں میں آگیا سندھ کے دستکار جنہوں نے تقسیم کے نتیجے میں نقصان اٹھایا حکمرانوں کے سنجیدہ امداد پر بیکار انحصار کیا۔ جاگیرداروں نے مرکزی حکومت کے بعض اقدامات پر ناراضگی کا اظہار کیا وہ ہندوؤں کی چھوڑی ہوئی زمین کے بڑے رقبے مہاجرین کے ہاتھوں منتقلی پر جھنجھلائے ہوئے تھے

مقامی دانشور مرکزی ریاستی اداروں میں سندھیوں کی غیر متناسب نمائندگی اور غیر سندھی ملازمین کی بھرمار سے نالاں تھے."(122)

اهڙين حالتن، سنڌ ۾ جيڪو خال پيدا ڪيو ان کي پرڻ لاءِ ساڃاهه وند طبقي پنهنجي قومي تشخص جي لاءِ، ترقي پسند ادب کي هٿيار بنائي، پڙهندڙن ۾ شعوري سگهه پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن ادب جي هڪ اهم خاصيت اها آهي، جو حالتون ڪيڏيون به سنگين ڇو نه هجن، هي هميشه مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن ۾ جدوجهد ۽ تازگيءَ جو احساس اڀاري ٿو. ڪين ڪٿي به مايوس نٿو ڪري. مثال طور ورهاڱي کان پوءِ مقامي باشندن جو وطن ڇڏي وڃڻ جو ڏک، پيو وري ادبي دنيا ۾ خال هجڻ جو احساس، ڇو ته ڪيترائي هندو پبلشر به هندستان لڏي ويا. جنهن جي ڪري سنڌي ادب تي مايوسي ڇانئجي ويئي، اهي اهڙا مسئلا هئا، جن مايوس حالتن کي جنم ڏنو. اهو ترقي پسند ادب ئي هو جن کين انهن مشڪلاتن سان وڙهڻ سيکاريو. پنهنجن کي وڃائڻ جو درد ڇا هوندو آهي، ليڪن ان کي پنهنجي گيتن، ناولن ۽ ڪهاڻيءَ جي ذريعي پيش ڪيو. ان سلسلي ۾ شيخ اياز جي ڪهاڻي "پاڙيسري" ۽ ع. ق. شيخ جي "حيدرآباد" ان جو واضح مثال پيش ڪن ٿيون. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته مذهب جي نالي تي رٿيل ورهاڱو سنڌي ماڻهن جي دلين اندر گهاءُ ڪري ويو اڃ به هنن کي سنڌي هندن سان ايتري محبت آهي، جيڪا هڪ پاءُ کي ٻئي پاءُ سان هوندي آهي. اهوئي حال هتان ويندڙ هندن جو پڻ هو. اهو ئي سبب هو جو هتان وڃڻ مهل سندن اکين ۾ نئين هندستان جي لاءِ خواب نه پر سنڌ کان جدا ٿيڻ جا ڳوڙها هئا. جنهن جو اظهار موهن ڪلپنا پنهنجي آتم ڪهاڻي "بک، عشق ۽ ادب" ۾ هنن دل ڏاريندڙ لفظن ۾ ڪيو آهي ته، "جهاز هليو مان آهستي آهستي سنڌ ڌرتيءَ کان پري ٿيندو ويس. سڀ ته ياد اٿم خوش رهو اي اهلِ وطن! هم تو سفر ڪرتي هين! در و ديوار پر حسرت کي نظر ڪرتي هين! خيال آيم ته هوا جو جهونڪو بنجي وڃان ۽ سنڌ زمين، مڪان ۽ ماڻهن کي چمڻ شروع ڪيان، ۽ سنڌ جي رستن تي هلڻ شروع ڪيان، پنگي ٿيان ۽ سنڌ جي زمين تي ٻهاري ڏيئي، ان جي مٽيءَ سان سنان ڪريان. شايد چيز جو قدر وڃائڻ کانپوءِ ٿيندو آهي." (123)

هندستان ۾ پهچي سنڌي هندن کي جن حالتن مان گذرڻو پيو انهن جو پڻ انهن هن ادب ذريعي اظهار ڪيو. بقول هيرو شيوڪاڻيءَ جي ته، "مسئلا ۽ موضوع نوان هئا. لڏ پلاڻ بعد رفيوجي ڪئمپ جي سخت زندگي وري وسجڻ لاءِ ۽ روزگار لاءِ واجهائيندڙ مردن سان گڏ زالن ۽ ٻارن جي ڪشمڪش، جلاوطنيءَ مان اڀري آيل سنڌ

جي ساروٽي- اهي موضوع هئا. هند ۾ مکيہ زبانن جي ادب ۾ اڳ ئي ڪجهہ وقت کان مروج، مارڪسوادي نظريي واري ترقي پسند ادبي ڌارا، اهڙن مسئلن ۽ موضوعن لاءِ سٽائي نظر آئي." (124)

مجموعي طورتي تجزيو ڪيو وڃي، تہ اوائلي دؤر کان وٺي ورهاڱي تائين، سنڌي ڪهاڻي هميشہ کان ترقي پسند ادب جي ترجمان رهي، ۽ هن هميشہ پنهنجي قوم جي سياسي ۽ اقتصادي حالتن جي فڪر سان گڏ، پراڻن مدي خارج سماجي، ۽ مذهبي قدرن ۽ عقيدن کي پنهنجي ادبي تخليقن جو موضوع بنائي، ماڻهن ۾ سماجي، مذهبي ۽ سياسي شعور کي بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. سنڌي افساني ۾ ورهاڱي کان پهرين هن موضوع تي جيڪي ڪهاڻيون لکيون ويون، تن ۾ امر لعل هنڱوراڻيءَ جي "ادو عبدالرحمان" ۽ "هي بہ رانجهوءَ سنڌي رمز"، مرزا نادر بيگ جي "ماءُ جي محبت" ۽ "موهني جي ڊائري"، شيخ اياز جي "سفيد وحشي" ڀڳوان لعل واڌي جي "ساڙهي"، شيخ عبدالستار جي "رحيما"، سوڀو گيانچنداڻيءَ جي "آڪيري کان تنڊ"، نارائڻ ڏيواليءَ جي "ڏاڙيل"، گوبند پنجابيءَ جي ڪهاڻي "نيلو" وغيره شامل آهن. ورهاڱي بعد لڏ پلاڻ ۽ اشاعتي ادارن جي بند ٿيڻ کان پوءِ جيڪا ماٺار سنڌي ادب تي ڇانئجي ويئي هئي، اها آهستي آهستي ختم ٿيڻ لڳي ۽ اديبن نئين سر ترقي پسند نظريي جي پرچار ۾ نئين ملڪ جي نون مسئلن کي ڪهاڻيءَ جي روپ ۾ پڙهندڙن سامهون پيش ڪيو. ان وقت جي ڪهاڻين جا اهم موضوع سماجي حقيقت نگاريءَ تي مشتمل هئا. مثال: اياز قادريءَ جي ڪهاڻي "بلو دادا"، جمال ابڙي جي "پيراڻي"، غلام ربانيءَ جي ڪهاڻي "شيدو ڏاڙيل"، نجم عباسيءَ جي "ڇوڏو"، رشيد ڀٽيءَ جي ڪهاڻي "بڙ"، حفيظ شيخ جي "امان مان اسڪول ڪونہ ويندس"، نسيم کرل جي "ڪافر" ۽ رسول بخش پليجو جي "پسي ڳاڙها گل" وغيره شامل آهن. بقول شوڪت حسين شورو جي تہ "هندستان جي ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ تي ڪجهہ وقت لاءِ ماٺار ڇانئجي ويئي. ڪجهہ سالن بعد نيٺ اهو جمود ٽٽو ۽ نوجوان ڪهاڻيڪار جيڪي ورهاڱي کانپوءِ اڀريا سي ترقي پسند تحريڪ جي روايتن کي کڻي اڳتي وڌيا. ان وقت جي ڪهاڻين ۾ ڏاڍي ۽ هيٺي، وڏيري ۽ هاريءَ، امير ۽ غريب جا فرق، معاشري ۾ ٿيندڙ ناانصافيون ۽ ظلم عام موضوع هئا." (125)

1954ع ۾ ترقي پسند تحريڪ تي وقت جي حڪمرانن پابندي عائد ڪئي، جنهن جو بيان ڪندي ضمير نيازي لکي ٿو تہ "ترقی پسند تحریک ابتدا ہی سے حکمران طبقے میں معتوب رہی بلکہ ۴۷ کے بعد تو اس پہ سختی کچھ اور بڑھ گئی چناچہ حکومت پاکستان نے انجمن ترقی پسند مصنفین کو ۱۹۵۴ء میں خلاف قانون جماعت قرار دے دیا۔" (126)

- تنهن هوندي بہ هن ادب جو پرچار شاعري توڙي ڪهاڻيءَ جو حصو رهيو. چاڪاڻ تہ جيڪو فڪر ۽ سوچ هن تحريڪ عالمن، اديبن ۽ عام ماڻهن کي ميسر ڪيو هو اهو ڪنهن پابنديءَ اندر قيد ڪرڻ جوڳو نہ هو پر هي اهو وهندڙ پاڻي مثل هو جنهن سان معاشري ۾ گهر ڪندڙ پراڻن ۽ فرسوده سماجي توڙي مذهبي رسم و رواج جي گند ڪچري کي صاف ڪري، معاشري کي صحتمند ۽ شفاف ڪري سگهجي ٿو. بقول ڊاڪٽر انور سعيد جي تہ، ''تحریکیں آنی جانی چیزیں ہوتی ہیں اور ادب کا کارواں جاری رہتا ہے کبھی سست رفتاری لیے کبھی تیز رفتاری کے ساتھ، تحریکوں سے صرف اتنا فرق پڑتا ہے کہ ادب کے لیے وقتی طور پر نیا خون دستیاب ہوتا ہے مگر تحریک کا غلغلہ ہو جاتا ہے۔ جب وہ ختم ہو جاتی ہے تو ایک سناٹے کا احساس ہوتا ہے۔" (127

ان تحريڪ سبب کان وڌيڪ، افسانوي ادب ۾ تمام گهڻي مقبوليت ماڻي. ان جو وڏو سبب اهو آهي جو شروعات کان وٺي، عام ماڻهن ۾ ادب جي ٻين ادبي صنفن جي ڀيٽ ۾ ڪهاڻي گهڻي مشهور رهي آهي. پراڻي لوڪ ادب جي اڄ تائين جي مقبوليت ان جو زنده مثال آهي، جن ۾ هر ڪهاڻيءَ اندر هميشہ ڪيترين مشڪلاتن ۽ ڪشالن جي گذرڻ کانپوءِ نيڪيءَ جي بديءَ تي فوقيت بيان ڪيل نظراچي ٿي. ترقي پسند ادب جو پڻ اهو مفهوم آهي تہ هو عام ماڻهن جي زندگيءَ جو ڇٽ ڇڙڻ سان گڏ، ڪڏهن بہ مصلحت کان ڪم وٺي، وقت جي سامراج آڏو گوڏا نہ ٽيڪي، پر ترقي پسند ادب هميشہ ان جي خلاف ڀرپور آواز بلند ڪري، انهن کي گوڏا ٽيڪڻ تي مجبور ڪيو. شيخ اياز ان جي وضاحت هن طرح ڪري ٿو تہ، "ترقي پسند دنيا جي هر عظيم انسان دوست مفڪر، اديب ۽ فنڪار کي اپنايو آهي، جو تہ انهن ڪوڙ کي ڌڪاريو آهي ۽ سچ جي سوڀ لاءِ واجهايو آهي، جو تہ انهن ماڻهن جي لوڀ، لالچ، ڏاڍ، ڌمڪاءَ ۽ هر طرح جي گدائي ۽ ڪميڻائيءَ تي ملامت ڪئي آهي، ۽ انصاف، نيڪي ۽ رواداريءَ جي حمايت ڪئي آهي." (128)

ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي پس منظر ۾ ڪيترائي اهڙا واقعا نمودار ٿيا، جن سنڌي ادب ۾ انقلابي تبديليون بيدار ڪيون. خاص طور تي افسانوي ادب ۾ انهن حالتن ۽ ناانصافين کي ليکڪن سنڌي ڪهاڻين جو موضوع بڻايو. مثال طور پاڪستان جي وجود کانپوءِ سنڌ جي حصي ۾ آزادي جيڪي زخم ڪٽي نروار ٿي، انهن ۾ سرفهرست "ون يونٽ جو قيام" شامل هو جيڪو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي لاءِ سڀ کان وڏو نقصان ثابت ٿيو جنهن ۾ سنڌ کي "سابقہ سنڌ" جي نالي سان سڏيو ويو. سنڌين کي پنهنجي صدين جي تهذيب، تمدن، ثقافت ۽ ٻوليءَ کان محروم ڪرڻ جي

هن ڪوشش، سنڌي نوجوان، عالمن، اديبن ۽ سياستدانن جي رت ڪي ٿمڪائي ڇڏيو ۽ انهن هن جي خلاف ڀرپور جهاد ڪيو. سڀئي هڪ پليٽ فارم تي جمع ٿيا ۽ انهن ان جي خلاف ڀرپور جدوجهد جو اعلان ڪيو. انهن حالتن جو ذڪر ڪندي رشيد ڀٽي لکي ٿو ته. "ون يونٽ خلاف ان جي حمايتين، جاگيردارن، سرمائيدارن، فوجي ۽ شهري ڪاموراشاهيءَ خلاف سياسي ۽ ثقافتي بنيادن تي تحريڪ زور ورتي ويئي. اديبن ۽ دانشورن جي پيغام تي ۽ سنيهي تي سنڌ جو سجاڳ شاگرد ۽ شهري وچولو طبقو ميدانِ عمل ۾ نڪري آيو ۽ سائين جي ايم سيّد سنڌ جي نجات لاءِ تحريڪ جي علامت ۽ رهبري ڪري هڪ باقاعده تحريڪ ۽ هلچل جو روپ ڏنو جنهن ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ قاضي فيض محمد وغيره پڻ شامل ٿيا. انهن سياسي دانشورن جي سياسي ادب ۽ ترقي پسند اديبن جي تخليقي ادب، جيڪا سنڌ جي ذهن ۾ ٿوري عرصي ۾ انقلابي سجاڳي ۽ ساڃهه آندي، تنهن جو مثال دنيا جي ادب جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي." (129)

اتي به سنڌ تي ٿيندڙ ظلمن جي پڄاڻي ڪانه ٿي، پر ان ڪانپوءِ به سنڌي زبان ۽ سنڌي ماڻهن جي حق تلفي جاري رهي، جنهن ۾ سنڌي زبان کي سنڌ اندر ذريعه تعليم ۽ ذريعءِ امتحان وٺڻ تي پابندي لڳائي ويئي، ڪراچيءَ کي ڌار ڪري سنڌ کان ڪٽيو ويو. نه صرف ايترو پر بئراجن جي زمين پنجابي فوجي آفيسرن ۽ ٻين جي حوالي ڪئي ويئي. بقول رشيد ڀٽيءَ جي ته. "سنڌ جي بئراجن (ڪوٽڙي گڊو) جي زمينن کان سنڌي هارين کي محروم ڪيو ويو ۽ اهي پنجاب جي فوجي ۽ سِول ڪامورن ۾ ورهايون ويون." (130)

اهڙيون حالتون ڏسي سنڌ جا ساچاه وند ماڻهو بيدار ٿيا. ۽ انهن انهيءَ حق تلفيءَ خلاف مزاحمت جو آواز بلند ڪيو، جنهن ۾ اسان جو دانشور ۽ اديب طبقو سڀنيءَ کان اول نظر آيو جنهن پنهنجي تخليقي سرگرمين ذريعي انهن جي خلاف احتجاج جو جهنڊو بلند ڪيو جنهن ۾ ترقي پسند ادب هنن جو ٻانهن ٻيلي ٿيو. هن نظريي جي پس منظر ۾ ان وقت جيڪو ادب تخليق ڪيو ويو اهو سنڌي ادب جو بهترين مزاحمتي ادب مڃيو وڃي ٿو. بقول موهن ڪلپنا جي ته. "1956ع ۾ ون يونٽ، جنهن منصوبي تحت سنڌ پاڪستان جي نقشي تان غائب ٿي ويئي، ترقي پسند دؤر ٻيهر پنهنجي زور سان ظاهر ٿيو ۽ پوءِ 1970ع تائين سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نئين سر قائم رهيو. ترقي پسنديءَ وارو اهو دؤر ثقافتي بچاءَ جو دؤر هو. جنهن ۾ سنڌين جي سيڪيولر ڪردار تي گهڻو زور ڏنل آهي." (131)

حڪومت انهن احتجاجن کي ختم ڪرڻ لاءِ هر قسم جا حربا استعمال ڪيا. ايستائين جو هن رت وهائڻ کان بہ ڪونہ ڪيٻايو. 4 مارچ 1965ع تي جيڪو واقعو پيش آيو اهو انتظاميہ جي ان بدحواسيءَ کي ظاهر ڪري ٿو تہ ڪيئن سنڌي شاگردن کي سندن جائز حقن لاءِ وڙهڻ تان گوليون هلائي، لاٺي چارج ڪري ماريو ۽ زخمي ڪيو ويو. يوسف سنڌي، جيڪو پاڻ ان واقعي ۾ شاگردن سان گڏ هو لکي ٿو تہ "4 مارچ اسان جي قومي تحريڪ جو اهو روشن ڏينهن آهي، جڏهن صدين جي غلاميءَ جون ڪٽ چڙهيل زنجيرون، هڪ ٺڪاءَ سان پڇي پور پور ٿي ويون هيون. ڌرتي ماءُ کي رت جو ريج مليو هو اپ سچي کي لاک لڳي هئي. مهراڻ جي موجن مان هڪ نئون نڪور نج سچ اڀريو هو جنهن جي جوت سموري سنڌ کي جرڪائي ويئي هئي، هر ڪنهن من ۾ نئون جذبو ۽ هڪ نئين امنگ جاڳي هئي." (132)

سنڌي ليکڪن انهن سڀني واقعن کي پنهنجين لکڻين ذريعي ظاهر ڪيو. شاگردن جي زندگيءَ ڪهاڻين جا موضوع بنيا. جنهن مان ظاهر ٿي اچي ٿو تہ سنڌي ادب هميشہ پنهنجي اردگرد جي حالتن ۽ واقعن جو ترجمان رهيو آهي، پوءِ اهي واقعا ۽ حالتون ڪهڙي بہ نوعيت جون ڇو نہ هجن. چاهي سياسي هجن يا سماجي، معاشي هجن يا مذهبي، اديبن هر ڪنهن موضوع تي لکي، ان خلاف آواز بلند ڪيو. جنهن جو بنياد ترقي پسند نظريي قائم ڪيو هو جنهن جي ذريعي هنن عام ماڻهن ۾ قومي، ثقافتي ۽ سياسي جذبي کي اڀارڻ جي ڪوشش ڪئي. ان کان سواءِ سنڌي ڪهاڻيءَ جي مقبوليت ۾ سماجي حقيت نگاريءَ جو پهلو بہ ان جي ڪاميابيءَ جو اهم جز مڃيو وڃي ٿو. جن ڪهاڻيڪارن انهن حالتن ۽ واقعن کي پنهنجي ڪهاڻين جو ويس ڍڪايو انهن ۾ اياز قادري، شيخ اياز، جمال ابڙو، محمد عثمان ڏيپلائي، رشيد ڀٽي، سراج الحق ميمڻ، امر جليل، نجم عباسي، شيخ حفيظ، غلام رباني، نسيم کرل، طارق اشرف، قاضي خادم، غلام نبي مغل ۽ حميد سنڌي، شمشيرالحيدري، زينت چنا، نورالهديٰ شاہ، عبدالقادر جوڻيجو وغيره شامل آهن.

سندن ڪهاڻين جا موضوع، هڪ پاسي پرمار طبقي (سرمائيدارن ۽ جاگيردارن) جي غريب ابوجهہ ماڻهن مٿان وسندڙ ظلمن جي نشاندهي ڪن ٿا، تہ ٻئي پاسي انهن مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن جي، انهن پرمار قوتن جي ناانصافين خلاف احتجاج کي پڻ بيان ڪن ٿا. ترقي پسند اديبن جو منشور هو تہ ڏاڍي هيٺي، غريب امير، سرمائيدار، مزور، هاري، زميندار، عورت ۽ مرد پير ۽ مريد جي ويڇن کي مٽائي غيرطبقاتي، سماجي، مذهبي ۽ معاشي قدرن کي فروغ ڏئي، هڪ اهڙو صحتمند

سماجي ۽ معاشي نظام قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ هرهڪ فرد کي هڪ جيترا سياسي، معاشي ۽ اقتصادي حق حاصل هجن. ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته سنڌي افسانوي ادب. شروع کان وٺي ترقي پسند رجحانن جو ترجمان ادب رهيو آهي، جنهن تي ورهاڱي بعد يڪتر ٽيندڙ سياسي ۽ ثقافتي تبديلين جو اثر گهرو نظر اچي ٿو. مجموعي طور اهو چئي سگهجي ٿو ته ترقي پسند ادب جا فڪري ۽ نظرياتي مقصد ساڳيا هئا. جن جو اظهار ترقي پسند ليکڪن پنهنجي پنهنجي انداز بيان، مشاهدي جي قوت ۽ اسلوب سان پنهنجي تخليقن ذريعي ڪيو.

حوالا:


1. مغل، غلام نبي، (مهاڳ) "ڪهاڻي هر دؤر جي" اياز قادري ڪراچي: قادري قلم قبيلو 2008ع ص15
2. نيض احمد نيض. سنڌيڪار: ڊاڪٽر نواز علي شوق "ميزان" ڪراچي: ثقافت کاتو حڪومت سنڌ 2012ع
3. ڪاظمي، عاشور ۽ قمر رئيس "ترقي پسند ادب پچاس سال سفر" دهلي ايجوڪيشنل پبلشنگ هائوس 1994ع ص 79
4. ابڙو جمال. مهاڳ "خبرون ڪيڏانئن جون". "آءُ ٻه جاڳي پوندس" ڪراچي سنڌيڪا اڪيڊمي2009ع
5. هَڪڙو انور نگار. "سنڌي ادبي سرڪل" ڪينجهر تحقيقي جرنل 10 ڄام شورو سنڌ يونيورسٽي ص 175
6. "ارتقا". "ترقي پسند فڪر کا ترجمان" (سجاد ظهير اورترقي پسند تحريڪ) ص 41
7. سبط حسن. مرتب "پاڪستاني ادب" 2004ع
8. سنگ نامور پروفيسر. ايضاً
9. ظهير سجاد "روشنائي" چهٽا باب. ڪراچي : مڪتب دانيال 2005ع ص 140
10. پنجابي، گوبند. مهاڳ اي جي اتم. "هوءَ موتي آئي" (ڪهاڻيون) ممبئي: نئين دنيا پبلشر 1980ع
11. شيخ، اياز. "اڳتي قدم" رسالو شڪارپور آگسٽ 1947ع
12. ويسريو منظور علي. سنده مين انجمن ترقي پسند مصنفين ڪي تشڪيل. "ڪلاچي" تحقيقي جرنل، جون 2009ع ص 60-59
13. انور. "سنڌي ترقي پسند ڪهاڻيءَ جو سماجي ڪارج". "لطيف". سنڌي ٻاڳو ايل. ايم. سي
14. ڪاظمي محمد رضا ڊاڪٽر. "هم لوگ". فهميده رياض ڪراچي: آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس 2013ع
15. ميمڻ، غفور پروفيسر. "سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر". ڪراچي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر. ڪراچي 2002ع

16. فخر زمان. "پنجاب، پنجابي اور پنجابيت" تاريخ سياست اور ادب کي دستاويز (ديباچہ) احمد سليم
17. ڪلپنا موهن. "بک عشق ادب" (آتم ڪٿا) حيدرآباد: سپي پبليڪيشن سنڌ ڊسمبر 1984ع ص 57
18. شورو شوڪت حسين: "انٽر نيشنل ڪانفرنس سنڌ ماضي، حال ۽ مستقبل" ص 374
19. شورو، شوڪت حسين. "سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نوان لاڙا ۽ تحريڪون"، ايضاً
20. نيازي، ضمير: مرتب: سبط حسن، سعيده گذدر "جائزوں کا جائزه پاکستانی ادب" آڪٽوبر 1977ع
21. انور سعيد ڊاڪٽر. مدير احسن سليم. "ادب براءِ تبديلي ڪي تحريڪ"، "سہ ماهي اجرا"، 5 ص 18، ڪتابي سلسلا جنوري تا مارچ 2010ع
22. شيخ، اياز. "روح رهاڻ"، ايڊيٽر، حميد سنڌي (هڪ خط)، حيدرآباد: مئي جون 1967ع ص 24
23. شيخ، اياز. مرتب پاران رشيد ڀٽي "خط تقريرون انٽرويو"، ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن، 1999ع ص
24. ايضاً
25. موهن ڪلپنا. مرتب: جامي چانڊيو "سنڌ جي سنڌي ڪهاڻي"، "افسانوي ۽ فڪري ادب" ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي 2007ع ص
26. لغاري يوسف. 4 مارچ 1967ع. ڪارونجهر پبليڪيشن، 2003ع ص

مختيار احمد ملاح

# منير احمد 'ماڻڪ' جي ادبي عظمت

**Abstract:**

MuneerAhmed"Manik" was famous short story writer, dramatist and novelist of Sindhi language. By nature, he was like an alien soul.His pen name was "Muneer Sindhi", which he changed after some as "Manik". He wrote many stories, some novels, novelettes and dramas etc. His stories and novels are clear picture of society therefore he faced the opposition and abuses from a group of a public but he continued writing with a resoluteness and truth. He is also called trend setter writer in Sindhi fiction. He introduced new techniques, .i.e. stream of consciousness, existentialism etc.With the publication of his history "Havellija Raaz", a particular class of society showed aggression and anger against him whereas poor, victim and literary class of people admired him a lot.His novels have been recognized a permanent position in Sindhi Literature having political thoughts of post One Unit. Besides, he has depicted meaninglessness and absurdity of life in his stories and novels. However, his dramas have totally different tone and subject. In his stage dramas he has dealt with Sindhi nationalism and in T.V plays he has depicted wounds of social life.

منير احمد "ماڻڪ"، سنڌي افسانوي ادب ۾ وڏو مقام رکي ٿو. هن پهرين منير سنڌي ۽ پوءِ ماڻڪ جي نالي سان لکيو. هو ڪهاڻيڪار ناول نگار ڊراما نويس، شاعر، صحافي ۽ مضمون نگار هو. هو سنڌي ادب ۾ جديديت وارن لاڙن جو اهم ليکڪ هو. هن انهن لاڙن کي مثبت رخ سان پيش ڪيو. ماڻڪ پنهنجي ڪهاڻين جي شروعات ون يونٽ واري زماني ۾ ڪئي. منير احمد "ماڻڪ" هڪ ذهين ليکڪ هو ۽ سنڌ جي پسمنده طبقي سان تعلق رکندڙ هو. ماڻڪ جي تعليم ايم اي، ايم ايڊ ۽ ايل ايل بي هئي. پيٽ گذر لاءِ شروع ۾ ماستري پوءِ ڪلارڪي، صحافت روسي ايمبيسي ۾ نوڪري ۽ آخر ۾ وڪالت پڻ ڪيائين.

ماڻڪ لکڻ جي شروعات 1960ع واري زماني کان ڪئي ۽ شروع ۾ هن مضمون لکيا ۽ ڪي ترجما ڪيا. ڪيس ڪهاڻيڪار طور متعارف ڪرائڻ ۾ قمر شهباز جو هٿ هو. 1963ع ۾ قمر شهباز سندس ڪهاڻي "ڳنڍيچوڙ" ماهوار "روح رهاڻ" جي ايڊيٽر حميد سنڌي ڏانهن موڪليندي کيس لکيو هو تہ: "پيارا، هن سان گڏ نوابشاهہ جي هڪ نوجوان افسانہ نگار منير احمد جو هڪ افسانو موڪليان ٿو اميد تہ پسند ايندو. هي نئون لکندڙ آهي ڪي اوڻايون ضرور هوندس، پر اوهان جي همت افزائي کيس ڪنهن ڏينهن ضرور بهترين ليکڪ بڻائيندي".[1] قمر شهباز جي منير احمد لاءِ ڪيل اڳڪٿي صحيح ثابت ٿي ۽ هو اڳتي هلي سنڌي افسانوي ادب جو نالي وارو اديب ثابت ٿيو. منير احمد باقاعده رسالن ۾ شايع ٿيندو رهيو ۽ سندس مضمون، ڪهاڻيون ۽ ڊراما مختلف رسالن ۾ ظاهر ٿيندا رهيا، جن مان اڪثر روح رهاڻ ۾ شايع ٿيا. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "حويلي جا راز" شايع ٿي پڌرو ٿيو. سندس ڪجهہ لکڻيون سندس وفات کان پوءِ بہ شايع ٿيون آهن. هتي اسان منير احمد "ماڻڪ" جي ادبي خدمتن جو جائزو وٺنداسين:

**منير احمد بحيثيت مضمون نگار:**

منير احمد لکڻ جي شروعات ادبي مضمونن سان ڪئي، هن جا اهي مضمون هند ۽ سنڌ جي مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن، جن کي اجان تائين ڪنهن سهيڙيو ڪونہ آهي. اسان کي سندس ڪجهہ مضمون هٿ اچي سگهيا آهن، جن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو سنڌي ادب جي تاريخ ۽ شاهہ لطيف سان وڏي محبت رکندو هو. 1962ع ۾ سندس ترجمو ٿيل مضمون "شعر جي تعريف" آزاد رسالي ۾ شايع ٿيو هو جنهن ۾ هن مختلف مشرقي عالمن جي تنقيد ۽ تحقيق جي روشنيءَ ۾ شعر جي وصف کي شاندار نموني بيان ڪيو آهي. ماهوار روح رهاڻ 1966ع ۾ سندس مضمون "مختصر افسانو ۽ مقصديت" شايع ٿيو جنهن ۾ هن افساني جي صنف کي مجموعي حوالن سان بهترين نموني سمجهايو آهي. هو لکي ٿو تہ: "مختصر افسانو آهي معاشرتي زندگيءَ جي دقت طور پيش آيل واقعي، ڪنهن وقت، حالت يا حياتيءَ جي ڪنهن هڪ پهلوءَ جي عڪاسي يا تصوير ڪشي. جيتوڻيڪ مختصر افساني ۾ زندگيءَ جو مختصر احوال يا سندس ذهني ۽ نفسياتي ڪيفيت بيان ڪئي ويندي آهي، ليڪن ان مختصر احوال ۾ زندگيءَ جون سموريون جهلڪيون، ان پهلوءَ ۽ سموري حقيقت ۽ ڪردار جي سموري جيون ڪٿا معلوم ٿيندي آهي".[2] ماهوار روح

رهاڻ 1967ع ۾ سندس مضمون "ادب. زندگي ۽ سياست" شايع ٿيو جنهن ۾ هن ادب ۾ سياست جي ڪردار کي اجاگر ڪيو.

منير احمد، ڪي مضمون شاهه لطيف جي باري ۾ لکيا، جن ۾ "شاهه جو شعر ۽ عورت" (1965ع)۽ "شاهه هڪ عوامي شاعر" (1964ع) اهم آهن. هنن مضمونن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيس شاهه جي ڪلام جو ڪيترو نہ مطالعو هو. هنن مضمونن ۾ بہ هن پنهنجي ڪهاڻين وانگر، شاهه جي ڪلام ۾ طبقاتي مسئلن کي تلاش ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ: "شاهه صاحب جو ڪجھ ڪلام عوامي زندگي جي تصور ڪشي آهي، ڇاڪاڻ تہ انسان جو ذهن ۽ شعور خارجي حالتن ۽ ماحول جي اثر هيٺ نهي ٿو ۽ شاهه صاحب جو سڌو سنو تعلق عوام سان هو ۽ هو جنتا منجهہ ئي رهندو هو لهذا سندس ڪلام جي ڪافي حصي ۾ عوامي جيون جو جهلڪون پسجن ٿيون".[3]

ان ڪان علاوه، منير احمد جا ڀيا بہ ڪيترائي مضمون ۽ ڪتابن تي لکيل تبصرا ۽ مهاڳ آهن، جن کي تلاش ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪتابي صورت ۾ آڻي سگهجي ٿو.

**منير احمد بحيثيت مترجم:**

جنهن دور ۾ منير احمد لکڻ جي شروعات ڪئي، اهو ون يونٽ جو دور هو ان دور ۾ سنڌي ادب ۾ ترقي پسند ۽ قومپرستيءَ جو ڏارائون حاوي هيون. ڪاپي ڏر جا اديب ويتنامي، ڪيوبائي ۽ روسي ادب مان متاثر ٿي ڪتاب لکندا هئا يا ترجمو ڪندا هئا. ان دور ۾ سنڌي زبان ۾ ڪافي ويتنامي ادب ترجمو ٿيل آهي، جيڪو گهٽو ڪري اٺويهہ سو ستر ۽ اسي وارن ڏهاڪن ۾ ويتنامي ڪهاڻيون ناول، ڪهاڻيون ۽ شاعري جي ترجما ڪيل آهن. خاص طور تي عوامي سياست ۽ ڪميونسٽ اڳواڻن تي رسول بخش پليجي جا ڪتاب "هوچي منهہ جي ڪهاڻي"، "مائوزي تنگ" جو اثر هو. ان سلسلي ۾ منير احمد بہ پوئتي ڪونہ هو. هن هڪ ڪتاب 1973ع ۾ "انقلاب آزادي ۽ سوشلزم" نالي ڪتاب ترجمو ڪيو هو جنهن ۾ هوچي منهہ جي چونڊ مضمونن ۽ تقريرون شامل هيون. بعد ۾ ساڳي ڪتاب کي يوسف سنڌي جي سنوار سان "هوچي منهہ جون لکڻيون" جي نالي سان ڇپيو هو.

**منير احمد بحيثيت ڊراما نويس:**

منير احمد "ماڻڪ" ڪهاڻي، ناول جي ڪامياب تجربن سان گڏو گڏ اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما بہ لکيا. ان دور جي اڪثر ڪهاڻيڪارن اسٽيج لاءِ تہ

شوقيہ ڊراما لکيا هئا، پر ٽي وي لاءِ ذريعہ معاش طور ڊراما لکيا. ان دور جي پي ٽي وي ڊرامن جو معيار تمام اوچو هوندو هو ۽ هر ڊرامو پنهنجا مداح پيدا ڪندو هو. منير احمد شروع ۾ اسٽيج ڊراما لکيا، جن ۾ "سنڌڙي جا سپوت"، "ڪلاچيءَ جي ڪن ۾" ۽ "شهيدبختاور" اهم آهن. هنن ڊرامن ۾ سنڌ جي سپوتن ۽ رهبرن جي عظمت کي اجاگر ڪيو ويو آهي ۽ سنڌيت جي پرچار ڪئي وئي آهي. ۾ "سنڌڙي جا سپوت" ۾ هند چوي ٿو تہ:

اصغر ـ چاڪاڻ تہ سر، اسين اهو سڪي ويا آهيون تہ قرباني ڏيڻ کان سواءِ (مٿ ۽ڪوڙيہ پانهن مٿي لوڏيا) اڄ تائين ڪنهن کي حق نہ مليا آهن. اسان سنڌ جي شاگردن پنهنجي حقن جو عهد ڪيو آهي. ان لاءِ هر قيمت (زوردار تاڙيون وڄن ٿيون. رشيد، "سنڌ جو عوام زنده آباد"، سنڌ جو ذريعہ تعليم سنڌي زبان". سنڌي ٻولي قومي زبان"، جا نعرا هڻائي ٿو.)".[4]

ستر واري ڏهاڪي ۾ منير احمد، ڪي ٽي وي ڊراما لکيا، جن ۾ "وياڪل من" (1977ع)، "آيل ڙي اولاڻا" (1977ع) ۽ "زندگي هڪ ڪن" (1978ع) اهم آهن. "زندگي هڪ ڪن" ۾ بينا، اي. آر. بلوچ، مراد بلوچ ۽ مونس اياز ڪم ڪيو هو ۽ ڊرامي جو پروڊيوسر هارون رند ۽ بيدل مسرور هئا. سندس ٽي وي ڊرامن ۾ تيز ۽ عام گهرو ٻولي استعمال ۽ عام سماجي مسئلن جي اپٽار ڏٺل هئي. ضرورت آهي تہ سندس سيئي ڊراما گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايا وڃن.

**منير احمد "مانڪ" بحيثيت ڪهاڻيڪار:**

منير احمد "مانڪ" جي اصل سڃاڻپ سندس ڪهاڻيڪار واري آهي. هن جون ڪهاڻيون مختلف موضوعن ۽ مسئلن تي لکيل آهن. هن سنڌي ڪهاڻي ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرايا. سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو "حويلي جا راز"1967ع ۾ ٻيو مجموعو "چهہ انام ڪهاڻيون"1981ع ۾ شايع ٿيو جڏهن تہ سندس ڪيتريون ڪهاڻيون مختلف رسالن ۾ شايع ٿيل آهن پر ڪتابي صورت ۾ ڪون آيون آهن. مانڪ جي مختصر ڪهاڻين ۾ "حويلي جا راز" سنڌي ادب جي شاهڪار ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ لاءِ ممتاز مهر لکيو آهي تہ "حويلي جا راز" هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جيڪا هاڻي تہ چا پر هر دور ۾ ڪشش رکندي هن ڪهاڻيءَ ۾ منير سنڌ جي زوال پذير جاگيرداراڻي سماج جي هڪ خراب رسم ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ نتيجن کي نهايت فنائتي ۽ سادي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. منير احمد شاهڪار

ڪهاڻي لکي جڻ تہ سنڌ جي ان ڊهندڙ نظام جي حويلين تي هڪ زبردست شيل ڦٽو ڪيو آهي".[5]

سنڌس ڪهاڻي "ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري" ۾ هڪ نوجوان 'رنڙ' جي ڏکن جي زندگيءَ جو بيان آهي. هوءَ ٻار جي ماءُ بہ آهي. پنهنجي اڪيلائيءَ جي ڪري ماءُ سان بہ ساڙ کائي ٿي. ليکڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ جنسياتي پهلوءَ جي اپٽار ڪئي آهي. ڌيءَ جو ماءُ سان "ساڙ" واري نفسياتي ردعمل کي بهترين نموني هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. 'نانگ' سنڌين جي پرماريت خلاف عملي غيرت جي ڪهاڻي آهي. ڪهاڻي ۾ مرڪزي ڪردار 'جانو'چوي ٿو:

"چاچا خيرو نانگ ماريو پلو آهي، هن جو ڪوبہ مذهب نہ ٿيندو آهي، ڪوبہ وطن نہ ٿيندو آهي. هن کي ڪهڙي ڪل تہ زمين جو پيار ڇا ٿيندو آهي".[6] اهڙي طرح سنڌس بيون ڪهاڻيون "سوال هڪ زندگيءَ جو"، "ڪاري"، "انسان بوءِ"، "پالهي حياتيءَ جا سڪڻا اولڙا"، "سونهان اڻ سونهان" وغيره اهم آهن.

منير احمد "مانڪ" جي ڪجهہ ناولن ۽ ڪهاڻين تي پابندي بہ پئي. ڪهاڻي "شاهہ لطيف پاڪستان ڊفينس رولس ۾" ون يونٽ واري دور ۾ سي. آءِ. ڊي جي ڪل جوڳي رپورٽنگ تي طنز ڪيل آهي، جنهن دنيا جي عظيم شاعر شاهہ لطيف ڀٽائي کي باغيانہ شاعري ڪرڻ ۽ صوبائي تعصب جي الزام ۾ ڊفينس آف پاڪستان رولس هيٺ گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ڪيا. "اڳتي قدم" رسالو ڀهرين آڪٽوبر 1970ع تي مدد علي سنڌيءَ حيدرآباد مان جاري ڪيو ۽ ان ۾ ڀهريون پيرو منيراحمد پنهنجو نالو بدلائي مانڪ رکيو ۽ سنڌس ڪهاڻي "بگهڙن جي راڄ ۾" شايع ٿي. ان ڪهاڻيءَ تي بہ پابندي پئي پر منير احمد "مانڪ" بڻجي ويو.

ممتاز مهر جي لکڻ مطابق "مانڪ جڏهن منير هو تڏهن هن ٻرندڙ سماجي مسئلن واريون ڪهاڻيون لکيون، جن مان سڀ کان بهترين "حويلي جا راز" هئي. انهيءَ دور ۾ سنڌس لکڻ جو انداز عام رواجي هو. تيز ۽ عام گهرو ٻولي استعمال ڪرڻ سبب سنڌس ڪهاڻيون پڙهندڙن تي سنو اثر ڇڏينديون هيون. منير جڏهن مانڪ جي قلمي نالي سان ڪهاڻيون لکڻ لڳو تہ سنڌس ڪهاڻين جا موضوع بہ گهڻي ڀاڱي بدلجي ويا ۽ سنڌس لکڻ جو اسٽائيل (انداز بيانيہ) گهڻو بدلجي ويو. ان وقت مانڪ جو لکيل ناوليٽ "لڙهندڙ نسل" سنڌي زبان ۾ هڪ نئون تخليقي تجربو هو.[7]

مانڪ جي ڪهاڻين جي مجموعي "ڇهہ انام ڪهاڻيون" ۾ سنڌس

ڪهاڻيون تي وجودي فڪر جي دائري ۾ لکيل آهن ۽ بي وسي ۽ بي معنائيءَ جهڙا وجودي عنصر موجود آهن.سندس ڇهه انامر ڪهاڻيون گهڻي ڀاڱي بياني (Narrative) انداز ۾ لکيل آهن. يعني ڪهاڻين ۾ هڪ ٽيون غائب شخص( Third Person) موجود آهي، جيڪو قصو/صورتحال بيان ڪري رهيو آهي. هنن ڪهاڻين کي ڏسبو تہ زندگيءَ جي سوچن جو هڪ پهلو انسان جي اڳيان ايندو. جتي محبت ۽ نفرت هڪ ٻئي سان ڳتيل آهن. خواهشون جي پوريون نٿيون ٿين، تہ ان لاءِ ڏوهاري ٻين کي سمجهيو وڃي ٿو. ڪوبہ شخص ڪنهن کي نٿو وٽي. سماج ۾ مروج نظام کان بغاوت، بي رخي ۽ بي دلي نظر اينديءَ ماڻڪ بابت شوڪت شورو لکي ٿو تہ "ماڻڪ جو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ سماج جي نظر ۾ اهو آهي تہ هو اگهاڙو سچ ٿو پيش ڪري، هن حقيقت تان ڪپڙا لاهي ڇڏيا آهن. سماج جي ٺيڪيدارن جي نظر ۾ پلي ماڻڪ جو هيءُ ڏوهہ وڏي ۾ وڏو هجي، پر حقيقت ۾ هن هڪ ديانتدار ليکڪ جي حيثيت ۾ پنهنجو فرض پورو ڪيو. سندس ڪهاڻيون زندگيءَ جي بي حسي ۽ سماجي جبر خلاف سراپا احتجاج آهن".[8]

## منير احمد "ماڻڪ" بحيثيت ناول نويس:

منير احمد "ماڻڪ" ڪهاڻيءَ کان علاوه ناول ۽ ناولٽ بہ لکيا، جن ۾ سندس انداز بيان منفرد ۽ اڇوتي آهي. هن شعور جي وهڪري ۾ وجودي فڪر تي مبني ناول لکيا. سندس ناولن ۾ "لڙهندڙ نسل"، "پاتال ۾ بغاوت"، "رج ۽ پڙاڏا" ۽ "پڇتاءُ" (2014ع) شامل آهن. هن جا ناول ۽ ڪهاڻيون ون يونٽ جي ٽٽڻ کان پوءِ واري مايوسي جي تصوير ڪشي جو بهترين نمونو آهن.ممتاز مهرون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ واري صورتحال لاءِ لکي ٿو تہ "سنڌ ٻيهر بحال تہ ٿي پر سنڌ جي ماڻهن جي مسئلن ۾ ڪو ڦيرو نہ آيو. سواءِ ڪن نوجوانن کي نوڪرين ملڻ جي، سي بہ وڏيرن ڪامورن جي سفارشن سان. تنهن ڪري عام نوجوانن ۾ مايوسي جي هڪ لهر اچي ويئي ۽ منير احمد ماڻڪ ٻڌجي ون يونٽ جي ڊهڻ جي سنت پوءِ واري دور جي سنڌي نوجوانن جي ذهني ڪيفيت کي حساس نوجوان جي حوالي سان پنهنجي ناوليٽ "لڙهندڙ نسل" ۾ چٽيو. اهو نوجوان پنهنجي زندگيءَ کي ڪا معنيٰ ڏيڻ چاهي ٿو پر لاحاصل".[9]

سندس باري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿوتہ "ماڻڪ، سنڌي ڪهاڻي ۾ منفرد طرز جو ليکڪ آهي. سندس تحريرن جو وڏو حصو ان پيڙا جو پڙلاءُ آهي، جنهن

هن سماج ۾ جيڪو ظلم ڏٺو ان خلاف لکيائين. "سمجھ جي مار" وارن ڪيس ٿي ڪٽي چؤ ڪنيو پڌو-ڇي بد اخلاقي ٿو پکيڙيھ جنسياتي مرض ۾ ورتل آهي. ماڻڪ جي ڊگهي ڪهاڻي/ناوليٽ "رڃ ۽ پڙاڏا" ۾ شبو جي پيڙا، هر نوجوان جي پيڙا آهي، جيڪو نابرابري ۽ ظلم جو شڪار آهي. جذبن وهيڻو آهي، پر بيوسيءَ جي اهڙي چار ۾ قائل آهي، جنهن مان هڪڙو نسل پاڻ ڇڏائي نٿو سگهي".[10] سندس ناولن جو مختصر جائزو هيٺ ڏجي ٿو:

## 1. لڙهندڙ نسل

ماڻڪ جو ناولٽ "لڙهندڙ نسل" جي ڪهاڻي هر نوجوان جي ڪهاڻي آهي، جيڪو پنهنجي زندگي کي ڪا معنيٰ ڏيڻ چاهي ٿو پنهنجي وجود جو اظهار ڪرڻ چاهي ٿو. هي ڪتاب پهريون دفعو 1972ع ۾ شايع ٿيو هو. هي ناولٽ هڪ بي روزگار نوجوان جي ڪهاڻي آهي. جنهن نوڪريءَ جو آسرو هميشه لاهي ڇڏيو آهي. هو پاءُ ۽ پاچائي سان گڏ رهي ٿو. پاءُ ڪيس هميشه ماني لاءِ بہ طعنا هڻي ٿو:

"بک نہ هجيئي تہ جهلي ويندو ڪر. تيھ روپيا مڻ اٽو آهي، خان صاحب".[13]

هن ناولٽ جا ڪردار اڄ بہ اسان جي هن سماج ۾پنهنجن پنهنجن طبقن سان موجود آهن، ان ڪري ماڻڪ جون چيل ڳالهيون صحيح معلوم ٿين ٿيون. ماڻڪ جو هي ناولٽ دراصل ان دور جي نمائندگي ڪري ٿو جڏهن يحيٰ خان ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي هئي ۽ ٻئي طرف بنگالي هڪ نئين راھ جا متلاشي هئا ۽ سنڌ جا نوجوان پهريون دفعو پڙهڻ خاطر ڳوٺ ڇڏي شهرن ۾ تعليم خاطر اچي رهيا هئا. هي ناولٽ وجود فڪر جي پسمنظر ۾ اقتصادي، سياسي، سماجي، ۽ انساني پستيءَ جي بہ نمائندگي ڪري ٿو. هڪ هنڌ ماڻڪ لکي ٿو تہ:

"بيچيني پيانڪ انجام پيانڪ انديشي ۾ بي مقصد زندگيءَ جي ونڊيندڙ احساس هيٺ پوڳيندڙ وجود".[14]

## 2. رڃ ۽ پڙاڏا

ماڻڪ جو هي ناولٽ پهريون دفعو 1976ع ۾ شايع ٿيو. ماڻڪ پهريون سنڌي اديب آهي، جنهن مڪمل طور تي وجودي فڪر جي دائري ۾ ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا آهن. هن وٽ انساني رشتن جي گروھ ۾ رهي ڏاريو هئڻ، احساس زندگي، چونڊ جي اختيار بي وسي ۽ بي معنائيءَ جهڙا وجودي عنصر موجود آهن. هو پنهنجي طويل ڪهاڻي "رڃ ۽ پڙاڏا" ۾ بار بار اهو ورجائي ٿو تہ:

"زندگي جو هي سفر بہ ڪيڏو پوائنتو آهي. زندگيءَ جو سفر اڪيلو اڪيلو ڪيڏو اٽانگو خاموش، زندگيءَ جو احساس ڪيڏو نہ پيڙا ڀريو آهي "اذيت ناڪ".[15]

عبد الوحيد جتوئيءَ هن ناولٽ لکيو آهي تہ: "رڃ ۾ پڙاڏا" ۾ ماڻڪ ان ڳالهہ کي واضح ڪري چڪو آهي تہ انسان آزاد آهي، تہ پوءِ اهو مرد هجي يا عورت. اخلاقيات جو ڪو بہ جڙتو قانون، ان سان لاڳو ڪري نہ ٿو ڪري سگهي. هڪ انسان جو ٻئي انسان تي جبر ڪرڻ ۾ ان کي ڪنهن بہ اختياري عمل کان روڪڻ جو ڪو بہ حق نہ ٿو پهچي. هو جنهنن ۾ پلو سمجهندو اهو اختيار ڪندو. ماڻڪ پنهنجي ڪردار عاشيءَ جي پچي وڃڻ تي، سندس پاءُ بشير جي لاءِ عمل کي ظاهر ڪندي لکي ٿو تہ:

"نہ مون کي اهو چوڻ جو ڪو حق نہ ٿو پهچي تہ هوءَ پچي وئي، هوءَ منهنجي ٻانهي نہ هئي (هيڻ گهرجي) هن کي پنهنجي زندگي بابت فيصلي ڪرڻ ۾ واٽ جي چونڊ جو مڪمل اختيار هو (هئڻ گهرجي)".[16]

هن ناولٽ جي باري ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو تہ "ماڻڪ جي ڏکهي ڪهاڻي/ناوليٽ "رڃ ۾ پڙاڏا" ۾ شبو جي پيڙا، هر نوجوان جي پيڙا آهي، جيڪو نابرابري ۾ ظلم جو شڪار آهي، جذبن وهيڻو آهي، پر بيوسيءَ جي اهڙي ڄار ۾ ڦاٿل آهي، جنهن مان هڪڙو نسل پاڻ ڇڏائي نٿو سگهي".[17]

3. پاتال ۾ بغاوت

پاڪيٽ سائيز ۾ ڇپيل هيءُ ننڍو ناولٽ پهريون ڇاپو 1977ع ۾ آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد مان ڇپائي پڌرو ڪيو هو. 80 صفحن تي مشتمل هو هن ناولٽ ۾ انسان جي اهم مسئلن کي فلسفياڻي انداز ۾ ڪنيو ويو آهي. هن ناولٽ جي ڪهاڻيءَ ۾ جيڪا اهم ڳالهہ آهي، اها آهي 'مزاحمت'. هي ناولٽ يوناني ڏند ڪٿائي قصي کي علامتي طور پيش ڪيو ويو آهي، جن ۾ پروميٿيس (Promothyhysus) ۽ سيسفس (Sisyphus) شامل آهن. اهي ٻئي ڪردار انسان دوستيءَ جي ڪري مشهور آهن ۽ زيوس ديوتا وٽ يرغمال آهن.

'پاتال ۾ بغاوت' جا بہ 'ڀاڱا' آهن. پهريون ڀاڱو (ص 9 ـ 33). 'سسيفس جي ناڪار' هڪ طرح جو مهاڳ آهي، جنهن ۾ ماڻڪ هِن 'دائمي ڦتڪاريل ۽ ننديل' ڪردار بابت پنهنجي نظريو اپٽاري آهي: 'سسيفس، ڪامُو پاران مڙهيل وجود کان متاثهون آهي. گهڻو متاثهون. ڇاڪاڻ تہ هو اختيار جو ننديل آهي ۽ ڦتڪاريل.

سندس وڏائي انهيءَ ۾ آهي ته، هو سدائين، هر ويل، اختيار کي چوي ٿو: نه۔ جو ڪجهه متس مڙهيو ويو آهي، اختيار پاران، جنهن وٽ سگهه آهي. سسيفس ان کي ٽڏي ٿو. نابري واري ٿو. نه: ۽ انهيءَ "نه" ۔ جي حد کان "پاڻ هجڻ". جي اظهار جي سرحد شروع ٿئي ٿي.

بيو پاڳو ۾ اصل Story بيان ڪيل آهي جاءِ واردات پاتال/ موت گهر. هاديس (مالڪ موجب: هيڊز) ۽ ديوتائن جي درٻار اولمپوس. آهي. هاديس ۾ ديوتائن جي بين 'ڦتڪاريل، دائمي سزا ڀوڳيندڙن' سان گڏ سسيفس به پنهنجي اڻ کٽ سزا جو عتاب ڀوڳي رهيو آهي۽ سلسلو جڳن کان هلندو اچي ٿو اصل قصي جي شروعات تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن هڪ لڱا اوچتو سسيفس ڇپ کي ريڙهڻ بند ڪري، ان مٿان ويهي رهي ٿو ۽ پهرين پاتال (موت گهر) جي واليءَ، هاديس، جي هڪل تي پوءِ مها ديوتا، زيوس جي پيغمبر، هرمز جي چوڻ تي به پٿر ريڙهي چوٽيءَ تي پڄائڻ کان ناڪار ڪري ٿو. تنهن تي ڪيس اولمپوس ڏانهن نيو وڃي ٿو جتي هو زيوس سان مهاڏو اٽڪائي ٿو. اُتان هو وري پاتال ڏانهن موٽايو وڃي ٿو انهيءَ حڪم سان ته سندس سزا جو چڪر ايترو ته تِکو ڪيو وڃي، جو منجهس سوچ لاءِ ڪا وٿي نه بچي، سندس سونجهه جا سمورا ڳُڙڪڙا بند ٿي وڃن. پر سندس 'پيڙا جي سيرت' ۽ 'بيوسيءَ جي جاڻ' جيئن جو تيئن رهي. سرورق تي جو ڪارڊ جو آهي، هڪ هيٺي انسان جو چٽ آهي، جنهن جا هٿ (Larger than life ) يعني زندگي کان به وسيع آهن ۽ چوڏاري چانيل اونده جون ڪڙيون، سندس هڪ ئي مُک سان ڇيهون ڇيهون ٿي رهيون آهن.

## 4. ساهه مٿ ۾

منير احمد مانڪ جو ناول "ساهه مٿ ۾" پهريون دفعو 1986ع ۾ هندستان مان شايع ٿيو. هي ناول هڪ دور جي تاريخ آهي ۽ ون يونٽ جي پسمنظر ۽ ان ۾ پيدا ٿيل صورتحال ۾ لکيل آهي. هن ناول ۾ هڪ غلام قوم جي ساجاهه وند فرد جي خوف، عدم تحفظ جي احساس، پنهنجي ڌرتيءَ تي اوپرائپ پري ماحول مان پيدا ٿيندڙ انديشن جي مڪمل عڪاسي ڪئي وئي آهي. سڄي ناول ۾ به ڪردار آهن. هڪ سنڌي جو ليڪچرار ۽ بي سندس زال. هنن وٽ مايوسي به آهي ته ٿڪ به آهي. ساڳي وقت زندگيءَ جي بي مقصدگي جو احساس به آهي.

هن ناول لاءِ پروفيسر هيرو شيوڪاڻيءَ لکيو آهي ته: "ٻن سوءِ صفحن جي

سر ورق تي لکيل سنڌ ۾ ملٽري حڪومت جي پسمنظر ۾ لکيل ناول جو واقعا تي آڌار ڇڏيو پاڙيو آهي. سنڌي زبان جو ليڪچرار ائين محسوس ڪرڻ لڳي ٿو ته لڪل طاقت سندس پيڇو ڪري رهي آهي. ڪو سندس ڪڍ آهي. پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي غير سلامتيءَ جو احساس، نوڪري کسجڻ جو ڊپ ، مسلمان هوندي به سنڌي هجڻ جو اڌڪو هن کي پيڙهي رهيو آهي. ناول جي ان ڇڏي پاڙي واقعاتي اڻت ۾ ليکڪ سنڌ جي موجوده صورتحال کي آمريت جبريت ۽ پنهنجين ئي وڏيرا شاهيءَ ۾ ساهه مٺ ۾ ڪٽي هلندڙ سنڌ کي ڪن علامتن سان مڪمل وضاحت ۽ بي باڪيءَ سان چٽيل آهي".[11] ناول ۾ سنڌي ماڻهن جي اپوجهائپ لاءِ لکيو اٿائين ته: "نيٺ سنڌ جو ڇا ٿيندو؟ بنگالي ته جان ڇڏائي ويا. قربانيون سو عظيم ڏنائون. چوي ٿو.

. ڇا ٿيندو؟ ڪجهه به نه ٿيندو . پاڻ واري جي.ايم.سيد جون ڳالهيون پليون. پر آهي رڳو وڏيرن جي پٺيان. پٺو پنجاب جي مفادن سان غداري ڪرڻ نٿو چاهي. ڪميونسٽ. هڪڙا پناهگيرن جا پٺو . جن جون ناڪيليون ڪراچي جي ڪالونين ۾ وينل پناهگير ڪامريڊن جي هٿن ۾ پيا. ڏينهن جو سياسي لائنون هلائين . منجهند جو سرمائيدارن ۽ وڏيرن سان ڳجهيون ڪچهريون ڪن ته رات جو ڌرتي جي ڏجاٽين تي محنت ڪن . ڇا ٿيندو منهنجا پاءِ . ڪجهه به نه".[12]

## 5. پڇتاءُ

2014ع ۾ مانڪ گهر ۾ رکيل هڪ بريف ڪيس مان سندس ڪجهه اڻ ڇپيل مواد هٿ آيو جن کي "مانڪ جي بريف ڪيس مان" جي نالي سان شايع ڪرايو ويو جنهن ۾ سندس اڻ لڀ ناولٽ "پڇتاءُ" به شامل هو.هن ناولٽ ۾ ۾ مکيه ڪردار هڪ وئيشيا جو آهي ۽ موضوع ان جو قتل آهي. ناولٽ ۾ هڪ هنڌ ان عورت لاءِ لکي ٿو ته:

"غضب جي عورت هئي عورت نه . نينگري جوانڙي . مون کي هينئر سندس بڌايل واقعو ذهن تي پيو تري . انجو تصور ڪيڏو نه دل ڏاريندڙ آهي. انسان جيڪڏهن ڪجهه به ڪرن تي اچي ته ڇا نٿو ڪري سگهي . اسين پاڻ ۾ ڪافي گهرا ٿي ويا هئا سين . هيڪ پيري مون کائنس پوڳ ۾ پڇيو . "اهو ڪهڙو پاڳن وارو هو.؟ جنهن سائين جن جي ڪنوارپ جو. . . . ؟ مو اجان سوال پورو ئي نه ڪيو هو ته ڏٺم سندس منهن جو رنگ اُڏامي ويو آهي ۽ چپ ڪاراٽجي ويا اٿس . مان پنهنجي ليکي ڏاڍو ششدر ٿيس.

سوچيم شايد اهو سوال اڻوڻندڙ لڳو آهي . پڇڻائڻ واري انداز ۾ چيم . مون کي معاف ڪجو. اهڙي قسم جو ڪريل سوال مون کي نہ ڪرڻ کپندو هو". (18)

ماڻڪ سنڌي افسانوي ادب جو هڪ تمام وڏو نالو هو جنهن نہ رڳو سنڌي ڪهاڻي ۽ ناول جي فارم، ٻولي ۽ اسلوب ۾ تبديلي آنديءِ پر نهايت چرڪائيندڙ موضوع ۽ لاڙا پڻ متعارف ڪرايا. هن ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان بي عنوان ڪهاڻيون لکيون. ڪهاڻين کي شعور جي وهڪري ۾ لکڻ جو ڍنگ ڏنو وجودي فڪر ۽ بي معنيت جي موضوع آندا ۽ انهن کي بلندين تائين پهچايو.


حوالا:

1. قمر شهباز جو حميد سنڌي ڏانهن لکيل خط ماهوار روح رهاڻ، حيدرآباد، ص 28
2. منير: "مختصر افسانو ۽ مقصديت"، ماهوار روح رهاڻ 1966ع، ص 13
3. منير: "شاهہ هڪ عوامي شاعر"، نئين دنيا ، آڪٽوبر 1964ع، ص 20
4. منير احمد: "سنڌڙي جا سپوت"، نئين دنيا ، آڪٽوبر 1965ع، ص 26,27
5. مهر، ممتاز: "ويچار"، آگم پبلشنگ، حيدرآباد 1980ع، ص 95
6. منير احمد: "نانگ" (ڪهاڻي) "حويليءَ جا راز"، سوجهرو پبليڪيشن حيدرآباد، ص 17
7. مهر، ممتاز: "ويچار"، آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد، 1980ع، ص 95
8. شورو، شوڪت حسين: "بي معنيٰ زندگي" (مئل ماڻهو ـ جيئري پيڙا)، ص 61
9. مهر، ممتاز: "ويچار" آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد، 1980ع ص 95ـ96
10. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر: "ذات ۽ ڏانءُ جو ناءُ ـ ماڻڪ"، (مئل ماڻهوـ جيئري پيڙا) سهيڙيندڙ: سحر امداد[1] پروفيسر هيرو شيوڪاڻي: "سنڌي ناول ڪٺگهري ۾"، ص 107
11. پروفيسر هيرو شيوڪاڻي: "سنڌي ناول ڪٺگهري ۾"
12. ماڻڪ: "ساهہ مٺ ۾"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو
13. ماڻڪ: "ٽي ناوليٽ" (رڄ ۽ پڙاڏا، لڙهندڙ نسل ۽ پاتال ۾ بغاوت) روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 1992ع
14. ماڻڪ: "ٽي ناوليٽ" (رڄ ۽ پڙاڏا، لڙهندڙ نسل ۽ پاتال ۾ بغاوت) روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 1992ع

15. ماٺڪ: "ٽي ناوليٽ" (رج ۽ پڙاڏا، لڙهندڙ نسل ۽ پاتال ۾ بغاوت) روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 1992ع
16. جتوئي، عبدالوحيد: "وجوديت ۽ سنڌي ادب"، سرگ پبليڪيشن، حيدرآباد 2001ع ص 68
17. جوڻيجو عبدالجبار ڊاڪٽر: "ذات ۽ ڏانءُ جو ناءُ - ماٺڪ"، (مئل ماڻهو- جيئري پيڙا) سهيڙيندڙ: سحر امداد/امداد حسيني، 1980ع، ص 49
18. ماٺڪ: "ماٺڪ جي بريف ڪيس مان" ماءِ پبليڪيشن، 2014ع

حافظ حبيب الرحمان سيال

# آخوند عزيزالله متياروي جي پاران سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل قرآن مجيد ۾ سوره يوسف جي ترجمي جون خصوصيتون

# Distinctions of Sindhi Translation of Soorah Yusuf, in the Holy Quran Translated into sindhi by Akhund Azizullh Matiarvi.


## ABSTRACT

Sindhi Translation of the Holy Quran by Akhund Azizullah is the oldest translation available of the Holy Quran in sindhi prose. This is a combine translation word to word and into sindhi syntax. Translation of soorah Yusuf is definitely different because here translator has tried to disclose the roohani secrets hidden in this soorah. He compared the characters, things and places that have come in this soorah to the roohani characters and destinations. This type of translation nobody could do except Akhund Azizullah Matiarvi. Therefore Sindhi translation of soorah Yusuf by Akhund Azizullah Mtiarvi is definitely a distinct translation.


سنڌي نثر جي تاريخ ۾ آخوند عزيزالله متيارويءَ جو نالو بنيادي نثر نويسن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. پاڻ ٽالپرن جي دور جو عالم عارف بالله، مترجم ۽ مفسر ٿي گذريو آهي. علم ۽ عرفان جي دولت سان مالامال هي استاد درگاهه لواري شريف جي نقشبندي بزرگن جو بيعتي ۽ ارادتمند هو. آخوند عزيزالله متياروي، متيارين ۾ مخدوم محمد ذاڪر جي گهر ۾ ڄائو. سندس گهراڻو علم جو گهوارو هو. پاڻ شروعاتي ديني ۽ دنيوي تعليم پنهنجي والد کان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ متياريءَ جي مشهور عالم مخدوم محمد عثمان جي درسگاهه مان ديني تعليم حاصل ڪري عالم جي دستار فضيلت حاصل ڪيائون.

آخوند عزيزالله جي تاريخ پيدائش جي متعلق ڪا روايت ڪانه ٿي ملي البته سندس تاريخ وفات بابت مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو ته "سندس ڪتب خاني جي ڪن ورقن مان سندس تاريخ وفات جون ڪجهه سٽون هٿ آيون آهن:

"وفات مخدوم عزيزالله مترجم قرآن بزبان سندي 7 شعبان دو شنبہ بوقت ضحيٰ 1273ھ مدفنش در مڪان لواري بہ پشت روضہ بزرگان لواري"

'نورالله مضجعہ' جي فقري مان سندس تاريخ وفات حاصل ٿئي ٿي 1273ھ (1)

آخوند عزيزالله متياروي؛ اسي ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. مٿين روايت جي مطابق آخوند عزيزالله 1273ھ ۾ وفات ڪئي تہ سندس ڄمڻ جو سال 1193ھ مطابق 1779ع بيهي ٿو.

---

آخوند عزيزالله متياروي؛ پاران سنڌي نثر ۾ قرآن مجيد جو ڪيل ترجمو سنڌي؛ ۾ قرآن مجيد جو پهريون ترجمو نہ آهي. البتہ دستياب سنڌي نثري ترجمن ۾ سڀني کان اڳاتو آهي. هي ترجمو ڪيترائي ڀيرا شايع ٿيو. ڊاڪٽر عبد الجبار مطابق هن قرآن مجيد جا هيٺيان ڇاپا شايع ٿيا:

"پهريون ڀيرو هن قرآن مجيد جو ترجمو گجرات جي 'مطبع محمديہ ڇاپيخاني" مان 1257ھ. 1841ع ڌاري ڇپيو. ان کان پوءِ ان جو ٻيو ڇاپو بمبئي؛ مان 'مرغوب هر ديار پريس' مان، 1293ھ. 1876ع ۾ ڇپيو ۽ ٽيون ڀيرو 'ڪريمي پريس'، بمبئي؛ مان، 1320ھ. 1906ع ۾ شايع ٿيو". (2)

آخوند عزيزالله پاران قرآن مجيد جو ڪيل ترجمو دستياب قرآن مجيد جي نثري ترجمن ۾ سڀني کان اڳاتو هئڻ سان گڏوگڏ، سنڌي ادب جو بنيادي 'نثر' پڻ آهي. قرآن مجيد جو هي ترجمو اوائلي سنڌي نثر ۾ لکيو ويو آهي. جيڪو گڏيل طور 'تحت اللفظ ۽ مرادي' ترجمو آهي، پر سوره يوسف جو ترجمو سڄي قرآن مجيد جي ترجمي کان بنهہ منفرد ۽ انوکو آهي. جيڪو روحانيت جي طالبن لاءِ اسرارن سان ڀريل آهي. هن سورت کي ان رُخ کان آخوند عزيزالله کان سواءِ ڪنهن ٻئي مترجم يا مفسر اهڙي؛ طرح بيان ڪونہ ڪيو آهي. آخوند عزيزالله کي انهن روحاني ڪيفيتن جو ادراڪ، روحاني سبقن، سلوڪن ۽ شخصيتن سان ويجهڙائپ ۽ لڳاءُ سبب آهي. جو پاڻ انهي؛ راهہ جو مسافر هو. هن سورت جي ترجمي لکڻ وقت آخوند عزيزالله روحاني ڪيفيت ۾ ٻڏل آهي. پاڻ هن سورت جو ترجمو اهڙي نموني ڪيو اٿس جو اهو هر ماڻهو؛ کي پنهنجي حال ۽ ڪيفيت جي مطابق لڳي ٿو. حاشئي ۾ پاڻ لکي ٿو تہ: "هي قصو سڀ ڪنهن حال مٿي آهي."

سوره يوسف ۾ الله تعاليٰ، حضرت يوسف عليہ السلام جي ننڍ پڻ کان جواني؛ تائين جو قصو بيان ڪيو آهي. جنهن کي قرآن مجيد ۾ 'احسن القصص'

يعني بهترين قصو ڪوٺيو ويو آهي. هي طويل قصو خاص ۽ عام کي ٻڌل آهي. جنهن کري هتي ان کي بيان ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. آخوند عزيزالله هن سورت ۾ آيل ڪردارن ۽ مقامن کي روحاني ڪردارن، مقامن ۽ منزلن ۾ سمويو آهي. هن سورت ۾ معرفت جي راهہ جي طالبن لاءِ هدايتون بيان ڪيون ويون آهن. اسان هتي انهن جو بيان ڪنداسين.

سوره يوسف جي آيت 102

"ذَالِكَ مِن أَنبَاءِ الغَيبِ نُوحِيهِ إِلَيكَ." جي ترجمي ۾ آخوند عزيزالله لکي ٿو تہ:

"هي ترتيب سلوڪ جي آهي ڪنا خبر غيب جي جو وحي موڪليو."

اهڙي طرح هن سورت ۾ روحاني سبقن ۽ قلبي لطيفن جي هڪ ترتيب بيان ڪيل آهي. جيڪا ڪن ظاهري شين ۾ پوشيده ڪري رکي وئي آهي جنهن کي انهيءَ راهہ جا راهي ڳولي لهن ٿا.

هن سورت جي آيت 108 :

"قُلْ هٰذِهِ سَبِيلِي أَدعُو إِلَي اللهِ ○ "

ترجمو: "چئو طريق ۽ واٽ سلوڪ جي هيءَ آهي دين منهنجو"

يعني دين جي تعليم ۾ رُوحانيت ۽ سلوڪ جا سبق پوشيده ڪري رکيا ويا آهن.

هن سورت جي آيت 7 ۾ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ:

"لَقَد كَانَ فِي يُوسُفَ وَ إِخوَتِهِ آيَةٌ لِلسَّائِلِين"

ترجمو: "تحقيق آهين منجھ يوسف ۽ ڀائرن ان جي معجزا واسطي پڇندڙن جي."

هتي مقصد هي آهي تہ حضرت يوسف ۽ سندس ڀائرن جي قصي ۾ حقيقت جي سائلن جي لاءِ روحاني راز پوشيده رکيا ويا آهن، جن کي انهيءَ واٽ جا طالب ڳولي حاصل ڪن ٿا. آخوند عزيزالله ان آيت جي تشريح ڪندي حاشئي ۾ لکي ٿو تہ: "پروڙين ان منجهان حال پنهنجو سالڪ جي پڇائين الله کي ان منجهان سئين واٽ ڏسن وصول جي طرف ذات پاڪ جي." (حاشيو ص 326) يعني جڏهن سالڪ انهن روحاني رازن کي پروڙين ٿا تہ آخر ڪار ڪين پنهنجي رب جو وصل حاصل ٿئي ٿو.

اڳتي آخوند عزيزالله هن سورت جي آيت نمبر 109

"أَفَلَم يَسِيرُو فِي الأَرضِ فَيَنظُرُو كَيفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِينَ مِن قَبلِهِم" جي تشريح ۾ حاشئي ۾ لکي ٿو تہ: "ڪونہ ٿا سير ڪن منجھ زمين (بشريت جي ساڻ قدم شريعت جي ۽ طريقت جي پوءِ رسن منجھ عالم حقيقت جي." يعني جڏهن انسان روحانيت

جي وادي (زمين) ۾ سير ڪرڻ نڪرندو تہ کيس پھرين شريعت جي وسندي مان گذرڻو پوندو. پوءِ ا تي ڪاربند رھيو تہ کيس طريقت جي واٽ نظر ايندي، جتان پوءِ طالب تي حقيقت جي منزل آشڪار ٿيندي. ھن پيرائي ۾ ڪنھن ٻئي عالم قرآن مجيد جي ترجمي ۾ سوره يوسف جي تفسير يا ترجمو بيان ڪونہ ڪيو آھي. نہ ئي ان رخ کان ھن سورت ۾ رکيل ڳجھين روحاني ۽ رحماني منزلن جو ڏس ڏنو آھي.

آخوند عزيزالله، ھن سورت ۾ آيل ظاھري ڪردارن کي روحاني ڪردارن سان ڀيٽ ڏني آھي. حضرت يوسف کي قلب، حضرت يعقوب کي روح، بيبي راحيلا (حضرت يوسف جي ماءُ) کي نفس، ڏھ ڀائرن کي جسو (جسم)، يارھين ڀاءُ بن يامين کي عقل قرار ڏنو آھي. اھي سڀئي ڪردار گڏجي ھڪ روحاني جسم مڪمل ڪن ٿا. حاشئي (ص 325) ۾ آخوند عزيزالله لکي ٿو تہ: "۽ جڏھن ھي يارھن ئي سجدو ڪن قلب کي جيڪا ھلي ذات ڏانھن تہ پوءِ پورو ٿئي ڪمال ۽ حاصل ٿئي مقصود تنھنجو." يعني جڏھن حضرت يوسف جا يارھن ڀائر ۽ سندس ماءُ ۽ پيءُ کيس سجدو ڪن ٿا تہ اھي حقيقت ۾ حضرت يوسف کي نہ پر رب پاڪ جي ان تجليءَ کي سجدو ڪن ٿا جيڪا حضرت يوسف جي دل ۾ موجود ھئي. جنھن سان انھن کي پنھنجو مقصد حاصل ٿيو.

ھن سورت ۾ بيان ٿيل آھي تہ حضرت يوسف خواب ڏٺو تہ کيس يارھن تارا، سج ۽ چنڊ سجدو ڪري رھيا آھن ۽ جڏھن ھن ان خواب جو ذڪر پنھنجي والد حضرت يعقوب سان ڪيو تہ ان کيس خواب کي پنھنجي ڀائرن کان لڪائڻ لاءِ چيو. ان جي تشريح ۾ آخوند عزيزالله حاشئي (ص 356) ۾ لکي ٿو تہ: "محبت خدا جي گھرجي تہ لڪائجي سيني کان بلڪ پنھنجي جُسي کان ۽ نفس کان پڻ لڪائجي مگر روح سان لکي اورجي." آخوند عزيزالله ھتي حضرت يوسف کي قلب ۽ حضرت يعقوب کي روح سان تشبيھہ ڏني آھي.

حضرت يوسف کي جڏھن ان جا ڀائر کوھ ۾ اڇلائين ٿا تہ ان جي تشريح ۾ آخوند عزيزالله انھن ڪردارن کي ھن طرح تشبيھہ ڏني آھي تہ: کوھ آھي غفلت، جسو بشريت ۽ ڪُن گمراھي آھي. انسان جڏھن غفلت جي کوھ ۾ ڪري ٿو پئي تہ کيس گمراھيءَ جو ڪُن ٻوڙي ٿو ماري. اتي غفلت جي کوھ مان جڏھن انسان مٿي ٿو ڏسي تہ کيس جيڪو آسمان نظر ٿو اچي سو روحانيت آھي، جنھن کي ھو ان حالت ۾ پھچي نہ ٿو سگھي. حضرت يوسف جا ڀائر جڏھن ان جي پھراڻ (ڪُرتي) تي بڪر

جي رت جا ٽڪا هٽي، حضرت يعقوب وٽ ڪٺي آيا. تنهن جي تشريح ۾ آخوند عزيزالله لکي ٿو تہ: بگهڙ دراصل شيطان آهي. رت جا ٽڪا گناهن جي ڪارائي(سياهي) آهن. جنهن دل جو ساھ ڪڍي ڇڏيو آهي. جيڪو اصل ۾ ايمان جو نور آهي. يعني انسان جو قلب جيڪو ايمان جي نور سان منور آهي، تنهن تي جڏهن گناهن جي سياهي جا ٽڪا لڳن ٿا تہ غفلت شروع ٿئي ٿي جيڪا پوءِ آهستي آهستي مڪمل سياھ ٿي وڃي ٿي". پاڻ وڌيڪ لکي ٿو تہ: "جڏهن گناھ ڪري بدن ۾ غافل ٿئي دل ۾ حزن وارو ٿئي روح." انسان جڏهن گناھ ڪري ٿو تہ ان جي دل نيڪي کان غافل ٿي وڃي ٿي. جنهن ڪري ان جو روح ڏکارو ٿئي ٿو جو ڪيس انجام جي پروڙ آهي.

آخوند عزيزالله جو تعلق جيئن تہ نقشبندي سلسلي سان هو. ان ڪري سندس لاڙو تصوف ڏانهن هو. هن سورت جي تفسير يا تشريح ۾ پڻ پاڻ ان سلسلي جي روحاني لطيفن ۾ سبقن جو ذڪر ڪيو آهي. يعني هن سورت جي ڪردارن ۾ واقعن ۾ پڻ هو روحاني رازن جو ڳولائو آهي. هن سورت جي ڇوٿين آيت

"وَكَذَالِكَ يَجتَبِيكَ رَبُّكَ وَيُعَلِّمُكَ مِن تَاوِيلِ الاَحَادِيثِ وَيُتِمُّ نِعمَتَه عَلَيكَ."

ترجمو: "۽ مثل ان خواب جي ڏٺندو توکي اي قلب رب تنهنجو توکي ڪنا تعبيرن هن خواب جي ۽ گهٽي ڪندو الله نعمت توتي." جي تشريح ۾ لکي ٿو تہ : "يارهن حسن تن منجهان پڌر ; اک، ڪن، نڪ، لڱ (چمڙي) ۽ چکڻ (زبان) ۽ پنج ڳجها; فڪر ۽ يادگيري، صورت، پسڻ، وهم ۽ ننڊ. يارهون عقل ۽ پنج لطيفا جي مائٽ يوسف جا هڪڙو قلب، بيو روح ٽيون سِرُ، چوٿون خفي ۽ پنجون اخفي." (حاشيو ص 336) نقشبندي سلسلي ۾ سلوڪ جا اهي پنج لطيفا ( قلب، روح، سِرُ، خفي ۽ اخفي) آهن. آخوند عزيزالله لکي ٿو تہ: "سالڪ انهن لطيفن کي پچائي پنهنجي محبوب رب جو وصل ماڻين ٿا.

سوره يوسف جي آيت 19 ۾ ارشاد آهي: "وَجَاءَت سَيَارَةٌ فَاَرسَلُو وَارِدَهُم فَادلي دَلوَه "○ ترجمو "۽ آيو قافلو يعني رحمت الله جي جو مرشد آهي. پوءِ موڪليائين پخالي فيض نور جو نائين سچ جذبي رحمت جو." هن آيت جي تشريح ۾ آخوند عزيزالله حاشئي ۾ لکي ٿو تہ : "نہ سچاتائون ٿي قدر ۽ عزت ان جي پوءِ جڏهن ڪڍيو مرشد لطف الله جي يوسف دل جي کي ڪنا کوھ طبيعت جي آنڊائين ان کي منجه مصر شريعت جي." آخوند عزيزالله رب پاڪ جي طرفان حضرت يوسف تي ٿيندڙ

لطف ۽ ڪرم ڪي مرشد ڪوٺيو آهي. جيڪو ان کي صحيح شريعت جي واٽ تي هلائي ٿو يعني کوهه مان ڪيڍي مصر جي ملڪ ۾ بادشاهي عطا ڪري ٿو.

حضرت يوسف کي قيد جي دوران جيڪي ٻه قيدي مليا هئا. جن حضرت يوسف کان پنهنجن خوابن جي تعبير پڇي هئي . تن مان هڪ کي آخوند عزيزالله نفس ۽ ٻئي کي نفس مطمئنه قرار ڏنو آهي.

هن سورت ۾ بيان ٿيل آهي تہ جڏهن بيبي زليخہ پنهنجي خواهش لاءِ حضرت يوسف کي پڪڙڻ لاءِ سندس پيراهن کي ڇڪيو تہ اهو ڦاٽي پيو.

هن سورت جي آيت 25 ۾ ارشاد آهي تہ:

وَستَبَقَاالبَابَ وَقَدّت قَمِيصُه مِن دُبُرٍ. (ترجمو) "۽ ڊوڙيا ٻئي در ڏانهن ۽ ڦاڙيو زليخہ پيراهن ڪنا پٺَ."

هن آيت جي تشريح ۾ آخوند عزيزالله لکي ٿو تہ: "هڪڙو قلب جو متوجہ ٿيو الله ڏانهن ٻيو تعلق دنيا جو پوءِ رسيا در عين ثابتي جي. مهاڙ هئي دل (حضرت يوسف) جي در عين ثابتي ڏانهن ۽ پٺي هئس زليخہ (دنيا) ڏانهن. اتي ننڍڙي ٻار شاهدي ڏني تہ جيڪڏهن ان جو پيراهن ڦاٽل آهي زليخہ (دنيا) جي طرف تہ اها سچي آهي ۽ حضرت يوسف جو پيراهن ڦاٽل آهي در عين ثابتي جي طرف تہ هوءَ ڪوڙي آهي." جيئن تہ پيراهن در زليخہ (دنيا) جي طرف ڦاٽل هو. تنهن ڪري حضرت يوسف سچو ثابت ٿيو. آخوند عزيزالله هتي انهن درن جا مختلف نالا ڏنا آهن جن جي طرف حضرت يوسف ۽ زليخہ ڊوڙي رهيا هئا . جنهن در ڏانهن زليخہ حضرت يوسف کي ڇڪي رهي هئي. ان کي در دنيا جو ۽ جنهن در ڏانهن حضرت يوسف ڊوڙي رهيو هو ان کي در عين ثابتي يعني سچائي ثابت ٿيڻ وارو در چيو آهي. ۽ عزيز مصر کي آخوند عزيزالله. "اسم" ۽ "اسم الله" ڪري ڪوٺيو آهي. ڇاڪاڻ تہ عزيز مصر حقيقت ڏانهن هادي ٿئي ٿو.

هن سورت جي آيت 53 ۾ ارشاد آهي:

" وَمَا اُبرِّئُ نَفسِي اِنَّالنَّفسَ لَاَمّارَةٌ بِسُوءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّي .

ترجمو: " ۽ پاڪ نہ ٿو چوان نفس پنهنجي کي تحقيق نفس منهنجو امر ڪري ٿو مندائيءَ جو پر ظاهر ڪريان رحم خدا جو پاڻ تي."

آخوند عزيزالله هن آيت جي تشريح ۾ حاشئي ۾ لکي ٿو تہ: "جو پهريائين ساڻ هدايت پشيمان ڪيائين نفس منهنجو پوءِ ٿيو لوامو ۽ جڏهن چمڪيو نور عنايت جو مٿي اُن ٿيو ملهمو ۽ جڏهن پريو ان کي عنايت رب جي ۽ غلبو ڪيائين تہ ٿيو نفس منهنجو مطمئنو."

يعني جڏهن رب پاڪ مون کي هدايت عطا ڪئي ۽ مون کي حقيقت پسڻ واري اک ڏني تہ مان پنهنجي حالت ڏسي پشيمان ٿيس. الله پاڪ جي رحمت سان جڏهن منهنجو نفس لوامہ جي منزل تي رسيو ۽ رب سائينءَ مون تي پنهنجو خاص عنايت جو نور وسايو تہ منهنجو نفس لوامہ مان ڦري نفس ملهمہ ٿيو ۽ جڏهن الله پاڪ جو اجا بہ وڌيڪ مون تي رحمت ۽ عنايت جو مينهن وسيو تہ منهنجو نفس، نفس مطمئن جي منزل مقصود تي پهتو. جيڪا انسان جي ڪاميابي آهي.

آخوند عزيزالله هن سورت ۾ ظاهري ڪردارن، شين ۽ مقامن کي روحاني ڪردارن ، منزلن ۽ مقصدن سان پيش ڪيو آهي. جيڪو پڙهندڙ کي سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو. ساڳئي وقت آخوند عزيزالله جي روحاني حقيقتن کي پروڙڻ جي جستجو کي بہ ظاهر ڪري ٿو. اهو طريقت جي طالب جو شوق هوندو آهي جيڪو ان کي اهڙين حقيقتن کي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو آهي. عام ماڻهوءَ جو ان طرف خيال بہ ڪونہ ويندو تہ ڪٿي ڪهڙو روحاني راز لڪل آهي. جنهن کي حاصل ڪري طالب مقصد حاصل ڪري سگهندو.

هن سورت ۾ بيان ٿيل آهي تہ، جڏهن حضرت يوسف جا ڀائر مصر ۾ ان وٺ اَن وٺڻ لاءِ آيا تہ حضرت يوسف انهن کي سڃاتو ۽ انهن کي قابو ڪرڻ لاءِ هڪ منصوبو ٺاهيو ۽ انهن جي اَن ۾ هڪ سونو پيالو لڪائي، انهن کي ڏوهاري بنائي سندن هڪ ڀاءُ بن يامين کي جيڪو حضرت يوسف جو سڳو ڀاءُ هو، پاڻ وٽ روڪي ڇڏيو. ان بابت هن سورت جي آيت 70 ۾ ارشاد آهي تہ :

"فَلَمَّا جَهَّزَهُم بِجَهَازِهِم جَعَلَ السِّقَايَةَ فِي رَحْلِ أَخِيهِ ثُمَّ أَذَّنَ مُؤَذِّنٌ أَيَّتُهَا الْعِيرُ إِنَّكُمْ لَسَارِقُونَ"

ترجمو: "پوءِ جڏهن ڏنائين انکي اَنُ لڪائين پيالو منجه بوري ڀاءُ سڳي جي، پوءِ پڙهو ڏنو پڙهو ڏيندڙ تہ اي قافلي وارؤ اوهين چور آهيو."

آخوند عزيزالله ان آيت جي تشريح ۾ لکي ٿو تہ: "يعني پيالو محبت ۽ صبر ڪرڻ جو متي ايذائن جا آهي خصلت موچاري منهنجي ۽ پيالو سخاوت جو پُر ساڻ فيض صحبت جي چورايائين پر خصلت موچاري محبت ۽ سخاوت ۽ صبر جي."

يعني جيڪو پيالو حضرت يوسف جي ڀاءُ بن يامين جي بوري ۾ لڪايو ويو تنهن جي باري ۾ آخوند عزيزالله لکي ٿو تہ حضرت يوسف جي ڀاءُ جي بوري ۾ جيڪو پيالو لڪايو ويو هو اهو حضرت يوسف جي نبوي فيض ۽ سخاوت سان ڀريل هو. جڏهن تہ حضرت يوسف کي تڪليفن ۽ ايذائن تي صبر ڪرڻ جي انعام طور رب پاڪ محبت ۽ صبر جو پيالو عطا ڪيو. اڳتي وڌيڪ پاڻ لکي ٿو تہ: "۽ چورايو هو اڳي اوهان يوسف دل جو ۽ وڪيان متي وٺ کوٽي شهوتن دنيا جي ۽ چورائيان منجهہ مرتبي هي سو پيالو محبت ۽ سخاوت ۽ صبر جو. جو ناهہ لائق چورن لاءِ طالبن دنيا جي بلڪ آهي لائق دنيا جي چورائڻ لاءِ پيالو طمع جو ۽ بخل جو." (حاشيو ص 336)

يعني حضرت يوسف جي ڀائرن اڳ بہ کيس دنيا جي ڪوڙين خواهشن جي عيوض ان جي پيءُ کان چورايو هو. حضرت يوسف کي انهن تڪليفن جي عيوض الله تعاليٰ جيڪو انعام ۾ محبت ۽ سخاوت جو پيالو عطا ڪيو اهو دنيا جي طالبن لاءِ نہ آهي. بلڪ انهن جي لاءِ طمع ۽ بخل جو پيالو آهي. جيڪو کين ضرور ملندو.

حاصل مطلب تہ آخوند عزيزالله پاران ترجمو ڪيل قرآن مجيد ۾ سوره يوسف جو ترجمو باقي ترجمي کان بنهہ منفرد ۽ جداگانہ آهي ۽ ان سورت ۾ آيل ڪردارن، مقامن ۽ منزلن کي جيڪي نالا ۽ تشبيهون ڏنيون ويون آهن سي ڪانئس اڳ يا پوءِ ڪنهن بہ مترجم يا مفسر ڪونہ ڏنيون آهن. اهڙي قسم جي ترجمي يا تشريح جو پنهنجو هڪ الڳ مقام آهي.

**نوٽ:** هن مقالي ۾ قرآن مجيد جي ترجمي لاءِ آخوند عزيزالله مٽياروي‌ءَ پاران ترجمو ڪيل قرآن مجيد جي نسخي کي اڳيان رکيو ويو آهي، جيڪو 'مطبوعہ ڪريمي پريس' بمبئي‌ءَ مان 1320ھ مطابق 1906ع ۾ شايع ٿيو.

حوالا:


1. "وفائي" دين محمد، مولانا، " تذڪره مشاهير سنڌ "، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو ڀاڱو ٽيون، ص 237
2. "عبدالجبار"، "آخوند عزيزالله ڏيٺو مٽياروي" مضمون، ماهوار نئين زندگي، ص 31، جولاءِ آگسٽ 1996ع

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو
ڊاڪٽر حافظ عبدالغني شيخ

# شمس العلماء مرزا قليچ بيگ
# جي شخصيت جو سندس خاندان تي علمي ۽ ادبي اثر

# LITERARY AND EDUCATIONAL IMPACT OF SHAMSUL ULMA MIRZA KALICH BEG ON HIS FAMILY

**ABSTRACT**

The Legendary Scholar Shamsul Ulma Mirza Kalich Beg [10.04.1853 – 07.03.1929] was born in Mirza Family at Tando Thoro, Hyderabad Sindh. He wrote 457 books into eight languages on different topics. He had great impact on Sindhi Literature as well as on his family. All his sons and daughters were highly educated and were authors of many literary books. They wrote prose and poetry in Sindhi, Urdu and Persian languages. They all were popular and famous in the failed of literature as well as in their real Life. In this paper, I have traced out sketches of their life and works.

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ سنڌ ۾ آيل گرجي گهراڻي جي ويڙهي ۾ اکيون کوليون جنهن ۾ فنونِ لطيفہ جو واسو آهي. ڪهڙو مرزا صاحب آهي، جنهن جو گهر خانۂ علم نہ آهي ۽ بزم ادب نہ رهندو اچي!؟ سنڌي زبان تہ سندن حويلين ۾ سدا ڪان گونجي پئي، پر فارسيءَ جو استعمال هُو پنهنجي تاريخي ورثي طور ڪندا پيا اچن. مرد تہ قيل وقال ڪندا رهن، پر عورتون ۽ مرد نياڻيون بہ نہ رڳو چند لفظن ۽ جملن تي اڪتفا پيا ڪن، پر سخنوريءَ جي جهولي ۾ جهلي روح کي راحت پيا ڏيندا اچن.

مرزا صاحب جو وجود ڄڻ هڪ ٻج مثل هو جنهن مان پوءِ جي، ٻڙ، پپر، نِمون، ٻيريون، انب، چڪُو املداس (چمڪٽيءَ جو وڻ)، زيتون ۽ ٻيا سوين وڻ ٿيا. تن جا ميوا تہ اوس مٺائي مٺا!، پر سندن ڇٽي ڇانوَ ڏسو ۽ ڇانورا ڏسو! او ٻانورا!!!

آرهڙ ۾ آسيس جو احساس ٿئي ۽ اُس ۽ اُبَ مان جند پئي ڇُٽي. اج بہ ادبي ذڪار جي مهل مرزا خاندان جا چشم و چراغ جهرمر جوت جاڳائي سهائو ڦهلائي، پيا پيرا ۽ چارا پسائين. اڳ ۾ اهو اجالو ڇا مرزا نادر بيگ نہ ڪيو؟ ان بعد مرزا همايون بيگ 'فائق' هڪ خوبصورت فانوس مِثل ان آڪهہ جي سونهن وڌائي! مرزا اسد بيگ شمس العلماء جو هم صورت ۽ هم سيرت ستارو ٿي چمڪيو ۽ خاندان جي سونهن وڌايائين! ائين ٿي مرزا افضل بيگ بہ نباهہ ڪيو تہ مرزا اجمل بيگ جي تہ ڳالهہ ئي نرالي ٿي بيٺي!. جيڪو علم تي ملڪو فن تي بہ اهو ئي ڏاڪو. هر تحرير ۾ چلڪو جيئن طبعزاد تحرير توجهہ ڇڪائي، تيئن ترجما پيا منڊي چڙهين. جي نثري ترجمو واهہ جو تہ منظوم ترجمو بہ ڪمال جو! پاڻرن سان گڏ پينرون بہ پٺتي ڪين رهيون. دلشاد بيگم صاحبہ ۽ شهزاد بيگم 'مخمور' صاحبہ جون تخليقون ۽ تحريرون مطالعو ڪرڻ سان سندن شعور جي پختگي، علم جي وسعت ۽ اظهار جي خوبصورتيءَ پڙهندڙ کي بہ لکڻ جي نہ رڳو ريس پئي ڏياري، پر لکڻ جي رهنمائي ۽ اعتماد بہ حاصل ٿيڻ جي ضمانت پئي ڏني.

"شمس العلماء جي اولاد تہ پاڻ موکيو ۽ اهڙو موکيو جو نہ فقط قليچ جو ڪتب خانہ علم ۽ بزم ادب بڻجي ويو پر سندس پوٽن ۽ پوٽين، ڏوهٽن ۽ ڏوهٽين ۽ انهن جي بہ اولاد جي اولاد بہ پنهنجو پاڻ کي علم ۽ تعليم، ساهت ۽ ادب سان آراستہ ڪري اهو ثابت ڪري ڏيکاريو تہ نہ فقط تندي لوڙهي جو پر تندي آغا جو بہ سمورو ماحول علم ۽ ادب جي جنت الفردوس پيو محسوس ٿئي. اهو ڪل ڪرشمو شمس العلماء جي وجود جو ئي آهي، جو گهر گهر روشن ۽ منور تہ ٿيو ئي ٿيو پر هر گهر مان ڪونہ ڪو روپ اختيار ڪري قليچ پاڻ پيو رونما ٿئي. اهو آهي اعليٰ انسان جي هستيءَ جو اثر جو ڪڏهن بہ ذرو زائل نہ ٿئي ۽ نہ ضايع ٿئي.

الائي ڪهڙي سنڌ جي علمي ۽ ادبي دنيا ۾ سرءُ جي مند ڪاهي پئي آهي. جو پاڻ جهڙ هڙئي مليريا جا مريض پيا لڳون. جو نہ اهو اعتماد ٿو بحال ٿئي نہ اهي حقيقي محفليون پيون آراستہ ٿين. نہ يقين سان ڪو جملو ٿو ڳالهائي سگهجي نہ درست ۽ چٽو تلفظ پيو اُچارجي!! ان عالم جا تہ الاهي سبب آهن، پر هڪڙو اهم سبب چور دروازي جو عام شاهراهہ جي صورت اختيار ڪرڻ بہ آهي، تہ بيو اهو جو فطرت ۾ هجي نہ هجي چيچ وڍائي شهيدن ۾ شمار ٿيڻ جو نہ ڪٽندڙ لاڙو آهي. نتيجي ۾ سنڌي ادب جي شاندار تخليق، تحقيق ۽ ترتيب جا تسلسل بہ خراب ٿي ويا. پر هاڻي "سنڌي ادب

هجي ٿو" جو پيڙهيءَ ٻڌو دور الائي ڪٿان ابتدا ۾ آيو آهي، ۽ ڪٿي وڃي اختتام پذير ٿيندو!."

مان عالمن، اديبن ۽ پڙهندڙن کان معافي وٺان ٿو جو الائي ڪٿان کان ڪٿي وڃي پٽڪي پيم. پٽڪان بہ ڇو نہ. هر راهہ جو نہ اهو رند رهيو نہ پنڌ. نہ چارو ٿو چلي. نہ راهہ ٿي ملي. هر پيچرو پرخم تہ راهي راهہ جي ڪنهن کوهہ کڏ ۾ ڏم.

سو ڳالهہ پئي هلي شمس العلماء جي هستي ۽ ڪردار جي سماجي ڪارج جي. ٽنڊي ٺوڙهي کان رڙهي هلو ٽنڊي آغا ۾ ٽنڊي آغا جو ڪهڙو آشيانو ادب کان خالي آهي (خدا نہ ڪري). ڪهڙو گهراڻو آهي جنهن کي پنهنجي لئبرري نہ هجي! يا اها ڪهڙي لئبرري آهي جنهن ۾ قلمي ۽ ڇاپي ڪتابن جا قيمتي ۽ ناياب نسخا موجود نہ هجن. ڪهڙو عالم آهي جنهن کي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر جا عالم ۽ فاضل نہ ڄاڻندا سڃاڻندا هجن! مرزا فتح علي بيگ (اول)، مرزا غلام حيدر بيگ قنبر، مرزا قاسم علي بيگ، مرزا قربان علي بيگ، مرزا قاسم علي بيگ، مرزا علي محمد بيگ (اول) مرزا سڪندر علي بيگ، مرزا دوست محمد دوست ۽ سندس فرزند مرزا گل حسن احسن ڪربلائي ڪيڏي ڪمال جي شخصيت هئا. جو وقت جون باڪمال هستيون سيد حسام الدين راشدي، حفيظ هوشيارپوري ۽ پروفيسر ڊاڪٽر مولوي محمد شفيع لاهوري وٽس ايندا هئا ۽ پنهنجي علمي تعلقات استوار ڪرڻ کي ترجيح ۽ ترويج ڏيندا هئا. خدا ڪري احسن صاحب ڏي لکيل انهن جا خط اسانجي حياتي ۾ ڇپجي آڏو اچن تہ جيئن تحقيق جا ماخذ تحقيق ۾ مدد ڏين. احسن جو فرزند ممتاز مرزا کان سواءِ ٽنڊي آغا جو مرزا عباس علي بيگ ۽ مرزا مراد علي بيگ 'اختر' ان کان اڳ مراد علي مرزا جو ڏاڏو بہ ان ئي نالي جو هو ۽ بيدل بيگ تخلص هوس. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ميدان جا اهڙا سرويچ، شهسوار ۽ علمبردار هئا جو سنڌن قلم جو عَلم ڪڏهن بہ سرنگون ڪونہ ٿيو نہ ٿيندو. مولا وڏي ڄمار عطا ڪري اسانجي نصير مرزا صاحب کي جو پنهنجي گهري توجهہ، انتهائي احساس ذميداري ۽ عشق سان قليچ جي روايتن جي امانتداري کي قائم رکندي، ان جو بار پنهنجي سهڻن ڪُلهن تي برداشت ڪندو پيو اچي. مرزا نادر بيگ جون ڪهاڻيون، مرزا اسد بيگ جو پروفائيل، پنهنجي پڦي شهزاد بيگم مخمور ۽ خود مرزا صاحب جي سخنوري تي غير معمولي ڪم ڪري نہ فقط مرزا خاندان جي علمي، ادبي ۽ سماجي تاريخ جي تسلسل کي برقرار رکيو آيو آهي پر سنڌي ادب جي تاريخ جي مطالعي کي درست ڪرڻ لاءِ مواد فراهم ڪندو پيو اچي.

ايران پاران شايع ٿيل فارسي ۾ ڊاڪٽوريٽ جي تحقيقي مقالي "محڪِ خُسروي" ۽ اسلام آباد ۾ ڇپيل 'گرجي نامہ' تي جيڪو اسڪالرلي ورڪ ٿيل آهي. تنهن کي اهل علم ڏسي خوشي جو اظهار تہ ڪري ٿي سگهندو پر حيرت ۽ اثر سبب پنهنجي قابليت مطابق ئي داد تحسين پيش ڪري سگهندو. اهي باڪمال تحقيقي ڪارناما ڊاڪٽر فائزه زهره مرزا سرانجام ڏنا آهن. اهي ڪارناما ريفرنس لئبررين جي تہ سونهن آهن پر اعليٰ تعليمي ادارن جي تحقيق جي بہ قوت آهن. تنڊي لوڙهي سان گڏ تنڊي آغا جي هستين ۾ مرزا فياض علي بيگ نهايت ئي محترم ۽ مڪرم عالم ۽ اديب، شاعر ۽ نقاد آهي. انهيءَ خاندان سان تعلق رکندڙ مرزا فتح علي بيگ 'شاهد' جو نہ رڳو همعصر دور ۾ قابل فارسيدان آهي، پر فنِ تاريخي نويسي جو بہ سنڌ ۾ يگانو ۽ اڪيلو محافظ ۽ استاد آهي. شال سندس صحت ۽ تندرستي ڪامل رهي. منهنجو پيارو دوست مرزا ڪاظم رضا بيگ جهڙو آهي پنهنجي طبيعت ۾ مٺڙو تهڙو آهي سندس قلم بہ شاخِ نبات جهڙو. منهنجي اکين جو نُور ۽ دل جو سرور مرزا دبير حسين بيگ پنهنجي ٻاجهاري طبيعت جي ڪري جت ڪِٿ مانُ تہ لهي ٿو پر پنهنجي عمر کان وڌيڪ علمي ڄاڻ، ادبي شناس ۽ فني گهرائيءَ توڙي وڏي تدبر هوندي اجائي گفتگو کان پري رهڻ جي گُڻ ڪري تہ سيني جي دل کي ويجهو آهي ۽ ويجهو رهندو. ان جي باوجود سندس تحقيق جو موضوع: "سنڌي شاعري ۾ قطع تاريخ جو فن ۽ ان جو تحقيقي جائزو" تي پاڻ جنهن تندهي سان مقالو تيار ڪيو اٿائين، تنهن جي معيار ۽ مقام جو پتو تہ تڏهن پوندو جڏهن اهو اکين آڏو ايندو.

شمس العلماء جي هستيءَ جو اهو مختصر پيش ڪيل اثر پڙهندڙ کي محسوس نہ ٿيندو؟ تنڊو لوڙهو ۽ تنڊو آغا جي ذڪر کان ٻاهر نڪرو تہ اثر محسوس ڪري ڪاپاٽ ۽ اکيون روشندانن وانگر کُلي پونديون. اهو هڪ هڪ خاندان، ٻاڙيءِ شهر ۽ محفل تي تحقيقي ڪم ۽ حاصل ٿيندڙ نتيجن جي سخت ضرورت آهي. جي اسان اڪ نہ پٽي تہ سلسلا ڪيئن قائم رهندا؟ اسان جا نوجوان محقق ولايتي ادب کي تہ ضرور پڙهن. انهن جا ترجما بہ ڪن ۽ پنهنجي لکڻين جي شروعات بہ انهن جي قولن ۽ اقوالن سان ڪن. پر پنهنجي ادب، لازوال ۽ قيمتي ورثي جي بہ نگاهہ ڪرڻ لازمي آهي!. هاڻ پيو تہ ڇڏيو هتي رڳو مرزا صاحب جي اولاد ۾ پيدا ٿيل شعور، علمي ڄاڻ ۽ مختصر ادبي ذوق جو ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان جو ممڪن آهي تہ اهو منهنجو خيال، تحقيق ڪندڙن ۽ پڙهندڙن کي سمجهڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي.

مرزا نادر بيگ: (جنم 17 مارچ 1891ع مطابق 6 شعبان 1308هه ڏينهن اڱارو ڪوٽڙي جي سرڪاري بنگلي ۾. وفات 12 فيبروري 1940ع مطابق 3 محرم 1359هه ڏينهن سومر، حيدرآباد تدفين بلند شاهه قبرستان) مرزا قليچ بيگ جو پٽيلي اولاد ۾ پهريون پٽ ۽ پهريون اديب، شاعر ۽ افسانه نگار هو. تعليمي لحاظ کان اعليٰ تعليم (بار ايٽ لا) تائين ۽ علمي ۽ ادبي ذوق جي ارتقا ۾ لاتعداد ڪتابن جو مطالعو ڪري قلم هٿ ۾ کنيائين ته ڪيترائي ڪتاب رقم ڪري ناماچار حاصل ڪيائين. ڪهڙي صنف هئي جنهن تي ڪيس هٿ پڇندي نه هئي ۽ ڪهڙو علم هو جو سندس من ۾ موجود نه هو!!. مئجسٽريٽ بئريسٽر جي عهدي تي وڃي پهتو ۽ پنهنجي عهدي جي مطابق شخصيت ۽ ڏيک ۾ ڏسڻ جهڙو انسان هو. جواني ۾ ائيتاليهن سالن ڏهن مهينن ۽ چويهن ڏينهن جي ننڍي ڄمار ۾ هن جي موت تي ته سنڌ جا ڪک به رنا هوندا. قليچ جي ڪٽنب ۾ هي دکدائڪ حادثو ته سيني جي اثرانداز ٿيو هوندو پر سموري سنڌ ان جي اثر ۾ ضرور آئي هوندي.

مرزا نادر بيگ جي لکيل ڪتابن ۾ 'دلڪشا' (ناول)، "محبوب ڪربلا" (ناول)، "تناسخ ۽ اسلام"، "پهاڪن جي حڪمت"، "ديوان نادر بيگ مرزا"، "نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون" (سهيڙ: نصير مرزا) سنڌ جي مشهور ماهوار رسالي 'سنڌو' ۾ سندس ڪهاڻيون ڇپبيون هيون جن جي مقبوليت ان وقت جي رسالن مان ئي معلوم ٿي سگهي ٿي. مرزا صاحب جي قابليت فقط علم، قلم ۽ ڪتاب تائين محدود نه هئي پر هو هٿ جي هنرن جو به ڄاڻو هو. پينٽنگ ۽ واڍڪي ڪم جي شوق ڪائنس ڪيتريون ئي تخليقون ڪرايون. ڪائي مان ٺهيل مختلف شين مان هڪ ڪيٽ سندس شڪارپوري دوست محمد شعبان ميراڻي کي تحفي ۾ ڏنائين. سنڌ جي ڪيترن ئي انسانن سان سندس دوستي جا ناتا قائم هئا. جن کي هو نڀائيندو ايندو هو. مطلب ته سنڌ جي گرجن مان هي هڪ گوهر هو جو سنڌ ڪڏهن به فراموش ڪري نه سگهندي. سندس مزاج جو هي پهلوءَ به نظر ۾ رکڻ جهڙو آهي:

وري مونسان دلبر جدائي نہ ڪر،
وڃڻ جي سگهو هاڻ وائي نہ ڪر.

وفا جي ڪري مهر مون تي پرين،
وري مون سان تون، بي وفائي نہ ڪر.

اجها آءُ، رکان تنهنجي قدمن تي دل،
اها ملڪ پنهنجي پرائي نہ ڪر.

ڏکايل ۽ بکايل جي اي آشنا!
تون نادر سان، نا آشنائي نہ ڪر.

**مرزا همايون بيگ 'فائق'**

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو ٽيون نمبر پٽ مرزا همايون بيگ 'فائق' پهرين مئي 1908ع مطابق 29 ربيع الثاني 1326هہ جمعي جي ڏينهن زهره جي سڳوري ساعت ۾ ٽنڊي ٺوڙهي ۾ تولد ٿيو. ڇهن ڏينهن کن جو مس ٿيو تہ سندس والده صاحبہ (ماهہ رخ بيگم) هي جهان ڇڏي ويئي. هي معصوم ٻار والد صاحب جي شفقت ۽ پيار ۾ پلبو رهيو. آسودي مل پرائمري اسڪول ۽ ميمڻ محلي جي مسافرخاني واري اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪري، حيدرآباد جي نور محمد هاءِ اسڪول ۾ انگريزي پڙهي، 1927 ۾ بمبئي يونيورسٽي جي مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. چترڪاري ۽ مصوري ۾ڻ کي پاڻ پيل هيس، تنهنڪري شعر و شاعري ۽ اداڪاري جي شوق ۾ وڃي اسٽار ٿيئٽريڪل ڪمپني حيدرآباد جي ڊرامن ۾ حصو وٺڻ لڳو. اتي اعتماد پيدا ٿيس تہ ٿياسافيڪل سوسائٽي ڪراچي جي انگريزي ڊرامن ۾ 'هيرو' جو ڪردار ڪندو رهيو. Emiserables ۽ The Lord Budha (گوتم ٻڌ) ۾ 'هيرو' جا ڪردار ڪامياب ٿيا. مرزا همايون بيگ جي پهرين شادي علامہ آءِ آءِ قاضي جي ڀائٽي جيڪا قاضي فخرالدين جي وڏي نياڻي (فيض النساءَ بيگم) سان ٿي. ٻي شادي سن 1928ع ۾ عزيزه ميرزادي بيگم سان ٿي. هو سرڪاري نوڪريءَ ڪندو هو. سنڌ جي ڪمشنر جي آفيس ۾ ڪلارڪ ٿيو. اتان ايڪسائيز انسپيڪٽر چونڊجي ويو. پوءِ مئنيجري

ڪاتي ۾ انسپيڪٽر ۽ بعد ۾ راشننگ انسپيڪٽر ٿيو. 1942ع ۾ ٻي وڏي جنگ ۾ ملٽري سکيا لاءِ ڪيس ڪيڊٽ آفيسر چونڊيو ويو. اتي هوائي فورس ۾ سکيا حاصل ڪندي هوائي جهاز مان پيراشوٽ تي لهندي جنگهه پچي پيس ۽ پٺيءَ جي ڪنڊي ۾ ڏڪ لڳس. ملٽري اسپتال ۾ علاج ٿيس ته چاڪ چڱو ڀلو ٿي نڪتو. پر ملٽريءَ جي نوڪري برقرار رکي نه سگهيو ۽ ٿنڊي ٽوڙهي اچي رهيو. حيدرآباد واري پنجتني پريس جو مئنيجر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. پوءِ وڃي سيٺ قاسم جي آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس جي اسٽينڊرڊ پريس ۾ مئنيجر ٿيو. خوددار ۽ ايماندار اهڙو جو پنهنجي ڪم ۾ چوويهه ڪلاڪ مصروف رهندو هو ۽ جيسين ڪم پورو نه ٿيندو تيسين نه چُرندو. سن 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ملازمت ڪيائين ۽ بوڪ اسٽال تي مئنيجر ٿي رهيو. جنوري 1956ع ۾ "قليچ دارالاشاعت" قائم ڪري 'خورشيد' (ڊرامو) مس ڇپائي سگهيو ته ٿيهين مئي 1957ع مطابق 29 شوال 1376هه تي خميس ڏينهن شام جو پوڻين ڇئين وڳي وڃي دارالبقا ۾ پهتو. (ٽماهي مهراڻ_1957/2 جي شماري جي مدد سان ۽ مرزا فياض علي بيگ جي مهاڳ همايون بخت فائق) سنڌس صدمي جي احساس جو اظهار مرزا اجمل بيگ هيئن ڪيو آهي.

خدا ڄاڻي هلي ڪهڙي هوا آهسته آهسته؟!
وڃن منهڙو متيندا ماه لقا آهسته آهسته!
بڻي بزم – طرب، بزم عزا آهسته آهسته
وڃا ٿي جوءِ مان جانب جو آهسته آهسته
سڻائي هن سفر جو تو به اي 'فائق' ڪيو سعيو
تون هل! تنهنجي پنيان ايندس ادا! آهسته آهسته!
وڏو بادِخزان سنڌي ادب جي باغ کي لوڏيو
نه سي ساوا ٿين وڻ، جي سڪا آهسته آهسته!

(نئين زندگي آڪٽوبر 1962ع ص.57)

**مرزا اسد بيگ**: تاريخ 18 سيپٽمبر 1913ع مطابق 16 شوال 1331هه خميس ڏينهن تولد ٿيو. حيدرآباد ۾ ئي تعليم حاصل ڪري مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. سن 1934ع ۾ سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽي ۾ ملازمت حاصل ڪري مختلف عهدا ماڻي 1970ع ۾ رٽائر ٿيو. سن 1970ع ۾ ڪراچي ٽيليويزن ۽ 1981ع ۾ سنڌ ساهت سال جي سلسلي ۾ سنڌي ڊرامي جي هڪ سؤ سالہ جشن جي موقعن تي تمثيلي مشاعرن ۾

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو پارٽ پلي ڪري داد تحسين حاصل ڪيائين. ان مشاعري ۾ مولانا عبدالغفور همايوني جي تمثيلي تشبيه پياري دوست عابد انڙ صاحب جي شخصيت تي سجائي ويئي هئي. اهڙا تمثيلي مشاعرا وقت بوقت ٿيڻ لازم آهن.

مرزا اسد بيگ سن 1952ع ۾ حيدرآباد ۾ "اداره قليچ" جو بنياد رکيو. ان اداري پاران ان ئي سال کان ماهوار قليچ جو اجراء ڪيائين. جنهن جا اٽڪل روءِ ويهه پرچا پنجتني پريس حيدرآباد مان ڇپجي پڌرا ٿيا. سن 1954ع ۾ ڪتب خانہ قليچ ٽنڊي ٺوڙهي جي نئين عمارت اڏائي خزانہ قليچ جي تحفظ جا اپاءَ اختيار ڪندو رهيو. 1970ع ۾ مسلم آرٽس ۽ سائنس ڪاليج جي پرنسپال جا فرائض سرانجام ڏيڻ لڳو. هي متحرڪ ۽ مخلص مرد خاندانِ قليچ جي سجاٽپ هو. مرزا صاحب ڇاهتر سالن، ڇهن مهينن ۽ ٻاويهن ڏينهن جي ڄمار ۾، 10 اپريل 1990ع مطابق 14 ماه رمضان المبارڪ 1410هه اڳاري ڏينهن انتقال ڪري ويو. سندس وفات تي مرزا سلطان حيدر بيگ سلطان، صنعت صوري ۽ معنوي ۾ هن طرح قطع تاريخ قلمبند ڪئي آهي

ماه رمضان جي چوڏهين اڳارو چوڏهن سَؤ سال (صنعت صوري)
ويو دنيا مان اي سلطان! محبت عترت اظهار
لکان ڇا سال رحلت جو چو هاتف خلد ۾ آهي
اسد ابن قليچ ابنِ فريدون پاڪيزه گفتار (صنعت معنوي)

ساڳي رات جو 11 وڳي ڏاري 15 رمضان المبارڪ 1410هه تي بلند شاهہ جي قبرستان ۾ 10 اپريل تي تدفين ٿي.

**انتخاب**

قبوليو امر نهيءَ ۾ جواب ڪونہ ڪپي
ادب نياز بنان آب تاب ڪونہ ڪپي

بغير چون و چرا، حڪم يار جي تعميل
اشارو قرب جو ڪافي، ڪتاب ڪونہ ڪپي

اسان جي روح جي راحت سندس مٺي جهونگار
سو خلوتن ۾ ڪو چنگ و رباب ڪونہ ڪپي

فقط غلام يا بانهو پرين سڌي پنهنجو
ڪمال ٿيندو هي، بيو ڪو خطاب ڪونہ ڪپي

پونَ 'اسد' ٿا جوانيءَ جا پور پيريءَ ۾
مجاز آهي قيامت، عذاب ڪونہ ڪپي.

رباعي

اڄڪلهہ جي ڪمائيءَ ۾ ڪار برڪت ڪانهي
مسڪين هئڻ ۾ بہ ڪا حرڪت ڪانهي
ڇڪتاڻ زماني جي ٿي سرسام مثل
چڙهہ ۾ لڳل ساهہ ٿيو فرحت ڪانهي.

---

## مرزا اجمل بيگ

مرزا قليچ بيگ جو ستون نمبر فرزند هو. ايڪهين اپريل 1921ع مطابق 12 رجب 1339هہ تي خميس ڏينهن پوڻين ڇهين وڳي شام جو ٽنڊي ٺوڙهي ۾ تولد ٿيو. علمي ۽ ادبي خاندان جي فرد هئڻ سبب سندس طبيعت، ذهنيت ۽ رغبت شعر و سخن ڏانهن مائل ٿي. اسڪول ۾ ڪلاس هلڻ دوران بہ شعر چوندو ۽ لکندو رهيو. سورهن ورهين جي ننڍي عمر ۾ ساڍن ڇئن سون سنڌي، اردو ۽ فارسي غزلن جو مڪمل ديوان تخليق ڪري صاحبِ ديوان شاعرن جي صف ۾ اچي بيٺو. پهريائين 'فاضل' تخلص اختيار ڪندو هو پوءِ 'اجمل' ئي معروف ٿيو. شعر ۾ سندس تربيت ۽ اصلاح ننڍي ڀيڻ شهزاد بيگم ڪان ورتائين. جنهن کي پڻ سخن جي سموري علوم تي هٿ پچندي حاصل هئي. طبعزاد شعر چوڻ تہ شاعر لاءِ ڏکيو نہ بہ هجي، پر ان جي سخنوري جي ڪمال جو پتو تڏهن بہ پوندو آهي، جڏهن هو ڪنهن ٻي ٻوليءَ جي چوٽيءَ جي ڪلام کي پنهنجي زبان ۾ آڻي، ان جي هرهڪ جوهر جي جوت سان نيڻ ٺاري ڇڏي اجمل بيگ، محمد عثمان مروندي المعروف قلندر لال شهباز جي فارسي غزل جو منظوم سنڌي ترجمو ڪري پنهنجي باڪمال سخنوريءَ جو ثبوت ڏنو آهي.

ٽيس موتي، بيل بحر جلال الله ۾ آهيان ۽ موسيٰ مثل مان حلقهٔ ڪليم الله ۾ آهيان
مان بي آب حيات آهيان ٽيو باخضر زنده پڻ قلندر جي لشڪر سان مان لشڪر گاهه ۾ آهيان
ٻه اسماعيل پيغمبر، ٻه ابراهيم بن آذر اڏيءَ تي سر رکڻ جي مهل قربان گاهه ۾ آهيان
ڪڏهن ٽو تخت تي ٽڙيان ڪڏهن سوليءَ تي ٽو مرڪان عجائب اڻ ڏٺل جي چاڙهه ۾ ۽ لاهه ۾ آهيان
ڪڏهن قرآن پڙهان ٿو ڪڏهن زنار ٿو پايان ڪڏهن منهب جي محبت ۾ مان سوگهو ساهه ۾ آهيان
اڙي عثمان مرونديءَ ڪرين مستي جو عالم ۾ سوا مستيءَ ۽ مدهوشي نہ ڪنهن ٻي چاهه ۾ آهيان

مرزا اجمل بيگ جا ھونءَ تہ ٻارهن يا پندرهن ڪتاب ڇپيل آهن، مگر انهن ۾ لطيفيات جي موضوع تي سُر حسيني، سُر سارنگ تي ڪتاب موجود آهن. ادبيات ۾ شاهنامہ عرب عرف منظوم تاريخ اسلام، انتخاب گلستان و بوستان ۽ رباعي جو فن (تنقيد) وڏيڪ افاديت وارا آهن.

## دلشاد بيگم مرزا

دلشاد بيگم: شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جي ٽين گهرواري فيروز بيگم جي بطن مان 8 نومبر 1910ع مطابق 5 ذوالقعد 1328هہ تي اڱاري ڏينهن تولد ٿي. اسڪول وڃڻ لائق ٿي تہ 8 جولاءِ 1920ع ۾ مرزا صاحب کيس ننڍي ڀيڻ شهزاد بيگم سان مس روز سسٽر واري انگريزي اسڪول ڪراچيءَ ۾ داخل ڪيو جتي تعليم حاصل ڪيائين. سندس شادي 3 جولاءِ 1924ع تي چوڏهن ورهين جي ڄمار ۾ مرزا صادق علي بيگ جي فرزند مرزا حيدر قلي بيگ سان ٿي. جنهن جي ٻاويهن سالن جي ساٿ ۾ هي اپسرا صورت، نيڪ سيرت، سگهڙ ۽ سليقي مند خاتون نهايت ڪامياب زندگي بسر ڪئي. سن 1946ع ۾ جيون ساٿي کان جدا ٿي، ان وڇوڙي ۾ ويڳاڻي ٿي، مگر پنهنجي شعور ۽ دانشمنديءَ تدبر ۽ وضعداري سان پنهنجي باقي حياتي پئي گذاريءَ جون جولاءِ ۽ آگسٽ 1947ع ۾ ايران ۽ عراق جو سفر اختيار ڪيو ان سفر جي ابتدا 17 مئي 1947ع – 1366هہ کان ٿي ۽ پڄاڻي آگسٽ 1947ع تي ٿي. ان سموري سفر جو احوال دلشاد بيگم سفرنامي جي صورت ۾ قلمبند ڪريءَ مٿس "مسافر ڪربلا جا" عنوان ڏري مسودو محفوظ ڪري رکيو جو 4 مارچ 1953ع تي دلشاد بيگم جي وفات کان پوءِ سندس نياڻي انيس بيگم وٽ محفوظ رهيو. 10 جولاءِ 2010ع تي ڀيڻ انيس سگوريءَ اهو مسودو محترم نصير مرزا جي حوالي ڪيو. منهنجي خيال موجب محترم نصير مرزا جي ئي ڪوشش سان نومبر 2010ع ۾ اهو دوستي پبليڪيشن حيدرآباد

پاران ڇپايو ويو. ان جو شاندار مهاڳ بہ محترم نصير مرزا جي منفرد قلم جو نتيجو آهي. سنڌي زبان ۾ هي پهريون سفرنامو چئي سگهجي ٿو. جو هڪ اهڙي سنڌي عورت جي قلم جو ڪمال آهي. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي ڏيءَ هئڻ جو پڻ شرف رکي ٿي. دلشاد بيگم جو جهڙو آهي خوبصورت نثري اسلوب. تهڙو هو سندس شعر بہ پختو هوءَ علم عروض جي بندشن تي دسترس رکندڙ هئي. ۾ ڪلام جي بين فني خوبين جي بہ ڄاڻو هئي. سندس مجموعو شايد مرزا خاندان جي موتين جي ٿالهہ يا هيرن جي هار ۾ متان اڄ بہ موجود هجي.

**شهزاد بيگم 'مخمور'**

مرزا قليچ بيگ جي ٽين نمبر نياڻين شهزاد بيگم مخمور 26 جولاءِ 1915ع تي حيدرآباد ۾ تولد ٿي. مرزا اسد بيگ کان پوءِ ۽ مرزا افضل بيگ کان اڳ ڄاول سلڇڻي ۽ سيبتي نياڻي هئي. تعليمي طور بہ چڱو پڙهي. اردو سنڌي ۽ فارسي ۾ شعر چوندي هئي. مرزا نادر بيگ کيس عروض جي سکيا ڏني ۽ ابتدائي اصلاح ڪئي. پوءِ مخمور بيبي سخنوريءَ ۾ منفرد مقام ماڻيو ۽ پنهنجي ننڍي ڀاءُ مرزا اجمل بيگ 'فاضل' جي شاعريءَ ۾ استاد رهي. سندس جاندار ڪلام ۾ رواني ۽ موسيقي جو عنصر تہ گهڻو آهي. ۾ هر لحاظ کان سخنوريءَ جي سونهن سان ٽمٽار آهي.

دلربا ناحق ڪيئي منهنجو در ديوار بند
روزنِ ديوار پڻ تو اڄ ڪيو دلدار بند
مون ڪيو ٿي عرض دلبر کي محبت جو مگر
يار جي ڪاوڙ ڏسي مون ڪيو ڪٿي اظهار بند
بي رخي تنهنجي ڏسي اي بي مروت بيوفا
عاشقيءَ جا مون ڪيا هڪدم سڀئي اطوار بند
صد شڪر ساقيءَ سِکايو ڪين هڪڙي جام کان
حضرتِ مخمور کي ڪيئين باخبر سرشار سان.

محبت جو کی تھی نبھائی تو ہوتی
کدورت سے دل کی صفائی بھی ہوتی
محبت کی معراج کو خوب پہنچے
محبت جو تھی باوفائی بھی ہوتی
ملا تھا جو مخمور کل ہم نے پوچھا
تیرے دل سے صورت مٹائی تو ہوتی

شهزاد بيگم مخمور ڇتيهه سالن نون مهينن ۽ ايڪهين ڏينهن جي ننڍي عمر ۾ 17 مئي 1951ع تي انتقال ڪري ويئي.

**مرزا محمد افضل بيگ**

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جو هي چوٿون نمبر فرزند هو ۽ محترمہ شهزاد بيگم 'مخمور' کان پوءِ مرزا صاحب جي ٽين زال فيروز بيگم جي بطن مان 25 مئي 1917ع مطابق 3 شعبان 1335هہ جمعي ڏينهن تولد ٿيو. هي صاحب بہ پنهنجي پيءُ وانگر علمي ۽ ادبي ذوق جو ورثو وٺي ادبي ادبي ميدان ۾ نروار ٿيو. والد شمس العلماء جي متعلق تہ مضمون لکندو هو ۽ هڪ مضمون "مرزا قليچ بيگ اديبِ عظيم" جي عنوان هيٺ شايع ٿيل آهي. تاهم هيون ڪي تحريرون بہ قائم آهن. سن 1976ع ۾ جڏهن منفرد عالم گرامي صاحب اڪيون ہوتيون تہ هجري سال جو مهينو تہ رمضان هو مگر 21 رمضان حضرت علي ڪرم الله وجهه جي انتقال واري تاريخ هئڻ سبب لکيائين تہ:

مون يا مومن جيڪو تو ۾ مريہ بخشش خدا ان کي ڪريہ
ڪاٿي نہ ٿئي ان کان پڇا اي ماهِ رمضان الوداع.

(مهراڻ/4_1976ع ص. 307)

مرزا محمد افضل ايڪهٺ سالن, ٽيهن مهينن ۽ هڪ ڏينهن جي حياتيءَ ۾ فنائي مان بقائي ڏانهن منهن موڙيو مسجد محمدي ٽنڊي ٺوڙهي جي باغ ۾ ڪنڊ سان ڪيس سپردخاڪ ڪيو ويو. مگر افسوس جو سندس انتقال تي نہ ٿماهي مهراڻ جي ايڊيٽر ڪاسٽ لکي ۽ نہ نئين زندگي رسالي.

دورے کہ در و آمدن و رفتن ماست
آں را نہ بدایت و نہایت پیداست
کس می نزند دمے دریں معنی راست
کیں آمدن از کجاو رفتن بکجاست (خیام)

ربُ غريق رحمت ڪريہ سندس مزار مبارڪ تي.

(حصو پهريون)

ڊاڪٽر جبين پنو

# محمد رسول الله (صلي الله عليه وآله وسلم)
## (حضرت محمد صلعم جي حياتي جو احوال)
## سنڌي هندن جي سيرت نگاري

## MUHMMAD RASOOLULLAH (SALLAH ALEH WA AALIHI WASALLAM) BIOGRAPHY OF THE PROPHET HAZRAT MUHMMAD RASOOLULLAH SALLAH ALEH WA AALIHI WASALLAM, WRITTEN BY SINDHI HINDU

**ABSTRACT**

The Prophet Hazrat Muhammad Rasoolullah Sallallah Aleh Wa AAlihi Wa Salam brought the message of Almighty Allah, that the Universe and all its Creatures including mankind have been created by the God, who is one and for all, all the people are accountable to him for their deeds. He has promised to reward people for their good deeds here and hereafter. Here in this world highest reward is the knowledge of divine being bestowed by the God, which makes a person 'Momen' and the highest reward of 'the Momin' which is promised hereafter is the physical appearance before the God. Therefore people around the world who believe in the God, Good deeds and life hereafter are called Muslims or followers of Hazrat Muhammmad Rasoolullah Sallallah Aleh Wa AAlihi Wa Salam. Many writers Muslims and Non Muslims have written biography of the Hazrat Muhammmad Rasoolullah Sallallah Aleh Wa AAlihi Wa Salam, they have described the life of Holy Prophet as per their understanding. Some Sindhi Hindu writers have also written about the life of the Holy Prophet, especially Mr Lal Chand Amar Dino Mal wrote a book with the title "Muhammmad Rasoolullah" Sallallah Aleh Wa AAlihi Wa Salam. In this Paper I have reviewed the book written by Mr. Lal Chand Amar Dino Mal and have traced out some ideas about the book and its Author.

**تمهيد:**

"سنڌ ملڪ دنيا جي ملڪن ۾ تهذيبي، تمدني، ثقافتي، اقتصادي، اخلاقي، ڌرمي ۽ مذهبي لحاظ کان منفرد رهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن ملڪ جي تهذيب کي دنيا جي تهذيبن جي امڙ ۽ اڳواڻ مڃيو ويو آهي. هن ملڪ جي علمي، تعليمي، ڌرمي، مذهبي ۽ سماجي شعور جي تاريخ بيشڪ روشن رهي آهي، جنهن ڪري تخليق، ايجاد ۽ حاصلات جي ارتقا بہ مثالي رهي آهي.

سنڌ ملڪ شروع کان ئي مختلف ڌرمي ۽ مذهبي فرقن، نظرين، فڪرن ۽ خيالن جي ماڻهن جو مسڪن رهيو آهي، ان هوندي بہ هن ملڪ جي رهواسين ۾ انتهاپسندي ۽ انسان دشمنيءَ جي بوءِ بہ ڪانہ رهي آهي. هرهڪ ڌرم ۽ مذهب جو انسان پنهنجي ڌرم ۽ مذهب جي تقدس جي بانديءَ خاطر ٻئي جي ڌرم ۽ مذهب جو احترام ڪندو آيو آهي. البت ڌارين جي آمد و رفت سبب ڌارين ۾ ئي ڌريون ٺهيون، جن ۾ سنڌين ڪڏهن بہ پاڳي پائيواري ڪانہ ڪئي، رهندو انهن کي صلح ڪُل جو سبق ڏيئي، انسانيت جو آواز بلند ڪري، ايڪي جو احساس پئي ڏياريو. ان صلح ڪل جي سبق ۽ ايڪي جي احساس جيڪو منفرد ماحول پيدا ڪيو. تنهن کي اسلام جي آمد کان اڳ ويدانت سڏيو ويندو هو ۽ اسلام جي آمد کانپوءِ تصوف ڇيو ويو. ويدانت جو مول متو اهو هو تہ "سڀ جو مالڪ هڪ آهي" ۽ تصوف جو بہ مکيہ نظريو وحدت الوجود آهي، جنهن جو سڀ کان اڳ باني ابو علي سنڌي هو. جو بايزيد بسطاميءَ جو استاد ۽ مرشد هو.

اسلام جي آمد کانپوءِ سنڌ جا مسلمان پنهنجي مذهب اسلام تي جنهن محبت ۽ سچائي سان پابند هئا، تنهن محبت ۽ عزت سان سماجي قدرن تي پڻ حقوق العباد موجب پڪا پختا رهندا آهن، جنهن ڪري گڏ رهندڙ هندن کي نہ ڪڏهن زبان مان ضرب رسي، نہ هٿن سان نقصان پهتو. ڪيترن شهرن جي پاڙن - پنبن ۾ تہ مسجدون ۽ مندر هڪ ٻئي جي پرسان يا آمهون سامهون اڏيل رهيا. نہ مسلمانن ڪڏهن انهن تي اعتراض اٿاريا نہ هندن! مسلمانن جي مسجدين مان بانگن جا آواز اٿندا تہ هندو هٿ جوڙي سيس نوائي چوندا: رحمي رحم ڪر! سچا سائين سمت ڏي!

سنڌ جي اهڙي صوفيانہ ماحول جو مسلمانن کانسواءِ هندن تي بہ ايترو اثر ٿيو جو ڪيترا هندو قرآن مجيد، احاديث شريف ۽ ٻين ڪتابن جو مطالعو ڪندڙ هئا. انهيءَ

ماحول ڪين اسلامي ڪتابن لکڻ تي بہ آماده ڪيو جنهن جو مثال مولانا دين محمد وفائي جي هڪ تحرير مان ملي ٿو. وفائي صاحب هڪ ٻئي هندو امر لال هنگوراڻي جي ڪتاب "مير محمد صلعم" پر لکي ٿو تہ:

"سنڌ جا هندو يا مسلمان سون سالن کان وٺي صوفين سڳورن جي صحبت ۽ سنگ ۾ هڪ ٻئي سان سلهاڙيا ۽ سنگهاڙيا پيا آهن. خاص طرح هنن ٻنهي ڌرين جي سنگم جو اصلي نقطو شاهہ ڀٽائي جو نوڙت ڀريو نماڻو ڪلام آهي. شاهہ سائينءَ جي شاهاڻي ڪلام کي سنڌو ديس وارا نهايت شوق ۽ ذوق سان پڙهندا ۽ ان مان لطف ۽ لذت حاصل ڪندا آهن.

سنڌ ۾ ڪوبہ تعليم يافتہ ۽ سمجهدار هندو اهڙو ملندو ئي ڪونہ. جنهن کي شاهہ صاحب سان محبت نہ هوندي ۽ سندس ڪلام کي پنهنجي شيءِ نہ سمجهندو هجي. سموري هندستان ۾ سنڌ تي هڪ اهڙو پوتر ديس آهي جتي هندو هڪ مسلمان صوفيءَ کي پنهنجو سمجهي ساڻس پيار ڪندا هجن ۽ هن جي ٻاڻين کي آسمان جي ٻاڻيءَ وانگي ڄاڻي عزت ڪندا هجن.

اوهانکي اعتبار نہ اچي نہ اجهو هيءُ ڪتاب "مير محمد صلعم" ناڻي پڙهي ڏسو تہ ڪيئن نہ هڪ هندو نوجوان مسٽر امر لعل هنگوراڻي، بي-ايہ ايل-ايل بي، شاهہ عبداللطيف عاشق جي حقيقي عشق واري آلاپ کي سامهون رکنديہ اسلام جي ٻاجهاري پيغمبر جي پاڪ حياتي لکي. سنڌ ديس جي نيڪ ڪردار ۽ نيڪ اطوار انسانن جي اصلي ارادن جي ڄڻ تہ ترجماني ويهي ڪئي. (وفائي)"

وفائي صاحب جي پيش ڪيل ان بيان مان ڪافي نتيجا حاصل ٿين ٿا. جن مان هڪ نتيجو اهو بہ حاصل ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌ جو سنڌي رهاڪو پنهنجي ڄاڻ، فهم ۽ احساس مطابق زندگي گذارڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندڙ رهيو آهي. ان لحاظ کان اهو ڪنهن بہ علم ۾ فرق يا تفريق جو قائل ئي ڪونہ ٿي سگهيو جو حضور ڪريم صلي الله عليہ والہ وسلم جن جي زرين قول مطابق: "علم حاصل ڪريو توڙي جو اوهان کي

سين (سنڌ) وچِٹو پوي" اهو تہ سڌو سنئون نبي ڪريم جن جي حڪم جي پيروي آهي.

**ڪتاب جو تعارف:**

نبي ڪريم صلي الله عليہ والہ وسلم جن جي پيروي جو سنڌ جي مسلمان ڇاٹن کان علاوه هندن وٹ بہ احترام ملي ٿو جنهن جو واضح ثبوت لالچند امر ڏني ملي جڳتياٹي جو حضور ڪريم صلي الله عليہ والہ وسلم جن جي حيات طيبہ تي لکيل ڪتاب محمد رسول الله (حضرت محمد جي حياتي جو احوال) آهي. جو 1911ع ۾ شايع ٿيو. هڪ سو اٺيتيهن صفحن تي مشتمل ان ڪتاب جي بين اوصافن تي گفتگو ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪتاب جي متعلق مولوي عبيدالله ناظم جمعيتہ الانصاف ديوبند و قاسم المعارف سنڌ جو رايو پيش ڪجي ٿو: مولوي عبيدالله لکي ٿو تہ:

"جنهن وقت کان "قرآن جو بنياد" نالي رسالو ڪرسچن سوسائٽيءَ جي هڪڙي سرگرم ميمبر جي طرفان سنڌ ۾ پڌرو ٿيو ۽ خدا جي هڪڙي سچي اولو لعزم پيغمبر جي بہ نسبت ناواقف طبيعتن ۾ شڪن پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۾ آئي، تنهن وقت کان وٺي منهنجي خيال ۾ حڪمت الاهي جي ڪشش هيءَ هئي تہ اُن خاتم المرسل جي صحيح مختصر سوانح عمري سليس سنڌيءَ ۾ ڪنهن "غير مسلم" جي طرفان پڌري ٿئي.

"مونکي ڏاڍي خوشي ٿي جڏهن "محمد رسول الله" نالي رسالي جو مسودو منهنجي نظر مان گذريو ۽ اڄ اُنجي ڇپيل ڪاپي مون وٹ آهي. ۽ يقين اٿم تہ جيڪو صدمو اسان کي هڪڙي عيسائيءَ پهچايو هو اُن جي هڪڙي حد تائين تلافي ٿي ويئي. لائق مصنف، جو هندو ڌرم جو آهي. ۽ پنهنجي ڌرم جو محقق آهي، تنهن خاص انصاف پسنديءَ سان، سچائي جي مدد ڪرڻ ۾ جيتري قدر محنت ڪئي آهي، تنهن بابت اُن جي شڪرگذاري ڪرڻ گهرجي، ۽ اُن جي پڌري ڪرڻ ۾ گهٽ کان گهٽ ايتري قدر جوش تہ ضرور ظاهر ڪرڻ گهرجي جو

> مصنف اُهو ڪتاب ايتري قيمت ۾ ڏيئي سگهي جنهن قيمت ۾ اُهو عيسائيءَ جو رسالو وڪامي ٿو." (مولوي عبيدالله، 1911ع، ص.139).

اهڙو ئي ٻيو رايو سنڌ مدرسة الاسلام جي استاد ۽ عالم مولوي محمد عثمان نورنگزادي صاحب جو هن ريت لکيل آهي:

> "حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي حياتيءَ بابت جيڪو ڪتاب "محمد رسول الله" نالي مسٽر لالچند، ماستر مدرسة الاسلام جوڙيو آهي، سو سڄو مون مطالعو ڪيو. اگرچ مختصر آهي پر انهين اختصار هوندي هو گهڻين ڳالهين ضرورين جو حاوي آهي. مسٽر لالچند جو اهو ڪم بيشڪ آفرين جوڳو آهي، ڇو تہ هن بحيثيت هندو ڌرم هئڻ جي جا تحقيقات ۽ انصاف پسندي ڪم ۾ آندي آهي، سا بلاشڪ هن جي منصف مزاجي ۽ علمي تحقيقات جي گواهي ڏئي ٿي. مسلمان بيشڪ ٻي ڊپا ٿي هي ڪتاب وٺن، ۽ چڱي طرح سان اُن کي پڙهن، ڇو تہ اهو ڪتاب سچين تاريخن ڪان ورتل آهي." (نورنگزادو 1911ع، ص.4)

هن ڪتاب ۾ مصنف هيءَ عنوان قائم ڪيا آهن: (1) آڳاٽا عرب، (2) عربن جو مذهب، (3) حضرت محمد صہ جو اصل نسل ۽ ٻالاپڻ، (4) خديجہ سان نسبت، (5) ملڪ جو اونو (6) عثمان عيسائي، (7) سنگ اسود، (8) زيد، (9) واحد در و ينتيون، (10) مشاهدو (11) محمد صاحب، (12) پهريان مسلمان، (13) ورقہ، (14) قريشي ڪٽِيل، (15) لوڀ جي لالچ ۽ حضرت جو جواب، (16) قريشين جا قهر، (17) لڏپلاڻ، (18) عمر ڪيئن مسلمان ٿيو؟، (19) ٻہ ڪاپاري ڏڪ: حمزه ۽ عمر، (20) طايف وارن وٽان تڙجڻ (21) مطعم جي مروت، (22) طفيل، (23)بيبي عائشہ سان مڱڻو (24) بي بي سوده سان نڪاح، (25) معراج، (26) مديني وارن جي مرجادا (مرياده)، (27) قريشين جي ڪاوڙ (28) مسجد جو مانداڻ، (29) خيرات، (30) خدا، (31) فرشتا، (32) عائشہ سان نڪاح، (33) علي ۽ فاطمہ جو پرڻو (34) حضرت محمد صہ جو ڪاڏو خوراڪ وغيره، (35) حضرت محمد صہ جي هلنديءَ (36) بدر جي لڙائي، (37) وري

قريش، (38) ٻہ پرڻا، (39) احد جي لڙائي، (40) يهودين جي اٿبٽت، (41) نئون دشمن، (42) خندق جي لڙائي، (43) بنو قريظ وارن کان بدلو (44) ساٿيهہ سندي سار (45) حديبہ جو عهدنامون، (46) ڳرو ڪم، (47) اُمہ حبيبہ سان نڪاح، (48) ميمونہ سان نڪاح، )49) موتہ جي لڙائي، (50) قريش ڪوڙا، (51) مڪي تي چڙهائي، (52) وري هڪڙو نئون دشمن، (53) سالِ و فود، (54) تبوڪ جي لڙائي، (55) طي وارن تي توهہ، (56) ڪل عرب مسلمان، (57) چلڻ سندا چاڻ، (58) پوين حج، (59) ٻہ ڪذاب، (60) پڇاڙي

هن ڪتاب لکڻ لاءِ مصنف جن ڪتابن تان استفادو ڪيو آهي انهن ۾: 1. سوانح عمري حضرت محمد صلعم، (اردو) مصنف بابو پرڪاش ديو 2. صحيح بخاري اردو 3. مسدس ابوجهل مصنف ابوجهل.

1. “Sayings of Muhammad" Dr. Suhrawardy, L.L.D.
2. "Spirit of Islam" Rt. Hon. Mr. Amir Ali.
3. “Four Great Religions" Mrs. Annie Besant
4. Life of Mohamet" Washington Irving,
5. "Heroes and Hero Worship" by Garlyle.

لالچند جڳتياڻي پنهنجي تصنيف لاءِ لکي ٿو تہ:

> "هن کي ٽيرس لڳندو تہ "هي هندو هن چو مسلمانن جي نبيءَ جو احوال لکيو؟" ڪن کي دل ۾ ايندو تہ بس! مڙس ويو. چاڻ شيخ ٿيو." ڪن کي تہ سائين اٿين ٻہ ٻولائيندو هو تہ "اجهو خوشامدڙيو!" مطلب تہ جيترا ماٿهو اوتريون ڳالهيون. ماڻهن جا وات بند ٿيڻ جا نہ آهن. کوهن جا وات بند ٿي وڃن، ماڻهن جا وات بند نہ ٿين.
>
> هر سال ڳچ جيترن مسلمان ڇوڪرن جون ٻانهون مونکي سپرد ٿيون ٿين. ڏسان ٿو تہ پنهنجي نبيءَ سڳوري صہ جي نسبت گهڻو ڪري ڪوري جا ڪورا آهن. ٻيون ڳالهيون عجيب غريب روزمره پيا ٻڌن، پر نبيءَ سڳوري جي احوال مان نهايت غير واقف آهن.
>
> مون هيءَ ڪتاب لکيو آهي تہ مسلمانن خصوصن ننڍيءَ ٿهيءَ وارن جون اکيون پٽجن، ۽ پنهنجي نبيءَ سڳوري جو احوال پڙهي ڏاها ٿين.

شڪار ٿي ائين نہ ڪيائين. ويچار جي ڳالھہ آهي تہ 50 ۽ 60 ورهين جون پوڙهيون عورتون، نڪاح وڏائين انهن سان. ٻيو وري پاڻ بہ هو 50 ورهين کان ٻاهر.

اميد اٿم تہ جا مراد من ۾ پائي ڪتاب لکيو اٿم سا پوري ٿيندي.

پڙهندڙ کي نيڪروشن هجي تہ هن ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ مونکي مولوي عبيدالله صاحب ڳوٺ پير جي جهنڊي واري ۽ مولوي محمد علي شاهہ معلم فارسي سنڌ مدرسہ واري کان نهايت گهڻي مدد ملي آهي، جنهن لاءِ آءٌ سندن تهدل شڪر گذار آهيان.

راءِ:

لالچند امر ڏني مل کي هن ڪتاب لکڻ تي جس تہ ڏئي سگهجي ٿو مگر جنهن هستيءَ لاءِ قلم کنيائين تنهن جي شان وٽان ٻوليءَ جو گهربل اسلوب بهتر تہ چئي سگهجي ٿو پر سو سيڪڙو صحيح محسوس ڪونہ ٿو ٿئي، جنهن جو هڪڙو سبب اهو آهي تہ سندس تخاطب جو صيغو واحد وارو آهي. مثال: "هو لکي ٿو تہ حضرت محمد جي پيءُ جو نالو عبدالله هو ۽ سندس والده جو نالو بي بي آمنہ. سندس ڄمڻ وقت پٽس حيات نہ هو چوويهن ورهين جي ڄمار ۾ بي بي آمنہ سان وهانو ڪيو هواءِ ۽ هن ويچاري اڃا پهرين مراد بہ نہ ڏٺي هوئي، تہ ڪيس ڪنهن تجارتي قافلي سان شام جي سفر تي ويٺو پيو جتان موٽندي ناچڱو ٿي پيو ۽ مديني ۾ ٿي دم ڏنائين." (جڳتياڻي 1911ع، ص_7)

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو تہ: "لالچند امر ڏني مل، محمد رسول الله ڇپايو جنهن ۾ هن هندو عالم مسلمانن جي پيغمبر سڳوري جي زندگيءَ جو احوال ۽ سندن ديني اصول نهايت چاڻ ۽ همدردي سان پيش ڪيا هئا. جنهن ڪري ڪجھہ وقت اُتس نالو ئي لال محمد پئجي ويو هو." (ملڪاڻي، 1968ع، ص. 224)

لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي ڪتاب جي متن ۾ عنوان کان علاوہ شخصيتن جي نالن کي بولڊ ڪيو آهي، تہ جيئن خبر پوي تہ مصنف انهن لفظن کي وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو. سندس عبارت آرائي چند سنڌي لفظن سان آراستہ ٿيل آهي ۽ اختصار کان ڪم وٺندي هن مقصد تي وڌيڪ ڌيان ڏريو آهي. ضرورت مطابق قرآن جون آيتون پيش ڪري انهن جو ترجمو پڻ ڏنو آهي، اهڙي طرح ڪٿي ڪٿي شاهہ جي بيت جي ڪا

ٽڪ بہ ڏني اٿس. سنڌي ٻوليءَ جو هي جهونو اديب پنهنجي منفرد انداز جي ڪري پنهنجي دور ۾ مقبول ۽ مشهور رهيو.

لالچند امر ڏنو مل جڳتياڻي سنڌ جو منفرد مزاج عالم ۽ اديب هو. سن 1885ع ۾ ڄائو ۽ 18 اپريل 1954ع تي بمبئي ۾ اُٺهتر سالن جي ڄمار ۾ چالاڻو ڪيائين. سڄي زندگي سرير ۾ سائين جي سار ۽ هٿ علم جي ڪار ۾ صرف ڪري ساعت ساعت سجائي ڪيائين. جنهن بہ ڪيس ڏٺو تنهن سندس نماڻي صورت کي ساراهيو ساڻس سنگ وارن پڻ ساراهيو ۽ ڳُڻن جا ڳيچ ڳايا. ادب جي هرهڪ صنف تي هٿ پڇندي هئس. هونئن بہ استاد هئڻ ڪري هزارين ڪتاب پڙهيائين ۽ هزارن کي پڙهايائين. نور نچوئيندي "عمر مارئي" ڊرامو "ڦلن مُٺ" ۽ "سدا گلاب" نالي مضمونن جا مجموعا لکي ڇپايائين. شاهہ لطيف سان عشق هوس. ڪهڙو سُر يا بيت هو جو هن ساڙوءَ جي ساهہ ۾ سمايل نہ هجي. شاهہ جي "سُر ڏهر ۽ ان جي تشريح" نالي ڪتاب تہ لکيائين پر ان سان گڏ هڪ ڪتاب "لڱ نئڊو جيءَ گهٽو" بہ رقم ڪيائين. انهن ڪتابن کان علاوه "سيڻ ڪي ويڻ"، "نقد ڌرم"، "چوٽ جو چنڊ"، "ڪشني جا ڪشٽ"، "ڏکن ڏڌي زندگي"، "شاهاڻو شاهہ"، "سچل سونهارو"، "بيرنگي باغ جو گل سنڌي"، سندس قلمي جهد جو نتيجو آهن. حيدرآبادي هئڻ جي ناتي رابندرناٿ ٽئگور ناٽڪ منڊيلي ۽ سنڌي ساهت سوسائٽي برپا ڪري حيدرآباد ۾ علمي ۽ ادبي ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ ڄاڪوڙ ۾ ڀرپور ورتائين. جنهن ڏينهن بمبئي ۾ سندس پساهہ جي پکيئڙي پڙڪو کاڌو تنهن ڏينهن بمبئي جي سهاري مدراس ۾ سنڌي ساهت سميلن سِٽيو ويو هو ان ۾ هن ڪاڪي کي "سنڌي ادب تي تبصرو" جي عنوان سان پيپر پڙهڻو هو پر ان ڏينهن اگهائي سبب اتي حاضر ٿي نہ سگهيو. اتي سندس مقالو جنهن مهل پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پڙهيو رهيو هو عين ان مهل هن دنيا سان پنهنجا ناتا ٽوڙي ڇڏيا.

**نتيجا**

1. سنڌ جو هندو پنهنجي ڄاڻ، فهم ۽ احساس مطابق زندگي گذارڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندڙ رهيو آهي. اهو ڪنهن بہ علم ۾ فرق يا تفريق جو قائل ٿي ڪونہ ٿي پڻي سگهيو.
2. سنڌي ٻولي جي موجوده الف ب جي نئين تشڪيل کان اڻونجاهہ سال پوءِ سيرت مبارڪ تي ڪنهن غير مسلم جو هي پهريون طبعزاد ڪتاب آهي.
3. سنڌ ۾ سيرت مبارڪ تي مسلمانن کان علاوه هندن بہ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم پڻي ڪيو. ان سلسلي ۾ ترجمي ۽ طبعزاد صورت ۾ ٿي ڪتاب ميسر ٿي سگهيا آهن.
4. لالچند امر ڏني مل جڳتياڻي هڪ استاد جي حيثيت سان مسلمان شاگردن کي تعليم ڏيڻ لاءِ بنا ڪنهن مذهبي مت ڀيد جي پنهنجي منصب جي جنهن مقام ۽ مرتبي جو مثال قائم ڪيو آهي سو بيشڪ ڪيس هڪ صحيح استاد جي حيثيت ڏياري ٿو.

5. سنڌي نثر جي تاريخ لالچند امر ڏني مل جي ان ڪوشش کي ڪڏهن بہ فراموش ڪري نہ سگهندي

6. لالچند امر ڏني مل، ڪتاب ۾ جنگين ۽ حضور ڪريم صلي الله عليہ والہ وسلم جي نڪاحن متعلق جيڪي دليل ۽ نتيجا ڏنا آهن سي سندس ڳوڙهي مطالعي جو نتيجو چئي سگهجن ٿا.

7. لالچند امر ڏني مل جي ڪتاب جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ هڪ غير مسلم هئڻ جي باوجود بہ هو پيغمبر اسلام جي گهڻ طرفي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ مطالعو ڪندو پئي رهيو.

8. سيرت مبارڪ تي لکيل هن ڪتاب ۾ سٺ موضوعن تي مختصر پيرايي ۾ ڏنل جامع معلومات مصنف جي اسلوب نگاري ۽ قابليت جو دليل آهي.

9. سنڌ ۾ سيرت نگاري تي جيڪي بہ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، انهن ۾ هن ڪتاب جي منفرد حيثيت چئي سگهجي ٿي.

10. تحقيق سان دلچسپي رکندڙ اسڪالرن کي کپي تہ هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت تي پنهنجي راين جو اظهار ضرور ڪن.

## حوالا


1. هنگوراڻي، امر لال وسڻ مل: "مير محمد عربي" 1947ع سچائيپ لاءِ ڪچهہ اڪر (مهاڳ): دين محمد وفائي: ص ص. 2_3

2. لالچند امر ڏنو جگتياڻي، "محمد رسول الله صہ" (حضرت محمد صلعم جي حياتي جو احوال) مولوي عبيدالله، 1911ع ص.139.

3. لالچند امر ڏنو جگتياڻي، محمد رسول الله صہ (حضرت محمد صلعم جي حياتي جو احوال) نورنگزادو 1911ع، ص.4.

4. لالچند امر ڏنو جگتياڻي، "محمد رسول الله صہ" (حضرت محمد صلعم جي حياتي جو احوال) نورنگزادو 1911ع، ص.7.

5. ملڪاڻي منگهارام، پروفيسر، "سنڌي نثر جي تاريخ"، 1968ع، ساهتيہ اڪيڊمي دهلي، ص.224.

.6 Grad Gnga Ram: International Encyclopedia of Indian Literature, Vol.VIII (Sindhi), PP-84-85

سيد محمد اشرف شاهہ
ڊاڪٽر نور محمد شاهہ

# سيد محي الدين شاهہ "اعجاز راشديءَ" جي سُر سارنگ ۾ شاعري

# SYED MOHI-UD-DIN SHAH "AIJAZ RASHDI'S" POETRY IN SUR SARANG

**ABSTRACT**

In this paper I have analyzed the Poetry of Sur Sarang composed by Syed Mohi-Ud-Din Shah "Aijaz Rashdi". Sarang is a tune of music and it is also a name of cloudy weather. In this Sur Aijaz Rashdi has depicted clear sceneries of cloudy weather with combine images of natural beauty of Sindh. These poetic images make easy to understand aim of poetry for readers. All classical poets have considered Sarang as metaphor of the mercy of Allah. All creatures, whole mankind, especially Farmers, Poor People and all other living beings become prosper with the raining, especially in moon soon. Aijaz Shah Rashdi has also considered Sarang as metaphor of the mercy of Allah and has depicted the picture of spirituality of Sindh under clouds showering blessings of Allah.

رب ڪريم هن سونهن ڀريي سنسار ۾ ڪل جيوت لاءِ سندن ماحول ۽ مزاج مطابق ڪئين فطري اسباب خلقي ڇڏيا آهن جيڪي سندن سياءُ کي فطرت سان هم آهنگ بڻائي کين سرور بخشين ٿا. جنهن سان منجهن نراليون آسون، اُمنگون، اُڌما ۽ پُور اٿين ٿين ٿا. انسان جي اندر جي احساس ۽ جذبن جو سنبنڌ مندن ۽ موسمن جي مٽا سٽا سان گهرو پئي رهيو آهي. بهار بسنت، سانوڻ جا مينهن، واهڙ وهڻ، ملهاري ٿيڻ، اتر لڳڻ، پورب پلٽڻ، سر نسرڻ، پوکون پچڻ، جهولا ۽ لُڪون لڳڻ، هي سموريون مندون موسمون انساني ڪيفيتن ۾ عجيب اُٿل پٿل آڻين ٿيون. سانوڻيءَ جي مند ۾ انڊلٺ ريکائن جيئن ڪئين من موهيندڙ منظر ڪي ٿي. ساوڻ جا مينهن، جهڙ، اس، گهٽائون، هوائون ۽ طوفان پنهنجي مند جو نرالو ماحول جوڙين ٿا. جڏهن سج پنهنجي لڳاتار ساڙيندڙ شعلن سان ڌرتيءَ جي گولي کي تپائي تامو ڪري ڇڏي ٿو تڏهن ساهوارن ۾ بيقراري ۽ بيتابي پيدا ٿئي ٿي، وڻ ٽڻ، گل گاهہ ٻوٽا وليون ڪوماڄي سڪڻ لڳن ٿا. ندين ۽ واهن ۾ آبي اٽاٽ ٿي پوي ٿي. گرميءَ جي تپش هر جيءَ کي جهوري وجهي ٿي، هر طرف ماحول ناخوش ۽ اباٽڪو ٿي وڃي ٿو مارو ماڻهن جا مويشي بکن سبب ڏبرا

نظر اچن ٿا. هاري ان پاڻي جي کوٽ سبب حيران پريشان نظر اچن ٿا. اهڙي حال ۾ هر ماڻهوءَ، پکي پکڻ، جيت جانور جي اُپ ڏانهن اک هوندي آهي تہ ڪڏهن ٿيون رحمت ۽ برڪت جون ڪڻيون ڪرن. ڪڏهن ٿو ساونڻ ميگهہ ملهاري ڪري سانگين ۽ جهانگين کي آسودو ڪري. ڪڏهن ٿا بادل بر ۾ برسي گلگلزاري ڪن ۽ ڪڏهن ٿي آسروندن جي آس پوري ٿئي. پوءِ جڏهن مالڪ مهر ڪري پنهنجي ڪرم جا ڪڪر موڪلي ٿو ۽ آگم ڪري، هوائون هلائي، جهڙ ڦڙ لائي مينهن کي موڪل ڏئي ٿو تہ برسات جو وسڪارو پلر پلٽائي، نديون ۽ نارا، تل ۽ ترايون، ڍنڍون ۽ ڍورا هڪ ڪري پوري وايومنڊل کي مهڪائي ڇڏي ٿو. هر سوءِ بوند بهار حسن هبڪار ۽ ٺڏڪار ٿيو وڃي، تن بدن جي تئونس اُجهاميو وڃي، ڌرتيءَ تي هر شيءِ ڌوپيو اڇي اجري ٿيو پوي، پکي مٿي لات لنوڻ لڳن ٿا تہ جانور خوشيءَ مان ٽاڏون ڏيڻ لڳن ٿا. رُت نري پٽي ٿي، ڌرتي گاهن گلن سان سينگارجو وڃي ٿي، من موهيندڙ منظر ۽ گلن جي خوشبوءِ من کي مهڪائي تن کي تازو ڪريو وجهي ٿي. رُٺل پرچيو پون، پرديسي پرين وطن موٽيو اچن، جڻ عيدون ٿيو وڃن، ٿنهن ۾ منڊليون مچيو وڃن.

مُشڪان موچاري سنڌ ۾ ڪيترائي ڪلاسيڪي توڙي جديد دور جا اهم شاعر ملن ٿا جن سر سارنگ ۾ خوب طبع آزمائي ڪري ساونڻ جي مينهوڳي مند جي منظرن ۾ پنهجي جذبن احساسن ۽ مشاهدن جا عجب عڪس، رنگ ۽ معنائون ظاهر ڪيون آهن. اهڙن نمايان شاعرن ۾ جديد دور جو صوفي شاعر سيد محي الدين شاه "اعجاز راشدي" پڻ هڪ آهي. سندس شاعريءَ جي مجموعي "سخن اعجاز" ۾ سر سارنگ بہ موجود آهي جنهن ۾ سارنگ جا ايڪيهہ بيت، ڇهہ ڪافيون، هڪ وائي ۽ هڪ سرائڪي زبان ۾ رچيل ڪافي موجود آهي. پاڻ سارنگ ۾ عشق ۽ عمل جا نت نوان نياپا، نوان موضوع ۽ نيون معنائون رچيون اٿن. جن ۾ توحيد، ڌڻيءَ جو حمد وثنا، رسو الله جو شان ۽ محبت، حب الوطني، عالمي اتحاد، مساوات، نيڪي ۽ اخلاق جا موضوع بہ شامل آهن. جن کي محاڪات، تشبيهہ، استعاري، تجنيس ۽ ٻين فني خوبين وسيلي جمالياتي معنائن ۾ پيش ڪيو اٿن. سائين جي ڪلام ۾ سر سارنگ جي اپٽار ڪرڻ کان اڳ سر "سارنگ" جي موسيقي، راڳ، موضوع ۽ مضمون جي چند ڇاڻ ڪرڻ ضروري آهي.

سارنگ جهڙ ڦڙ مينهوڳي موسم جو نالو بہ آهي ۽ هڪ راڳڻي جو نالو پڻ آهي. مينهوڳي مُند کي ساونڻ بہ ڪوٺين تہ ملهار جي مند بہ. ملهار پڻ هڪ موسيقي جي هڪ راڳڻي آهي، لهذا سارنگ، ساونڻ ۽ ملهار هڪ ئي مقصد ۽ مفهوم سان مينهن جي موسم لاءِ ڪتب آندا ويندا رهيا آهن. سارنگ ۽ ملهار جون راڳڻيون پڻ جهڙالي رت سان سلهاڙيل آهن ۽ ان جو موضوع پڻ مينهن جي وسڻ کان اڳ ۽ پوءِ ڌرتيءَ جي حسناڪي، دلڪشي ۽ ماڻهن جي آسن اميدن جي اولڙو پسائي ٿو. سنڌي انسائيڪلو پيڊيا ۾ موسيقي جي لحاظ کان سر سارنگ جي وضاحت هن ريت ملي ٿي:

"راڳ جي دنيا ۾ سارنگ کي بنيادي ڇهن وڏن راڳن مان ٽئين نمبر راڳ ميگهہ جو پٽ، ۽ ملهار کي ميگهہ جي زال ڪوٺيو ويو آهي، اهو ان ڪري جو اهي ٽئي هڪ لڙھ جا راڳ آهن. هنن جي ڳائڻ جو وقت ۽ موسم پڻ ساڳي آهي. راڳ جي پارکن جو چوڻ آهي تہ اهي راڳ جي صحيح سُر تال ۽ ترتيب سان ڳائبا تہ آسمان ۾ جهڙ ظاهر ٿي پوندو آهي ۽ مينهن بہ وسڻ لڳندو آهي." (1)

سر سارنگ بابت اهڙي وصف ڪلياڻ آڏواڻي جي مرتب ڪيل "شاهہ جي رسالي" جي سر سارنگ ۾ پڻ ملي ٿي، هو لکي ٿو تہ:

"سارنگ ميگهہ راڳ جي ائن پٽن مان هڪ آهي، ملهار وري ميگهہ جي پنجن زالن مان هڪ آهي، ميگهہ، ملهار ۽ سارنگ ٻوليءَ جي لحاظ کان هڪ ئي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن. ٽنهي کي باترتيب ڳائڻ سان آسمان ۾ جهڙ لڳيو وڃي ۽ مينهن اچيو وسي. ڪن صاحبن جو چوڻ آهي تہ سارنگ هڪ پکيءَ جو نالو آهي، جنهن جي مٺن ۽ درديلن آلاپن مان هڪ سُر ورتو ويو آهي." (2)

سرسارنگ موضوع جي لحاظ کان بہ دلچسپ ۽ اهميت وارو آهي، منجهس زندگي سان وابستہ هر شيءِ جو ذڪر ملي ٿو خاص ڪري قدرتي نظارن، ماروئڙن ۽ سانگيئڙن جي مکيہ گهرجن ۽ اڏمن جو اظهار، ديس جي خوشحالي لاءِ دعائون ۽ اميدن جي ساپيائن جا اهڃاڻ پڻ ملن ٿا.

سنڌي انسائيڪلوپيڊيا ۾ سارنگ جون لفظي معنائون ۽ اُن جو راڳ سان تعلق هن طرح ڄاڻايو ويو آهي:

"سارنگ قديم سنڌي لفظ آهي جيڪو مينهن، برسات واري معنيٰ رکي ٿو. سارنگ لفظ سنسڪرت ٻوليءَ ۾ بہ موجود آهي جنهنجي معنيٰ آهي مور جي ٻولي." اڳتي

لکيل آهي تہ : "هي سمپورن راڳ جي قسمن مان هڪ آهي هن راڳڻي جا سُر حقيقي معلوم ٿيندا آهن هي راڳ ٻن پهرن جو ڳايو ويندو آهي. شاسترن ۾ هي راڳ ڀلارو ڄاڻايو ويو آهي. سنڌي جي مشهور ڊڪشنري شبد ساگر ۾ هن جي معنيٰ ميگهہ. بادل. بسنت ۽ ڪنوڻ بہ ڄاڻايل آهي." (3)

گذريل وقت ۾ عام طور پوکي راهي وسَ تي ٿيندي هئي جنهنڪري مينهن وسڻ سان ماڻهن جون خوشيون وڏي ويندڙيون هيون. انهيءَ پسمنظر ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ: "ماضي ۾ هڪ وڏي عرصي تائين سنڌ جي ڪافي حصي جي زرعي آباديءَ توڙي مال جي پرورش جو مدار مينهن تي رهيو آهي انهيءَ ڪري ساوڻ جي وسَ کي ڌڻيءَ جو راضپو ۽ رحمت تسليم ڪيو ويو آهي. ٻئي نڪتہ نظر کان نبي صلعم جن جي آمد سان اسلام جو فيض ملڪان ملڪ عام ٿيو انهيءَ ڪري اهلِ دل صوفين درويشن سارنگ کي نبي صلعم جي آمد ۽ فيض جو منظر ڪري مڃيو آهي. مولانہ رومي توڙي سنڌ جي بزرگ شاعرن مثلاً: شاهہ عنات. شاهہ عبداللطيف رحہ. خليفي صاحب ۽ ٻين انهيءَ معنوي نڪتي کي تمثيل طور بيان ڪيو آهي." (4)

سنڌ ۾ سارنگ جو موضوع سڀ کان پهرين شاهہ عنات وٽ ئي ملي ٿو جنهن هن سُر ۾ چوويهہ بيت ۽ هڪ وائي چئي آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ: "سارنگ جي سُر ۾ سڄڻ ۾ مينهن جي سرهائي واري مضمون جو غالباً ميون شاهہ عنات موجد ۽ باني مباني آهي." (5) سُر سارنگ جي موسيقي جي ابتدا جي حوالي سان ڪتاب شاهہ جو راڳ جي سر سارنگ ۾ ايڊيٽر پنهنجي نوٽ ۾ ڄاڻائي ٿو تہ: "هي سر ڪافي ٺاٽ مان ورتو ويو آهي هن ٺاٽ کي مشترڪ ٺاٽ بہ چيو ويندو آهي. ڪافي ٺاٽ تمام مشهور ٺاٽن مان هڪ آهي اڳتي لکي ٿو تہ هي مسلمان ڳائڪ مڏو نائڪ سيد نظام الدين جي تخليق آهي." (6)

مٿين حوالن مان سر سارنگ جي موسيقي ۽ موضوع جو پلي پٽ پتو پئجي چڪو هوندو. هن هيٺ پير اعجاز راشدي جي ڪلام ۾ سر سارنگ جي اپٽار ڪجهہ ڪلاسيڪي شاعرن جي مثالن ۽ حوالن سان ڪجي ٿي تہ جيئن اعجاز راشديءَ جي سر سارنگ جي ڪٿ ڪري سگهجي. اعجاز سائين ساوڻ رت کي ڀلارو ٿو تصور ڪري ڄاڪاڻ ساوڻ جي اچڻ سان هر طرف سڪار ٿئي ٿو نہ فقط ايترو پر مينهن پوڻ سان هر جاندار خوش نظر اچي ٿو ۽ ان خوشحالي جو ڪارڻ ڌڻيءَ جي ٻاجهہ ۽

جڏهن مند ملهاري ٿئي ٿي تہ وطن خوب وسي ٿو تہ ٿرن ۽ برن ۾ گل گلزاري جون بازاريون لڳيو وڃن. تڏهن من موجون هڻي پنهنجا سڄڻ ۽ سيڻ سلري ٿو ۽ چئي ٿو تہ سڄڻ سواءِ سانوڻ ڪهڙو، جو تہ پرين اچي تہ جڻ سانوڻ بہ اچيو وڃي ۽ ڏکن ڏولاون کي جڻ سنگهر لڳيو وڃي پوءِ تہ بس رهاڻيون ۽ رنگ رچيو پون اهڙا استعارا ڏسو هن بيت ۾:

سانوڻ آهي سڄڻ سان، سڄڻ ٿئي آ سانوڻ،
اچي جڏهن "اعجاز" چئي، ڏکن پئي ڏانوڻ،
رنگ لڳي رانوڻ، ٿئي آوس وس وصال جي.

سنڌ جي سدا حيات آفاقي شاعر ڀٽائي رحہ جيئن پنهنجي وطن سنڌ سان گڏ پوري عالم جي سک لاءِ دعا گهري آهي

سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

ساڳي طرح اعجاز سائين بہ عالم جي آسودگي ۽ خوشحالي لاءِ ٻاڏايو آهي چئي ٿو سارنگ جي سنڀال ڪرڻ تي سيئي ملڪ سڪيا ٿيا آهن هر پار ڏي مينهن وٺا آهن انهن وٽ مزا لڳي ويا آهن اڳتي چئي ٿو تہ ڪڪرن کي بہ اهو حڪم آهي تہ هر ديس تي وسڪارو ڪري آسروندن جو اميدون پوريون ڪريو. شاعر جي شاهوڪاري ڏسو هنن سٽن ۾:

سارنگ سارون لڌيون سرها ٿيا سڀ ديس،
هلي وٺا هر پار ٽيڙا اوج اعجاز چئي،
حڪم هي آ هلي هر جاءِ همہ هر ديس تي هس وس.

سندس ڪلام ۾ ملڪ جي ماڻهن لاءِ محنت ۽ جدوجهد جو پيغام پڻ سمايل آهي چئي ٿو ڪارن ڪڪرن پنهنجي ڪمانن سان سج کي قبضي ۾ ڪري وسڪارو ڪيو آهي رب پاڪ جي امر سان ڪين رزق رسائڻو آهي پر هاري! اوهين بہ الله جل جلالہ جو احسان مڃي، هر هٽ ۾ ڪري محنت جي ميدان ۾ مانجهي مرد ٿي ملهايو تہ توهان جا ٻيڙا پار ٿين.

ٻئي هنڌ ڪارن ڪڪرن جي وري ڪارن وارن سان مشابهت ڏني اٿن جيڪا عام شاعرن پڻ استعمال ۾ آندي آهي. ساڳي بيت ۾ ٻي تشبيهه، وس ٽيڻ ڪانپوءِ جيڪو ڌرتيءَ تي گاهن، گلن ۽ ٻوٽن ولين جي ڀانت ڀانت رنگن جو سينگار ٿيندو آهي شاعر سنڌ جي اهڙن ٻٽن ۽ ٻوٽن کي سنڌ جي مشهور شهر نصرپور جي کيسن سان ڀيٽايو آهي:

ڪي بگا ڪي ٻيوتڙا، ڪي ڪارا جهڙا کيس،
ڪڪرن ڪيا قسمين قسمين وسڻ ڪارڻ ويس،
ڀهڪن ٻيلا سنڌ جا، باغن حسن هُميس،
جهڙا نصرپوري کيس، تهڙا پٽ سونهاري سنڌ جا.

اهڙي طرح ڪجهه بيتن جي هيٺين سٽن ۾ به تشبيهه جو فن ڪمال درجي تي پهتل ٿو ڏسجي، جن ۾ شاعر پاڻ کي جهڙ سان تشبيهه ڏني ٿو ته ڪٿي ڪڪرن جي رنگن کي گهوڙي جي ڳاڙهن ۽ سفيد ڇٽن واري رنگ سان مشابهت ڪري ٿو ته ڪٿي ڀلاري پوڙءِ جي حسناڪي جي ڀيٽ قابل جي قالين سان ڪري ٿو. ملاحظ ڪريو:

1. اڄ منيگهه پي مست ٿيو آئون به چو نه پيان،
پي پيالا پريم جا، لنئون لنئون ڳگ ٿيان،
بادل جيئن برخيز ٿي ڏيهن رنگ ڏيان،
دلربا جي ديس تي نجا بحر نيان،
جانب پسي جيان، امر ٿيان اعجاز چئي.

2. ڪي بگا ڪي ٻيوتڙا ڪي ابلق جي آچار،
منڊائتي مينهن جا ڪڪر ڪلادار.

3. جهڙا قابل جا قالين، تهڙا پٽ سونهاري سنڌ جا.

سر سارنگ ۾ اعجاز سائينءَ سنڌي شاعريءَ جي ڪلاسيڪل صنفن وائي ۽ ڪافي ۾ پڻ ڪلام چيو آهي، جن ۾ نت نرالا موضوع به آهن ته موسيقي ۽ رواني به ملي ٿي. ڪافي ۾ وسندڙ مينهن مان پيدا ٿيندڙ قدرتي گوناگون آوازن کي موسيقي جي سازن سان مستعار ڪيو اٿن. جيئن ڪڪرن جي گُڙڻ گجڻ جا ڪڙڪات، تيز هوا جا زوزاٽ ۽ گهوُگهاٽ. مينهن جي ڦڙين جو ڇپڪو ۽ ڇڇڪو وڻن جي جهومڻ جو ٺهڪو شين جي ڪرڻ جو ڦهڪو وغيره. مينهن جي اهڙي ڇيچ کي خوشحالي جي

